جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي

شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڪاڪ
ڪَکوريا ڪاپڙي

—— شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

soorihsindhiadab

ڇپائيندڙ : ساهت سڀا پبليڪيشن، الهاس نگر (ڀارت)

ڇپيندڙ : جگديش پرنٽرس، الهاس نگر (ڀارت)

سال : ڊسمبر 1987ع

قيمت : 40 روپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوڀي گيانچندائيءَ جي نالي

"عاشق زَهر پياڪَ، وِهُه ڏسيِ وهسن گهڻو"

— شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"جي ڪاڪِ ڪَڪوريا ڪاپڙي، تن لَهي نہ لالِي"

— شاهہ

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فهرست

صفحو

خط

- سکر مان جون ۽ جولاء ۱۹٦۱ع ۾ لکيل ٻه خط ۱ کان ۲۵
- سکر، ٽئڪسيلا، ڪوهه مريءَ ۽ پورين مان آگسٽ ۱۹٦۰ع ۾ لکيل ڇهه خط ۲٦ کان ٦۳
- سوات ۽ پشاور مان آگسٽ ۱۹٦۱ع ۾ لکيل چار خط ٦۴ کان ۱۰۴
- سنڌ ريءَ (اوڀر پاڪستان) مان جنوري ۱۹۱۲ع ۾ لکيل هڪ خط ۱۰۵ کان ۱۲۲
- سکر مان جون ۱۹٦۱ع ۾ لکيل هڪ خط ۱۲۳ کان ۱۳۲
- سکر مان ۱۹۵۵ع ۾ لکيل اٺ خط ۱۳۳ کان ۱۵۴

نوٽ بوڪ جا ورق

- متفرق ۱۵۵ کان ۱۸۳

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اِهي ناول، درجي بدرجي، دلپذير ڊائريون ۽ آتم-ڪهاڻيون ٿينديون وينديون، بشرطيڪ ڪوئي پنهنجي محسوسات مان اهي احساس چونڊي سگهي، جي واقعي هُن جا هجن ۽ هو سچ ۽ سچائيءَ سان لکي سگهي.

(رالف والڊو ايمرسن)

ماڻهو مرڪزي نڪتي جي تلاش ڪندا آهن، پر اها تلاش نه فقط مشڪل آهي پر ٺيڪ به نه آهي. مان ڀانيان ٿو ته جيڪڏهن هڪ ڀرپور، گونا گون زندگي اسان جي اکين اڳيان آندي وڃي، ته اها اسان لاءِ ڪافي آهي، توڙي ان کي ڪو ٺهي ظاهري رجحان نه هجي.

(گوئٽي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهاڳ

۱۹۵۵ع جي شروع ۾، سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ”مهراڻ“ جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾، سنڌي اديب دوستن کي خط لکيم، جن ۾ کين گذارش ڪيم ته وقت بوقت علمي ۽ ادبي نوع جا خط اسان ڏانهن لکي موڪلين، جيئن آهي ”مهراڻ“ ۾، ان خاص عنوان هيٺ، شايع ڪري سگهجن، ۽ ”مهراڻ“ ۾ آهو هڪ مستقل ۽ خصوصي عنوان قائم ٿي وڃي. منهنجي عزيز دوست ’اياز‘ کي ڳالهه من ۾ پيئي، ۽ هڪڙو نهايت پيارو خط لکي موڪليائين، جو هن مجموعي جي صفحي ۱۳۳ تي ڏنل آهي. ان هڪڙي خط کي ڪافي نه سمجهي، ڪانئس اهڙن ٻين خطن جي گهر ڪيم، ۽ اهو سلسلو ائين شروع ٿيو، ۽ اياز جا پهريان پنج خط ”مهراڻ“ ۱۹۵۵ع جي ’اونهاري‘ واري پرچي، ۾ ”اسان جي شاعر جا خط“ عنوان هيٺ پيش ڪيا ويا، جن مان پهرئين خط کان علاوه چار خط ٻڻ هن مجموعي ۾ (صفحي ۱۳۴، ۱۳۶، ۱۳۸، ۽ ۱۴۲ تي) شامل ڪيا ويا آهن. ان کان پوءِ، اياز جا ٽي خط ”ادب لطيف“ جي عنوان هيٺ ”مهراڻ“ ۱۹۵۵ع جي ’سرءُ‘ واري پرچي ۾ پيش ڪيا ويا، جي ٻڻ هن مجموعي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي صفحي ١٣٥، ١٣٩ ۽ ١٥٢ تي موجود آهن. اهڙيءَ ريت، سواءِ هڪ خط جي، جو هتي صفحي ١٢٣ تي آندل آهي، هن ڪتاب جا باقي ٢١ خط پهريائين "مهراڻ" ۾ ئي شايع ٿيا: انهيءَ لحاظ کان، اياز جو هيءُ ڪتاب گويا "مهراڻ" جي ئي 'دَين' آهي.

اياز جي پهرين پنجن خطن شايع ٿيڻ تي، ڪن سنڌي ادبي حلقن ۾ عجيب تاءُ پيدا ٿيو، جو تپي تپي، ڪافي دير کان پوءِ ڪجهه قدر وڃي ماٺو ٿيو. ڪن خاص اخبارن ۾، ادبي تنقيد جي نالي ۾، ادارين ۽ مضمونن جا لاڳيتا ۽ ڊگها سلسلا شايع ٿيا، جن ۾ ادب گهٽ ويڙ وڌيڪ ۽ تنقيد بدران تهمت بازي زيادهه هئي. ڪن صاحبن ته "اسان جي شاعر جا خط" عنوان مان، لفظن جي آڙ ورتي، اِها به تهمت گهڙي ورتي ته "مهراڻ" وارا رڳو اياز کي ئي "اسان جو شاعر" سمجهن ٿا ۽ ٻئي ڪنهن کي شاعر تسليم ئي نٿا ڪن. "مهراڻ" ۾ ٻين شاعرن جو شعر به پيش ٿيندو رهيو، پيش ٿيندو ٿو رهي، ۽ اُن ۾ ٻين شاعرن ۽ نثر نويسن جا ادبي خط به شايع ٿيندا رهيا، ۽ شايع ٿيندا ٿا رهن. پر اها ڳالهه ويچار ۾ ڪانه آندي ويئي، ۽ اهي قلم ۽ قرطاس جا صاحب اياز جي خلاف، "مهراڻ" جي خلاف، ۽ هر انهيءَ ڳالهه جي خلاف، جنهن کي هنن نه سڃاتو ۽ نه سڃاتو، پنهنجي تحرير بازيءَ جا جولان ڏيکاريندا ئي رهيا. سهپ جو مادو ۽ سڃاڻپ جي صلاحيت، جيئن زندگيءَ جي ٻين ڳالهين ۾ تيئن ادبي سرچاڻ لاءِ به بنيادي ضرورت جو درجو رکي ٿي. خود دار ۽ صاحبِ ڪمال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شخصن ۾، خود پسنديءَ جي جيڪي سو زياده هجڻ سبب، اڪثر هيءُ سهپ جو مادو ۽ سچائيءَ جي صلاحيت قدري گهٽ ٿي ٿي . حساس دليون هڪ ٻيرو بگڙي ٻيهن، ته انهن جي وري ريجهڻ ۽ سرچڻ لاءِ وقت گهرجي . بهرحال، ورهاڱي واري سال ۱۹۴۷ع کان پوءِ خاص طرح ، سنڌ جي سنڌي ادبي دنيا ۾ ، جيڪا چوڌاري پاسي ماٺ پنهنجي ويٺي هئي ، تنهن ۾ اياز جي شعر ۽ اياز جي نثر جي طفيل هڪ ڀيرو وري هلچل پيدا ٿي ، ۽ سنڌي ادب، جيڪو پنهنجي بي مثل ڪلاسيڪي شاعرن ۽ نثر نويسن جي گود ۾ ننڊ مان اکيون کولي ، هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ، آرس ڀڃي ، وري پرڀات جي سنهيءَ هير تي ڀيهر سمهي رهيو هو ، تنهن اياز جي ان آواز تي پاسو ورايو ۽ پنهنجي آئينده لافانيءَ زندگيءَ جي ڀرئين صبح صادق جو سلام ڪيو. سنڌي ادب ، جنهن هن پنهنجي آئينده لافاني زندگيءَ ۾ هاڻي پير رکيو آهي، اياز ان جي هن صبح صادق جو ڀريون نديم ۽ ڀريون پورهيت آهي .

اياز جڏهن پنهنجي هن ڪتاب جي مهاڳ لکڻ لاءِ مون کي چيو ، تڏهن سچ پچ ته آئون منجهي پيس ته ڇا لکجي ۽ ڪيئن لکجي. اياز ۽ سندس ادب تي گذريل ڏهن پندرهن سالن ۾ ايترو ڪجهه لکيو ويو آهي ، ۽ اڪثر مخالفت ۾ لکيو ويو آهي ، جو محض رسمي تعارف طور منهنجو يا سندس ادب تي ڪجهه سٽون لکي ڇڏڻ ڪا معنيٰ ڪانه ٿيون رکن. ۽ جيڪي ڪجهه واقعي لکڻ گهرجي ، تنهن جي لکڻ جي ، سندس ٻي ڪتاب جي مهاڳ طور ، منهنجي

خيال ۾ گنجائش به ڪانهي ـــ خاص طور هن حالت ۾، جڏهن مون کي اها به خبر آهي ته اهو ڪتاب، جيڪو سچ پچ پڙهڻ لائق آهي ۽ پڙهندڙ لاءِ ان ۾ اجهل ڪشش موجود آهي، تنهن جي مهاڳ کي پڙهڻ جي تڪليف ڪو وٺي به ڪونه ٿو، ۽ ڪنهن کي وٺڻ به نه گهرجي.

اياز جي هن ڪتاب ۾ سندس ٢٢ خط ۽ سندس نوٽبڪ جا ڪجهه ورق آندل آهن. جن ۾ سندس شاعرانه پولي به آهي ۽ سندس انوکا ۽ تازه دم فڪري نڪتا به موجود آهن. خطن جي ترتيب تاريخ وار فقط ابتري قدر آهي، جو هڪ ئي قسم جي ذهني ڪيفيت وارن خطن کي هڪ هنڌ تاريخن پٽاندر پيش ڪيو ويو آهي. مثلاً پهريان به خط (ص ١-٢٥) سنڌ جي لافاني عظمت کان متاثر ٿي، ۽ سنڌي عوام سان دلي وابستگيءَ جي جذبي هيٺ لکيا ويا آهن. انهن کان پوءِ ڇهه خط (ص ٢٦-٦٣) ٽيڪسلا، ڪوهه مريءَ ۽ پوربن مان، ٽيڪسلا جي قدامت ۽ بي مثل فن کان متاثر ٿي ۽ ان جي پس منظر ۾، اردو، پنجابي ۽ بنگالي ادب متعلق ۽ ملڪ جي عام انسانن جي ڏک پريءَ زندگيءَ جي مشاهدي جيڪا سندس حساس روح کي اذيت رسائي آهي، تنهن بابت لکيل آهن. ۽ اهڙيءَ ريت ص ٦٣ کان ص ١٠٣ تائين چار خط، ص ١٠٥ کان ص ١٢٢ تائين هڪ خط مشرقي بنگال جي سندربن مان لکيل، ۽ ص ١٣٣ کان ص ١٥٢ تائين سڀ کان اول لکيل اٺ خط، سندس جدا جدا روماني ڪيفيت جي عڪاسي ڪن ٿا. هڪڙي خط ۾ جيڪو ص ١٢٣ کان ١٣٢ تائين آيل آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اياز پنهنجي نندپڻ جا واقعا ۽ ننڍيون ننڍيون ۽ ڪڙيون ڪڙيون چند يادگيريون بيان ڪيون آهن. ڪتاب جي ص ١٥٥ کان ص ١٨٣ تائين اياز جي نوٽبڪ مان جستہ جستہ ڪي اقتباس پيش ڪيل آهن.

سنڌي ادب ۾ هيءُ ڪتاب پنهنجي نوع جو پهريون ڪتاب آهي. ادبي خط ادب جي هڪ اهڙي پياري صنف آهي، جنهن جي نثر ۾ شعر، شعر ۾ پنهنجائپ ۽ پنهنجائپ ۾ دل جي گهراين جي اپٽار ملي سگهي ٿي — بشرطيڪ لکندڙ دلي اخلاص، خالص جذبي، نئين نگاهہ ۽ سجاڳ دل جو صاحب هجي. جڳ مشهور فرانسيسي مصور پال گاگن (١٨٤٨-١٩٠٣) جنهن جي زندگي ايذي تہ شديد غربت ۾ گذري، جو هڪ هنڌ پنهنجي وچڙيل زال کي پنهنجي ۽ پنهنجي معصوم پٽ 'ڪلووس' متعلق لکندي چوي ٿو، ”ڪلووس جي ڳڻتي نہ ڪج. هن جي عمر جا ٻار ڏک ڪونہ سچائن، بشرطيڪ کين ٿوري پيار ڪرڻ وارو ڪو هجي. باقي ڪاڏي جي ڳالهہ، سو اها ڪا مشڪل ڳالهہ ڪانهي: ڪائيندي، چڱو چڱو گرنهہ آهي هن لاءِ ئي چڏي ڏيندو آهيان ... آءُ ڪاٺ جي تختي تي پنهنجي سفر جي ڪتي ۾ ويڙهيو ليٽيو پيو آهيان. ڏينهن جا ڏک ۽ رات جو اوجاڳو پيئي هڪٻئي کي برابر توريو بيٺا آهن ... منهنجي کيسي ۾ ويهہ پئسا هئا، ۽ تن ڏينهن کان اسان اوذر تي سڪل روٽي پئي کاڌي آهيءِ“ — جنهنجي مرڻ کان پوءِ سندس تخليق ڪيل هڪ هڪ تصوير هزارن کان لکن رپيين ۾ وڪاڻي :— فرانس جو هي

عظيم مصور پال گاگن پنهنجي هڪ دوست ڏانهن ان پنهنجي شديد غربت جي حالت ۾ پنهنجي تازي تخليق ڪيل تصوير بابت لکنديءَ، هڪڙي خط ۾ چيو ته: ”ماڻهوءَ جي هٿن جي حاصلات ئي ان ماڻهوءَ جي تشريح آهي.“ اياز جو هيءُ ڪتاب اياز جي جي ”هٿن جي حاصلات“ آهي. اياز جي تشريح اياز جا هي خط آهن.

— محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد

٢٥- ڊسمبر ١٩٦٣ع

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئينس روڊ، سکر
۲۲ جون ۱۹٦۱ع

ادا

ڪالهه سارو ڏينهن اروڙ ۾ گذريو. اسان محمد بن قاسم جي تعمير ٿيل مسجد وٽ ويهي، هيٺ تلي جي ميدان ڏانهن ڏسي رهيا هئاسين، جتي راڻي لاڏي عربن سان وڙهندي مئي هئي، ته اُن وقت مٿان ڦڙيون وسيون ۽ ڪاريون گهٽائون آسمان ۾ زخمي هاٿين وانگر رڙا ڪنديون، ڏوڪينديون آيون. منهنجو دوست هڪ ٻهاڙي ٻوٽو ٽڪي آيو ۽ مون کي ڏيکاري چيائين ته ”هي سنگهي ڏس.“ مون اُن کي سنگهيو ته اُن مان تکي تکي سهاڳ رات جهڙي سڳنڌ اچي رهي هئي. هن مون کي ٻڌايو ته اِن ٻوٽي کي اروڙ جا رهواسي ’مدن-مست‘ چوندا آهن.

” ڄاڻين ٿو ته مدن ڪنهن جو نالو آهي؟“ مون پڇيو

” نه.“

” مدن، ڪام-ديو کي چوندا آهن.“

” تڏهن ته ان ٻوٽي سان سنڌ جي نهايت دردناڪ ڪهاڻي وابسته آهي!“

”ڪهڙي ڪهاڻي؟“

” ان وقت سنڌو، اروڙ جي پرسان وهندي هئي. ڪپ تي قلعو هو، جنهن ۾ راجا ڏاهر جو رنگ-محل هو. راجا ۽ راڻي هندوري ۾ ويٺا هئا ۽ راج جوتشي“ کي ٻنهنجون ٻنهنجون

soorhiandhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنم- پتريون ۽ هٿ جون ريکائون ڏيکاري رهيا هئا. اوچتو جوتشيءَ گهبرائجي چيو، ’راڻي، تون ستي نه ٿينديئن!‘

’اهو ته وڏيڪ چڱو، مون کي گهوٽ هٿان سان چکيا تي چاڙهي ايندو.‘

’نه، ائين به نه ٿيندو. تنهنجو گهوٽ توکان اڳي مرندو، پر، پوءِ به تون ستي نه ٿينديئن.‘

’اهو ڪيئن؟‘

’ورڌاتا جو ليک آهي، ان ۾ وڏيڪ اونهو تڪوني وجي نٿو سگهي، پر گرهه ۽ ريکائون ائين ٿيون چون ته راجا توسان ڪجهه وقت آهي ۽ پوءِ توکان هميشه لاءِ وڇڙي ويندو ۽ تون جنم جنم جي چوراسي لک ڦيري ۾ هن کي ڳولي ڳولي ٿڪجي پونديئن.‘

’جوتشي بابا، ائين ڇو؟‘ راڻيءَ چيو.

’اها ٻوجهه مون کي نه آهي ۽ نه ڪنهن انسان کي هوندي. مان پاڻيان ٿو ته هن جي رت تي ڪنهن اهڙي پاپيءَ جو پاڇو پوندو جو هو توکان پري پري ڀڄندو وتندو ۽ تون جمڻ مرڻ جي ڦيري ۾ هن کي پائي نه سگهندينءَ.‘

”جوتشي اڃا هٿ ڏسي رهيو هو ته مها منتريءَ اچي خبر ڪئي ته ڪائي اجنبي سينا ديس تي ڪاهي آئي آهي، ۽ بهتر ائين ٿيندو ته ڪجهه سينا سان سنڌوءَ جي ٻيءَ پر تي، انهن جو اڳ ولي مقابلو ڪيو وڃي. گهڙي نه گذري ته رڻ گجيو، راڄو ٿيو، پالا ۽ ٻڙچيون ڌرتيءَ تي چلڪندا وڏيا ۽ سنڌي سينا پيڙن تي درياهه پار ڪري، ٻيءَ پر پهتي.

”اُن رات راڻيءَ لاڏيءَ سوچيو ته هيءَ آخري ملاقات هئي. وري اهڙي رات نه ايندي جو هوءَ ڏاهر سان چپر- کٽ تي سمهي، نکٽ ڏسندي رهندي. هن کي اهي راتيون ياد آيون، جي هن

ڏاهر سان گذاريون هيون ـــ اُهي راتيون جن جي گهڙي گهڙي امر هئي، اُهي راتيون جڏهن هن جي چوٽيءَ مان چمپا جون ڪليون ڇڻي، پٽيون پٽيون ٿي، ڪنڌ جي چادر تي پکڙجي وينديون هيون ۽ ڏاهر جون آڱريون هن جي وارن ۾ ڦرنديون، هن جي ڪاڌيءَ تائين اينديون هيون ۽ هن جا چپ چمپاڪليءَ وانگر ڪجهي ڏاهر جي چپن تائين ايندا هئا، ۽ پوءِ آدجڳاد جي آگ، سرير جي سرڳ جي آڳ، چنڊ جي چڪيا، جي، جيون، ۽ آخر اونهي اونهي آساس! آها آگ وري نہ ٻرندي!

”هن رات جو سپني ۾ ڏٺو تہ مدن پنهنجو تير ڪمان ڪٺي، هن ڪان دور دور پجندو ٿي ويو.

”پنيرڪي جو هن ڪي خبر پيئي تہ سنڌي سئنا هارايو آهي، ڏاهر ماريو ويو آهي، ۽ عرب درياءُ ٽپي، تليءَ جي ميدان ۾ مورچا هٽي وينا آهن. لاڏي زرهہ پائي، باقي سئنا سوڏي ميدان ۾ آئي. سنڌي شينهڻ، وارَ مٿان وارُ ڪيو، ڳچين ڳهہ اڏاٽا، ڌڙ ڌڙ ۾ ڦٽڪڻ لڳا. هن جو هاٿي ڌوڪيندو، دشمن جون صفون چيريندو وڃي رهيو هو، تہ اوچتو هن جي نظر هڪ سپاهيءَ تي پيئي ۽ هن جي اکين اڳيان رات وارو سپنو ڦرڻ لڳو. مدن!، لاڏيءَ رڙ ڪئي، مدن، تُرس! مدن، تنهنجي ٻاڻ بنا جيون بي معنيٰ آهي. اوچتو هن جي هنيءَ ۾ تير کپي ويو ۽ هوءَ پالڪيءَ مان ڦيراٽي ڪاٽي ڪري پئي ۽ سنڌڙيءَ جنگ هارائي.

”چون ٿا تہ جتي لاڏيءَ جي رت ڪري هئي، اتي پهريون پيرو مدن مست جا بوٽا اُپريا هئا ۽ ان وقت کان اروڙ ۾ رسم آهي تہ سنڌي ڪنواريون پرڻي رات، اهي بوٽا سيرانديءَ کان رکي سمهنديون آهن.“

”عجيب ڪهاڻي آهي!“

بارش زور سان پوڻ لڳي. اسان مسجد وٽان تيزيءَ سان

وک وڌائي ۽ ڪجھ پنڌ تي هڪ قتل منڊر ۾ ٿوريءَ دير لاءِ ترسياسين. منهنجي دوست سامهون ٻن پٿرن ڏانهن اشارو ڪري چيو ته ”انهن متعلق روايت آهي ته اهي ٻه ڪافر هئا، جن کي ڪنهن وليءَ بد دعا ڪري، پنڌ پهڻ ڪري ڇڏيو هو.“ مون کلي هن کي چيو ته ”اها ڳالهه وسهڻ جهڙي ته نظر نٿي اچي؛ جي الين هجي ها ته جنهن وقت مان هنن جي پرسان لنگهيس، ان وقت هو ضرور زنده ٿي پون ها ۽ منهنجي آجيان ڪن ها.“

وڏڦڙو وسي رهيو هو. سانجهي، پنهنجي سانورڙيءَ سونهن سان ڇم ڇم ڪندي ٿي آئي. منهنجو ڌيان ڪنهن ڪوهه جي پاتار ۾ پهچي ويو هو ۽ ان جي پاڻيءَ ۾ چند ستارن جي پاڇي کي حقيقي سمجهي ڳولي رهيو هو. تاريخ جي ارتقا سمجھ کان ڪيتري نه پري آهي! ڪوئي اسڪان ڪان بعيد واقعو ان جي واڳ موڙي، ان کي ڪيترو نه منزل کان هٽائي ٿو ڇڏي! تاريخ ۾ ڪنهن به شعوري قوت جي تلاش اجائي آهي. واقعي ”غالب“ جو اهو شعر ته ’وقت جو گهوڙو ڊوڙي رهيو آهي ۽ نه ان جي واڳ ۾ هٿ آهي ۽ نه رڪاب ۾ پير‘، تاريخي نقطهٔ نظر کان ڪيترو نه صحيح آهي! هن نندي ڪنڊ جي تاريخ، مارڪس جي جدلياتي ماديت (Dialectical Materialism) کي ڪهڙو نه غلط ثابت ٿي ڪري؛ هتان جي تاريخ فقط اتفاقي حادثن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ڪولي ارتقائي شعور (Evolutionary Consciousness) نظر نٿو اچي. جيڪڏهن مون سان ڪوبه ڪنهن ڪائناتي ارتقا، مادي يا غير مادي، تي بحث ڪري، ته مان هن کي فقط هي جواب ڏيان ته ”مون کي خبر آهي ته سنڌوءَ، بنا ڪنهن سبب جي وهڪرو ڦيرائي، اروڙ کي ناس ڪري ڇڏيو.“

مينهن جي پيهڻ جو ڪو امڪان نظر نٿي آيو. رعد زور سان رڙيون ٿي ڪيون، ڄڻ ته ڪولي زخمي شينهن گجي رهيو

هو. ٻريان ٻجلي ڙڪات ڪندي ڪري، ۽ ٻهاڙين جا هانوَ ڦاڙي، ٻاتار ۾ پيهي وئي. اسان سوچيو ته رات جي انداري ڪان اڳ ڪالڪا جي گفا تائين پهچي وڃون؛ ۽ پوءِ مينهن، ٻيجندا، ڦٽرن تي ڙڙندا ٿاٻڙندا، اچي گفا وٽ پهتاسين. گفا جي ٻاهران ڪوئي هئي، جنهن ۾ ٻه ڏياتيون ايتري سڪون سان ٻري رهيون هيون، گويا انهن جي جوت ڪي ڪائي پروا نه هئي ته ٻاهر تيز هوا، طوفان، مينهن ۽ گجگوڙ آهي ۽ ٻجلي ڙڪات ڪندي ڪري رهي آهي. اتي هڪ ٻڍڙو سنت ويٺو هو، جنهن اتي اسان جي آجيان ڪئي. هن ڪي پانڊيچريءَ جي اربندو گهوش جهڙي ڇڊي ڏاڙهي ۽ سنهي هاٿي هئي، ۽ هن جون اکيون ٻن ڏياتين وانگر ٻري رهيون هيون.

"بابل، هن ويلا هتي ڪيئن آيا آهيو؟" هن پڇيو.

"ڪالڪا ديويءَ ڪي ڏسڻ آيا آهيون، بابا." مون جواب ڏنو.

هن منهنجي مينهن ۾ پنل مغربي لباس ڪي حيرت سان ڏسي پڇيو، "بابل، تون مسلمان آهين؟"

"نه بابا، مان انسان آهيان: مان مسلمان، هندو، عيسائي، يهودي، آتش پرست، سکڪجهه آهيان ۽ ساڳئي وقت ڪجهه به نه آهيان. مان هن اروڙ جي صديون پراڻي مٽي آهيان، مان مدن‌مست آهيان، مان ڪالڪا جي گفا آهيان، جنهن ۾ هڪ نه پر هزارين ديويون آهن، جن ڪي مون گهڙي ڇلي، سنواري سينگاري، ساري عمر پوڄيو آهي. بابا، تون ان ڪي ڇا ڪندين ته مان ڪير آهيان! شايد مان خود به ان جي تلاش ۾ آهيان ته مان ڪير آهيان! بهرحال، مان تو وٽ مهمان آهيان. شايد تون اها ڳالهه محسوس ڪري سگهين ته مان مهمان آهيان، جو ته اِها ڳالهه منهنجي ڪنهن به هموطن محسوس نه ڪئي آهي؛ شايد تون منهنجي آجيان ڪرين، هڪ ويراڳي راڳيءَ جي، جنهن جي

Scanned with CamScanner

ساري عمر سونهن جي سوداءَ ۾ گذري آهي، جنهن جي گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ پيار جي پيڙا آهي، جنهن سارو وقت انسان ۽ انجي امن ۽ آشتيءَ جا گيت ڳاتا آهن."

پيڙي سنت منهنجي مستڪ تي هٿ رکي چيو، "بابل، تون ته مينهن ۾ پيچي ويو آهين؛ هان، هن انگوڇي سان منهن مثو اگهه."

اسان ٻنهي وار سڪايا ته هن چيو، "بابل، پست جي ڏوڏين جو ڪاڙهو پيندؤ؟ سون وٽ چاءِ ته ڪانه آهي."

"ها بابا، اهڙي ڪا ئي شيءِ ڏي جنهن سان ساري سُڌ ٻُڌ هلي وڃي. چاڻ وڏي ڏائڻ آهي ۽ ڪيتري وقت کان منهنجي هيانوَ کي کائيندي رهي آهي."

اسان ڪاڙهو پيتو ته هن پڇيو، "ديويءَ کي نمسڪار ڪندؤ."

"ها بابا"، اسان جواب ڏنو.

پوءِ هن هڪ ڏياتي پاڻ سان کنئي ۽ هڪ سون کي هٿ ۾ ڏنئي، چيائين ته "منهنجي پٺيان اچو."

پيڙو سنت اڳيان، اسين پٺيان. گفا ۾ ڪجهه اڳتي وياسين ته ڪجهه چمڙا پر ڦڙڪائيندا آڏريا. ڪاريءَ پاٽ رات ۾ ڏياتين جا پاڇا پٿرائينءَ چٽ تي ائين پنجي رهيا هئا، ڄڻ اروڙ جون امرآتمائون صدين کان پوءِ ننډ مان جاڳيون هيون. پيڙي ڏياتي پٽ تائين آندي اسان کي ديويءَ جي مورتي ڏيکاري جا پٿر جي پٽ ۾ اڪريل هئي. ديوي شينهن تي سوار هئي. ان وقت منهنجي دماغ تي ڪاڙهي جو ڪافي اثر ٿيو هو. منهنجي اکين اڳيان اهو سارو منظر ائين ٿي لڳو، ڳويا تاريخ جي بي‌معنيٰ چوڏول ۾ منهنجو بي بنياد فلسفه حيات ڦري رهيو هو. سون نشي ۾ ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. "ها ها، هيءَ ڪاري گفا، هي چمڙا، هي فقط ٻه ڏياتيون، هي پٿر ۾ اڪريل شير، جنهن ۾ ڪائي ڪجگوڙ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوئي چلانگ نہ آهي! هاهاها! سڀ بيمعنيٰ! سڀ بيمعنيٰ! هي ۽ ديوي، جنهن ڪي فقط مان ۽ منهنجو دوست ۽ هي اروڙ جو نستو ساهہ ڏسي رهيو آهي. ۽ هوءَ ٻاهر واچ، ورج، وڏ ـ ڦڙو! ها ها ها ها...."

ٻيڙو سنت گهبرائجي ويو. هن سوچيو تہ مان ڏوڏين جو عادي نہ آهيان ۽ انڪري مون کي زياده نشو ٿيو آهي. هو ٻنتي موٽيو تہ اوچتو ڪجهہ چمڙا پر ڦڙڪائيندا اچي ڏياٽين سان لڳا ۽ ٻئي ڏياٽيون وسامي ويون. منهنجا ٿهڪ بند ٿي ويا. چوڌاري اٿاهہ، بيانت، اونهي اونداهہ ڄڻ ته موت جهڙي. هيبتخيز تاريڪي! زندگيءَ ۾ پهريون دفعو مون جڳيءَ طرح محسوس ڪيو تہ موت ڇا هوندو: تاريڪي، بي حد و حساب تاريڪي، جنهن ۾ مان ۽ منهنجي ديوي، ٻئي جذب ٿي ويندا سين.

اسين هٿوراڙيون هڻندا، گفا جي منهن تائين پهتاسين. ٻاهر بارش بيهجي وئي هئي ۽ نيري آسمان ۾ لکين ڏياٽيون جلي رهيون هيون. ٻيڙي سنت آسمان ڏانهن ڏسي، ڪجهہ شلوڪ پڙهيا. ۽ پوءِ اسان کان پڇيو، "بابل، نشو ڪجهہ وڌيڪ تہ نہ ٿيو آهي؟"

"بابا، مان ساري عمر نشي ۾ رهيو آهيان، مون لاءِ نشو ڪائي نئين ڳالهہ نہ آهي."

"ڪجهہ ڪلام ٻڌندؤ؟"

"ها بابا، پر ڪنهن جو ڪلام ٻڌائيندين؟"

"جنهن جو چئو، روحل فقير جو، ڪبيرداس جو، ميران ٻائي جو، جنهن جو چئو!"

جيستائين ٻيڙي چيڙيون ۽ يڪتارو ڪنيو، تيستائين مان ڪبيرداس جو هڪ دوهو جهونگارڻ لڳس:

آئو ساجن موهنا، پلڪ موند توهي ليئوں

نا ميں ديکهوں اور ڪو، نا توهي ديکهن ديئوں

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(اِن جو لفظي ترجمو لطيف سائينءَ نهايت منڙيءَ ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي:

وٺين ۾ ٿي ويهه ته آئون واري ڏڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آئون نڌسان ڪي ٻيو.

ايتري ۾ ٻڍڙي مون کي ڪنجهون هلائڻ لاءِ ڏنيون ۽ چيو،
" بابل، تون ته هندي دوهو ڳائي رهيو آهين!"
" ها، بابا، مون کي هندي دوهي سان بيحد محبت آهي. هندي دوهي جهڙي من جي منڙي ڀيرڙا ڪنهن به ٻئي شعر ۾ نه آهي."

ٻڍڙي پوءِ چيڙيون ۽ يڪتارو هلائڻ شروع ڪيو، ۽ مون ۽ منهنجي دوست ڪنجهون هلايون. ٻڍڙي جي ڳلي سان پهرين جهيٽو "ها آ آ"، نڪتو ۽ پوءِ هن جي آواز جون ڇوليون وڌنديون وييون، ۽ وڃي ڪتيءَ جي ڪپر سان لڳيون.
هو ڳائي رهيو هو:

سانجهه پڙي دن بيتوي، چڪوي ديهان روءِ،
چل چڪوا او ديس ڪو، جهان رين نه هوءِ.

(شام ٿي، ڏينهن لهي ويو؛ اهو ڏسي چڪوريءَ روئي چڪور کي چيو ته " آنهيءَ ديس هل جتي رات نه ٿيندي هجي!")
ڪبيرداس جا دوها ڳائي، ٻڍڙو، رحيم خانخانان جو ڪلام ڳائڻ لڳو:

رحمن ڌاگا پريم ڪا جن توڙو چٽڪاءِ جاءِ،
توٽي سي جڙي نهين، بيچ گانٺ پڙ جاءِ.

(رحمن، پريم جو ڌاڳو ڇڇتين سان ڇنڻ جي ڪوشش نه ڪر، اهو ڌاڳو جي ڇني ڳنڍبو به ته وچ ۾ ڳنڍ رهجي ويندي).
ڪائنات يڪتاري، چيڙين ۽ ڪنجهين جي آواز ۾ مليامېٽ ٿي وئي. ٻڍڙو چير ڀائي، يڪتارو هٿ ۾ ڪٺي نچيو ۽ اسان

پئي ۽ نچڻ لڳاسين. پيڙي جي رڙ تي رڙ ٿي پئي، ”الک نرنجن“. الک نرنجن، ساري سرشٽيءَ مان پڙاڏو ٿي آيو. نچي نچي، ٿڪي ٿي ليٽي پياسين ۽ هر شيءِ ڪنهن همه اوست ۾ غائب ٿي ويئي.

— تنهنجو پنهنجو

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

ڪئينس روڊ، سکر
۱ جولاءِ ۱۹٦۱ع

ادا،

ڀنيرڪي جو اٿي، مان پراڻي سکر لئڪ جهلي-بند تي گهمندو آهيان. اڄ به هميشه وانگر گهمي رهيو هوس. سوجهري ۾ ٻيٽڙين جا ڪوهه، سکانون ۽ سڙهه نظر اچي رهيا هئا. اڃا سج ڪٿي نه ڪيڏي هئي، ۽ افق جي ڳاڙهاڻ ۾ سڙهه ڪنهن جوڳيءَ جي گيڙوءَ رتي ويس وانگر ٿي لڳا ۽ پريان ٻيلو ائين ٿي نظر آيو ڄڻ ته فطرت پيوت ملي رهي هئي. ٿوري وقت کان پوءِ، سج آفق تي نمودار ٿيو. مون هڪ نا ڪٿي کان پاڻيءَ وٺو ورتو ۽ پاڻي هاري، ان جي لاٽ مان سج کي ڏٺو. منهنجا وار ڏکڻ جي واءُ ۾ گهنڊيون هڻي، اڏامي رهيا هئا ۽ ورزش سبب منهنجين پنين ۽ ڏورن جون مشڪون ڦنڊي پيون هيون. مون اوچتو محسوس ڪيو ته مون ۾ قديم سنڌ جي ڪنهن دراوڙ جو رت آهي— وحشي، بيخوف، بيپرواهه رت، جو منهنجي ڪنهن وڏي جي جسم ۾، سيخ ۾ پڪل ٻارهن-سڱي جي گوشت مان ٺهيو هو. منهنجو مذهب به انهن دراوڙن جو مذهب آهي، جي پرهه جو اٿي سورج جي پوڄا ڪندا هئا ۽ جي رات جو چوڏس جي چنڊ کي ڏسي، سوم-رس پي، واريءَ جي پٽن تي ننگا نچندا هئا. جن کي ڳرڀوتيءَ جو پيٽ زندگيءَ جي سڀ کان پوتر شيءِ لڳندو هو ۽ جي پپل ۽ ٻڙ جي ٿڙ وٽ ڏيئا جلائيندا هئا ۽ وڻ ٻوٽي جي پوڄا ڪندا هئا. اڃا تائين منهنجيءَ جبين کي انهيءَ سجدي

جو شوق آهي، فقط انهيءَ سجدي جو! منهنجي تخليقات ۾ به قديم سنڌ جي انهيءَ ڌڙڪندڙ دل جو روح آهي.

مون ٽي چار فرلانگ پنڌ ڪيو ته سڄي سانياڻيءَ جي ڪاري واري مٽي کڄيو، جنهن مان ڦونڊيون ۽ ڦلا ٽپا ڏيندا نظر آيا. منهنجو پالتو ڪتو 'پورس' منهنجي اڳيان بند تي ڊڪندو وڃي رهيو هو. اوچتو هن ڦونڪي نرا ڪنيا. مون ڏٺو ته پرسان هڪ شخص هن تي پٿر اولاري رهيو هو، پر مون کي ڏسي هٿ روڪي ورتائين. هن کي بدن تي ليڙون ليڙون ڪنجي ۽ گوڏ ٻڌي هئي. هن جي ڳاڙهي مٽول منهن تي هن جي اکين جون ڀڃون، گدري جي آلن ٻجن وانگر ٽي لڳيون. مون کي ڏسي هو وڏي آيو ۽ چيائين، "صاحب، هي ڪتو ته ڏاڍو پوائتو آهي." "هن تي الر ڪندين ته سچ پچ پوائتو لڳندو"، مون جواب ڏنو ۽ پوءِ پورس کي پڇڪاريم ته هو پڇ لوڏيندو، منهنجن پيرن وٽ اچي ويهي رهيو. مون هن کان پڇيو ته هو ڇا ڪندو آهي، جنهن تي هن ٻڌايو ته هو بند تي بيلدار آهي. ايتري ۾ پرسان ڪکائينءَ لانڍيءَ مان هڪ شخص نڪري آيو، جنهن ٻڌايو ته هو بند تي مقدم هو. لانڍيءَ تي ڪدوءَ ۽ ڪريلي جون وليون چڙهيل هيون، جن ۾ اڇا ۽ پيلا گل ڪنهن ننڍي ٻار کي ڏنل چمين وانگر ٻڪڙيل هئا. ڳالهيون ڪندي مون بيلدار کان پڇيو، "توکي پگهار گهڻي ملندي آهي؟"

"صاحب، ڪهڙي ڳالهه ٿو پڇين! رڳو چاليهه رپيا پگهار آهي. ٽي ٻار، زال، ۽ ڪراڙي ماءُ اٿم؛ بصر سان ماني به مشڪل نصيب ٿيندي آهي. سامهون ٻيلي ۾ شباڻي ٻروچ رهندا آهن، جن کي ڍائو ۽ ريڊو مال آهي. ڪڏهن ڪڏهن انهن کان مفت جي لسي ملندي آهي ته عيش ڪندا آهيون. خدا جو شڪر آهي جنهن سنئين لڱين رکيو آهي، نه ته ڏسين ٿو ته اڄڪلهه مصيبت

۾ ڪير ٿو ڪنهن جو ٿئي . سارو ڏينهن پريان ڍوري مان پاڻي پري، هن بند تي چڙڪائيندو آهيان . گهڙا ڪٽي ڪٽي ، ڪلهن تي داغ ٿي پيا آهن.“ هن مون کي پنهنجن ٻنهي ڪلهن تي ڪارا داغ ڏيکاريا، جي ڪنهن تهجد گذار جي پيشانيءَ تي داغ وانگر ٿي لڳا .

”صاحب، پرينهن عيد آهي ، اسان کي اڄ تائين پگهار چو نہ ملي آهي؟ پگهار ملي ها تہ ٻچن کي نئين بافتي مان هڪ هڪ چولو نهرائي ڏيان ها.“ ٻيلدار چيو . ايتري ۾ مقدم چيو ، ”صاحب، مون کي پنجاهہ رپيا درماهہ ملندا آهن، پر مون کي پورت نٿي پئي . الاجي هيل پگهار چو نہ ملي آهي؟ ٻچن کي هڪ ويلو ملي ٿو تہ ٻيو نٿو ملي.“

انسان جا ننڍڙا ٻچا، ڪڏڪيون ڏيندڙ، مرڪندڙ ، سٿولا ٻار ، سدا گلاب جا گل ! همہ اوست جا حسين ترين مجسما ! جن جو منهن ٿڃ پيئندي، ماءُ جي ٿڻ کي ائين چهندو آهي، جيئن پاڻيءَ جي چوليءَ ۾ ٻہ ڪنول هڪٻئي کي چهندا آهن . جيڪو انهن کي ٻکيو ڏسي ، ٻڌي يا سمجهي ۽ انهن جي ٻک مٿائڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور نہ لائي ، آهو زندگيءَ جو عظيم ترين گنهگار آهي ۽ تاريخ جي روز حساب وقت ، ڪنهن بہ معافيءَ جو مستحق نہ آهي . مون ٻيلدار ۽ مقدم کي اتي ڇڏيو ۽ بند تان لهي، ڪنارو ورتو . چوليون ڪنڌيءَ کي ڳراٽڙيون پائي ، چميون ڏيئي، موٽي ٿي ويون. مون سڌ ٻڌ وجي پٺتي ڏنو . پريان ڪشتيون نظر اچي رهيون هيون، جن ۾ انسان هئا ، جن کي ٻار ٻچا ها، اهنج سهنج هئا. ڪڏهن ڪڏهن انهن جي من ۾ ويچار ايندو آهي تہ هيءَ جندڙي ٻيڙيءَ جو ٻور آهي ، جو آيريو آهي سو لهي بہ ويندو. ۽ پوءِ هو سانجهيءَ جي ٻانگ ٻڌي ، قبلہ رو ٿي ، ڪنهن الڏني ، الجاٽي کي سجدو ڪندا آهن.

ٻانهي هنن جو صبح شام پيٽ جي پورهئي ۾ گذري ويندو آهي. پيٽ! پيٽ، انسان جي روح کان زياده اهم آهي. انهيءَ سبب انسان چوري، ٺڳي، ڦڙوت، مارڌاڙ، رتوڇاڻ، ڇا ڇا نه ٿو ڪري! آدرش، اخلاق، انسانيت، سڀ ان پيٽ جي تنور ۾ جلي رک ٿي وڃن ٿا. ديءُ آهي ته ڊول ۾ آهي، نه ته هر آڪنڊ ۽ آڪير ماڻهن کي ڪرسي تي اچي. گرجا جو گهنڊ، مڙهيءَ جو سنک، مسجد جي ٻانگ، سڀ اُنڌي جي آنڌ مانڌ ۾ اجنبي ٿا لڳن. اها حقيقت اهو محسوس ڪري سگهندو، جنهن بک ڪڍي آهي؛ انهيءَ کي معلوم هوندو ته اِها ڇيڻي جيون جي هر امنگ وٽ کي ڪيئن چرڪائي ٿي ڇڏي. ڊوڊي ۽ ٿوم جي بوءِ، روح جي هر خوشبوءِ کان زياده پياري آهي، چلهه ۽ تنو محراب ۽ منبر کان زياده مقدس آهن. پيٽ ڏيڍ خدا آهي.

موٽندي مون کي هڪ پڊو ٻروهي گڏيو، جنهن کي ناريل جهڙي، مينديءَ لڳل، ڪٽڪي ڳاڙهي ڏاڙهي هئي. مون هن کان پڇيو، "ابا، تون ڇا ڪندو آهين؟"

"سائين، پهرين ته ڪنڊڪوٽ ۾ ڪڙمت ڪندو هوس، پر پوءِ وڏيري ٻچن ۾ اک رکي، ته ٻيئي پيءُ پٽ هيڏانهن لڏي آياسين. هاڻي محنت مزوري ڪندا آهيون. تغاري، گارو..."

"گهڻو روز ڪمائيندو آهين؟"

"ٻه اڍائي رپيا. پر ڪم هفتي ۾ فقط هڪ ٻه ڏينهن لڳندو آهي، ڪڏهن اهو به نه."

مون پئڪيٽ مان هڪ سگريٽ ڪڍي ڏکايو، ۽ هڪ سگريٽ ٻڍي ٻروهيءَ کي آڇيو. هن سگريٽ هٿ ۾ ورتي، مون کان پڇيو، "سائين، هي سگريٽ گهڻي ملندو آهي؟"

"ٻين آنين".

"سائين، هي سگريٽ موٽائي وٺ. مون کي ٻه آنا ڏي ته

ڀڳڙا وني ڪاوان. مون کي راتاڪون بک آهي!"

ادا، هي مثال نهايت عاميانه آهن، انهن ۾ ڪائي افسانوي رومانيت نه آهي، ۽ نه اِهي ڪنهن به اديب لاءِ دلچسپيءَ جو باعث ٿي سگهن ٿا. پر مان ڇا ڪيان! منهنجي تصور جو ڪهنبو زندگيءَ جي ڪلهي قاتل ڪنجري کي لڪائي ته نٿو سگهي! روز اهڙا مثال ڏسي، منهنجو هيانءُ ڪچو ٿيندو آهي. مان شاعر آهيان؛ ٻوليءَ جو وينجهر آهيان، ساڻڪن موتين جهڙا لفظ جڙيندو رهيو آهيان. مون زندگيءَ جي زلف دراز ۾ گلاب جا گل اٽڪايا آهن ۽ آن جي منهن کي شبنم سان ڌوتو آهي. مان آهو بتگر آهيان، جنهن حسين ترين لفظ گهڙي، چلي، آنهن مان عجيب غريب صنمخانو بڻايو آهي. منهنجي دنيا حسن جي دنيا آهي، منهنجي تخليق حسن جي تخليق آهي. منهنجو اِن سان ڇا ته ڪنهن جا ٻچا پگهار نه ملڻ سبب عيد نه ڪري سگهندا، ڪنهن کي راتاڪون بک آهي، ڪنهن ممتا ماريءَ ماءُ کي ٿڻن ۾ ٿڃ ان ڪري نه آهي جو پوري غذا ۽ دوا نٿي ملي! اهي ته غير شاعرانه تصور آهن. انهن سان حسن جي ڪائي تخليق ٿي نه سگهندي! انهن کي ڪير پڙهندو! ڪير پڙهندو؟ هاڻي تو کي ڪير ٿو پڙهي؟ اي بي‌معنيٰ انسان، هاڻي تو کي ڪير ٿو پڙهي؟ فقط آهي چار في صدي انسان، جن جي ابي ڏاڏي جي مالي حيثيت ايتري هئي جو آنهن کي جديد تعليم سان بهره ور ڪري سگهي! نه، نه، آهي به نه! آنهن مان به ٽي في صدي ته پنهنجيءَ دولت ۽ وٺ‌پڪڙ ۾ ايترو مصروف آهن، جو آنهن کي تنهنجيءَ حسن جي تخليق تي نظر ڪرڻ جي فرصت به نه آهي. شايد هو تنهنجيءَ آرائينءَ جي جهول، ڪان، ڪنهن قحبہ خاني ۾، ڪنهن حسين جسم جي تربت تان مرجهايل گل چونڊڻ پسند ڪندا! آخر تون ڪنهن لاءِ ٿو لکين؟ پر جي مان انسان جي بک ڏک،

اھنءَ ايذاءَ جي باري ۾ لکان، تڏھن به ته مون کي اھولي تعليم يافته، سرمائيدار ۽ مشيون وچولو طبقو پڙھي سگھندو! نه، نه! اھڙيءَ ادبي تخليق کي انھن مان ڪو به نه پڙھندو، ڪو به نه، باقي ھڪ في صدي به نه! تڏھن مان ڪنھن لاءِ لکان؟ ھيءَ راتوڪيءَ بک وارو بروھي ته پڙھي ڪونه ڄاڻي، ۽ جي ڄاڻي به، ته ھن جي بک منھنجي تخليق جي مطالعي مان ته نه لھندي! قسم، قلم، قلم! ھن وقت ساري مشرق ۾ قلم ڪاڻي معنيٰ نٿو رکي. قلم انسان جي بک مٽائي نٿو سگھي. جي انھيءَ بک کي مٽائڻ لاءِ تون حالات سان ٽڪر نٿو کائين، ته اي قلمڪار! تون به زندگيءَ جي عظيم گنھگارن مان آھين ۽ تاريخ جي روز حساب وقت، تون به ڪنھن معافيءَ جو مستحق نه آھين.

پنھنجي فن ۽ ان جي مستقبل متعلق سوچيندي، مان اچي ڪشتين وٽ پھتو ھوس. پٽڻ وٽ مختلف قسم جون ڪشتيون — جھڙوڪ ڪتار، ڪونتل، بگوچڙھ وغيره بيٺيون ھيون. پرسان ڪاٺيءَ جي ٺيڪيدارن جون ڏوڪيون ۽ ڏاڪ، ٿلھيون ٿيون رکيون ھيون، جن مان مزور بيل-گاڏيون پري ٺين سڪر جي گدامن ڏانھن وجي رھيا ھئا. ڪشتين جا ڪوھا، ونجھ ۽ واڏٽيون ڏسي، ھانگ ڪانگ جون تصويرون ٿي ياد آيون. سامھون ڪچو ھو، جنھن جي ڪپ لڳ، بگوچڙھ جي دالي مٿان، ساڳي وينگس نظر آئي، جنھن کي گذريل پندرھن ڏينھن کان اتي ڏسندو رھيو آھيان. ڪالھه شام جو ھن پار، گھاٽ تي بيٺو ھوس. ان وقت سج لھي ويو ھو ۽ شفق جا پويان پاڇاوان پاڻيءَ تي پئجي رھيا ھا. اھي پاڇاوان ائين ٿي لڳا ڄڻ ته ڪنھن مخمور نقاش، بي انتھا مستيءَ جي عالم ۾، ڪليل رنگن جا ڪيئي دٻا، پنھنجي اردگرد ھاري ڇڏيا ھئا. شفق جي انھيءَ پاڇي ۾، اھا وينگس بگوچڙھ جي دالي مٿان بيٺي ھئي. پٽڻ لڳ، پٽر جي پٽ سان چوليون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽڪري ، ڇُلي ، اَڇانگ ڏيئي ، پنهنجي موٽي ٿي ويون ۽ سمنڊڦين جهڙي گجي تي چڙهي ويون. پنهنجي ٻاڙوٽ ۾ ڳيرو مهاٽا ڳتون ڏئي ، تڙڦي رهيا هئا . ٿوري وقت کان پوءِ هو بند تي مٿي آيا ۽ چولا پائڻ لڳا. ٻئي انهيءَ وينگس ڏانهن تڪي رهيا هئا . انهن مان هڪڙي چيو :

” رن ته ڏس، ڄرڪي آهي، ڄرڪي!“

” ڄرڪيءَ جو ڪم آهي! واڳو آهي واڳو!“ ٻئي جواب ڏنو.

” هٽ! چيلهه ته ڏسينس ، ونجهه جهڙي سنهي اٿس!“

” ونجهه جو ڪم آهه، واڍ آهي واڍ!“

” آهي چالو مال.“

” ڀالي ٻه ته پندرهن جو پيٽ ٿي ، چالو نه هوندي ته ڇا هوندي!“

” شاهه سائينءَ جي ويهاريل آهي.“

” شاهه‌سائين ٻه آهي ته سيد جو ٻار، باقي آهي مڙس ماڻهو. ڇا ڇا عيش ٿو ڪري ! اسان کي ٻه ڪو الله اهڙي پنج سؤ ايڪڙ ٻني ڏئي ته دنيا جا ڏؤر ونون. آخر اسان ٻه مڙس ماڻهو آهيون.“

”مڙس جو ڪم آهي، ساڻ آهيون ساڻ! ڇڙو ڳنڍ ۾ ڏوڪڙ ڪونهي. خداءِ سون، جي مان کي ڙهو سؤ رپيو هجي ته اها رن کڻيي وڃان، پوءِ شاهه وڃي ماءُ کي ياد ڪري.“ پوءِ هن

ان هيٺئين چپ کي مٿين ڏندن سان زور ڏيئي چيو ، ”هي ' ائين چئي، هن سڄي ڏوري کي سيٽي، ان جي وڃين ، جا چاهي جيڏي ٿي لڳي . پوءِ ٻئي ڪلندا هليا وقت تائين هنن جي دل سنهنجن ڪنن ۾ ڪنجهي و وانگر وڄندي رهي.

اڄ منهنجي جيءَ ۾ آيو ته ان وينگس کي ويجهو وڃي ڏسان. پٽن وٽ ٻتيلو بيٺو هو. جنهن ۾ ڪجهه ماڻهو واهولا ۽ رنبا هٿن ۾ جهليو بيٺا هئا. ٻتيلي جي آڳل وٽ هڪ پيرسن عورت هٿ ۾ ونجهه جهلي بيٺي هئي. هن کي وڳ ۾ اڌ-سڪل ڍاڪ جي ڇگي جهڙو ڪوماڻل. ڳهاٽو ڪارو چهرو هو. جنهن جي پيشل ڳلن ڪان ڪاڏيءَ جي پاسي تائين ڦيڦي چمڙي لڙڪي رهي هئي. هن جي ڳيڙهه ڳهڻ، اٿيي پيشاني ائين لڳي رهي هئي، جيئن آس ۾ سڙي شيشم جو ڪاٺ ڦٽي پوندو آهي. مان لهي ٻتيلي ۾ ويٺس ته هن ونجهه سان ان کي پٺتي هڻايو ۽ ٻتيلو اتر جي واءُ ۾ پاڻيءَ تي هنج وانگر لهوارو ترندو ويو. مون کان سواءِ ٻيا جيڪي به ٻتيلي ۾ ويٺا هئا سي سڀ ڪڙمي هئا، جن کي ڪڇي جا پنج پنج ايڪڙ سرڪار کان خاص موڪل تي مليا هئا ۽ هو ربيع جو فصل ڪڻي، هاڻي ڪچي تي لوا ۽ ٻيو جهنگ ماريندا ها. انهن مان هرهڪ کي فقط ڳنجي ۽ ڳوڏ پيل هئي ۽ پيرين مٽي اگهاڙا هئا. هو پڻ جون ٻيڙيون پي رهيا هئا ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

"ربن کي سزا نه اچي وڃي!"

"ايندس به ست اٺ سال!"

"مان ته ڏاڍو جهليومانس پر نه مڙيو."

"ٻيلي ربن جو قصور نه هو. اڀرائي مڄن جي هئي. ربن ڪيئي ڀيرا جهليو هوس ته پنهنجي مينهن ڪچي تي نه آڻ. منهنجا چڻا ٿي ڀيل ڪري. مڄن آهي ڏاڍو مڙس. سو نه مڙيو. بس، مينهن به چڻن ۾ ڀيل ٿي ڪئي ته ربن به اچي نڪتو. ٻوءِ ته پئي ڳنڍجي پيا ۽ ربن به چار مهايون ڪهاڙيون وهائي ڏنيس."

"ٺل نه شيطان ڪنهن کي جرڄ ڏٺي. مينهن هڻندي ماريندي رهئي جا چڻا ڪائي ها، ٻيو ڇا!"

”اسان پارن غريبن لاءِ ته ريهو به وڏي ڳالهه آهي.“

”پلا ربن ڪوئي وڪيل ڪيو آهي.“

”مون ڪي ڪانئن لاءِ ڪونهي، وڪيل ڇا مان ڪندو!“

اوچتو سيٺي جو ڌيان مون ڏانهن ويو ۽ پان ۾ سس پس ڪري مون کان پڇيائون، ”صاحب، تني سڌو چوويهين قلم هيٺ ڪهڙي سزا آهي؟“

”وڌ ۾ وڌ جنم ٽيپ.“

”جنم ٽيپ!“ سيٺي جا منهن وسامجي ويا. شايد هو سوچي رهيا هئا ته جي هو به اتفاق سان ڪنهن اهڙيءَ مصيبت ۾ وچڙي ويا ۽ پيسي نه هئڻ سبب وڪيل نه ڪري سگهيا ته هنن لاءِ به نتيجو ساڳيو ٿيندو. غريب جي اڳيئي تلخ زندگيءَ ۾ اهو بي‌سلامتيءَ جو خوف ائين آهي، جيئن ڪريلي ۾ ڪيڙو. غريب خدا جي وجود ۾ گهٽو ڪري انڪري ئي اعتبار ڪندا آهن ڇو ته هنن ڪي ڪنهن امداد جو آسرو نه هوندو آهي. ۽ خدا کان سواءِ ڪوئي ڪنهن جو نه آهي، ناچ ڪير ٿو ڪنهن جي ڪم اچي، ”منهنجا رب“! چار بازو، پنجون نور بخشي ڏجانءِ، ”حقون به رکجانءِ ناحقون به رکجانءِ، ”الله‌امان! الله‌امان!“ — اِهي روزمره جا محاورا آهي جيت آهن، جي مٿين احساس جي پوسل ۾ سدا تين ٿا. اِهو خوف حاتم طائيءَ جي انهيءَ طوطي وانگر آهي، جنهن جي ساهه ۾ ساري طلسم جو راز آهي. ڪاش! ڪوئي انهيءَ طوطي جي منڍي مروڙي سگهي! ڪاش، ڪوئي اهو خوف انسان جي دل مان نهوڙي ڪڍي! غريب کي موت کان زياده زندگيءَ جو خوف آهي: زندگي، جا پنهنجيءَ جاءِ تي اتاهه حسن سان معمور آهي؛ زندگي، جا ڪڪريءَ جي ڇانو ۾ مور جو ناچ آهي، جا چيٽ جي چانڊوڪيءَ ۾ چڪور جو پرواز آهي!

ٻيلو ڪڪجي جي ڪپ تي پهتو. مون ڏٺو ته ڪپ ڪان ڪجهه پري ونجهه، واڏليون، تڏيون ۽ ٻانديون ڇپر تي پيون هيون. پٽ جا پيلا گل نڪ جي سونين قلڙين وانگر تي لڳا ۽ ٻڪن جا ٻنجيل گل گهونگهٽ ۾ ڪنوار جو ڏيک ڏئي رهيا هئا. ڪجهه قدم پريرو زمين تي قاتل تنل سڙهه وچايل هو، جنهن تي ڪيترائي ٻار ۽ هڪڙي سفيد رنگ واري نينگري ويٺي هئي. نينگريءَ کي کجيءَ جي ٻه جهڙا ڪچڙا ۽ ڪونئرا هٿ هئا، جن سان هوءَ سڙهه تي تاڪا ڏئي رهي هئي. ڪڙمي هڪ هڪ ٿي ٻيلي مان لٿا ۽ پنهنجيءَ پنهنجيءَ ٻنيءَ ڏانهن هليا ويا. مون ٻگوچڙهه ڏانهن ڏٺو جو هاٿي ڇهه ست قدم دور هو. وينگس اچا داڻي تي ويٺي هئي. هن جي مٿي تي ٻنهي پاسي چوٽا هئا، جي هن جي زئي مان ڪنڌيءَ مينهن جي سڱن وانگر تي لڳا. سنهيءَ چوليءَ ۾ هن جا آرهه ننڍڙن ڪچڙن ايرانن وانگر تي لڳا: ۽ جڏهن هوءَ ڪجهه چري ته هن جا ٽڙا الين لڏيا، جن جار ۾ ٻه پولڪيون ڦٽڪيون. هن جو رنگ سانورو هو. نه معلوم مون کي سانورو رنگ اندرو چو وڻندو آهي! ان ۾ ليتري ڪشش هوندي آهي. جيتري سرائڪيءَ ٻوليءَ ۾. مان حمل لغاريءَ جون هينيون سٽون جهونگاريندو، ٻيلي تان هيٺ لٿس:

ڪالي ٻيلي وچ ڪنوِيلي هير ڊونديندي ماهي
ڪانهان دي وچ دانهان ڪرڪر، هوندي انت نساهي

ٿورو پريان ڪجهه ڪنڌيون ۽ گوشيون مينهون جهنگ ۾ چري رهيون هيون. 'پورس' کي ڏسي ڪجهه ڪتا ڀؤنڪڻ لڳا. پر جهنگ مان ڪن ڪڙمين انهن کي هڪل ڏيئي. چپ ڪرائي ڇڏيو. مون 'پورس' کي پچڪاريو ته هو منهنجن پيرن ۾ آيو ۽ ٺرا ڪئي مون کي پيار ڪرڻ لڳو. مون هن جي ناسي ٻم تي هٿ گهمائي. هن جي پوٽ کي ٻنهي هٿن ۾ جهليو. مون کي

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو ڏسي تعجب ايندو آهي ته ڪيتري ماڻهو ڪتي سان ڪافي محبت ڪندا آهن، پر پوءِ به انهيءَ ڪي مرونءَ ۽ رڇ سان ويڙهائي، مارائيندا آهن. مون کي اها چانڊوڪي رات ياد آئي، جڏهن مان بيلي ۾ ڪنڌ تي ويٺو هوس. هيٺ وڏيري جا ڪتا ڀؤنڪندا مرونءَ کي ڳولي رهيا هئا. ڪنڌ تي منهنجي ڀرسان وڏيرو ويٺو هو، جنهن کي مرونءَ جي شڪار جو بيحد شوق هو، ۽ انڪري هن ڪيتي بلڙي ڪنا پاليا هئا. بيلي ۾ مڪا ٿيندا آهن، جي جنهن جاءِ تي چڪ پائيندا آهن، اتان رت سير ڪري وهندو آهي؛ انڪري اسان گوڏ پڌي، ساري بدن تي گاسليٽ مکيو هو، جو ته گاسليٽ تي مکو چڪ نه پائيندو آهي. رات ۾ گهري بي انتها خاموشي هئي، جنهن ۾ گدڙ جي ڪوڪ سنڌ جي ڪنهن خوفزده سياستدان جي آواز وانگر ٿي لڳي. مون کي وڏيري ٻڌايو ته مرونءَ کي ڀياڙين اندران روهي هوندي آهي، جنهن تي هو پنهنجا وچ تکا ڪندو آهي. وڏيري ٻن جي ڀيڙي، ڏسڻيءَ ۽ وچينءَ آڱر جي وچ ۾ جهلي، ست پيڪوڙي، اونهون ڪش هنئي، زور سان نڪ مان دونهون ڪڍيو، جو هن جي ٻنهي ناسن مان هاٿيءَ جي ڏندن وانگر ٻاهر نڪتو. ڪتن جي ڀونڪار تيز ٿي ته هن پنهنجيءَ ٻارنهن بور جي بندوق ۾ هٿ وڌو. مرون ڇڙ تاري وانگر ڊوڙندو ٿي آيو. ڪتا ڪتي هن کي منديءَ ۾ چڪ هنيو، پر مرونءَ وچ هنئي، هن جا آنڊا ڪڍي وڌا. هن ڀوءُ مان منجهيل دانهن ڪئي، جا عرش عظيم جي ڪنڌ ڇڙهيل ڪلف ۾ ڪنجيءَ ڦرڻ جي آواز وانگر ٿي لڳي. پوءِ ته جوانن ويچاري مرونءَ تي فير تي فير ڪيو ۽ هو ڪجهه قدم اڳتي ڀڄي، ڍيري ٿي ڪريو. وڏيرو، پنهنجيءَ بندوق کڻي جهڙي، ڪنڌ تان هيٺ لٿو. مان سوچي رهيو هوس ته انهيءَ ويڙهه ۾ غيرت، همت ۽ شرافت وارو فقط مرون هو. هو تنها هو، غنيم هن تي

اوچتو حملو ڪيو هو ۽ هن پنهنجي بچاءَ ۾ وڙهندي جان ڏني هئي. ويچارو مرون! ڪاش، هو انهيءَ ڪڏ تي ٽپو ڏيئي، وڃ هئي، وڏيري جا آندا ڪيڏي سگهي ها!

مان اڳتي ٿهلندو وبس. ڪجهہ ڪان پنج ڇهہ فرلانگ پري هنداڻن جو وليون هيون. هڪ هنڌ ولين جي وچ ۾ زمين ۾ ننڍي کڏ هئي، جنهن ۾ هڪ وڏو هنداڻو، ڌرتيءَ جي ڪچوراڙيءَ وانگر ٿي لڳو. مون ان هنداڻي کي ٽي ڏنو، تہ پريان ڪجهہ شور ٻڌڻ ۾ آيو. مون ڏٺو تہ ٽي چار سو گام پري، ڪيترائي ماڻهو نچي رهيا هئا. مون تڪڙي وک کنئي ۽ اتي پهچي ڏٺم تہ ڪڙمي ”ٻا گهي“ هئي رهيا هئا. ”ٻا گهي“ اتراڌي ٻهراڙيءَ جو هڪ لوڪ ناچ آهي، جنهن ۾ هڪ ماڻهو ڳائيندو آهي ۽ ٻيا هن کي سُر وٺائيندا آهن. هڪ ڪڙمي، جنهن گوڏ مٿان سندرو ٻڌو هو ۽ جنهن کي ٻنهي ڪنن جي ٽوپيل پاپڙين ۾ چانديءَ جا والا پيا هئا، ڳائي رهيو هو:

”گدڙ ماريا ويا گهٽ گهير تي....!“

ڪجهہ ڪڙمي ساڳي سٽ دهرائي رهيا هئا ۽ ڪجهہ نچي رهيا هئا. هن کي هڪ هٿ ۾ واهولو ۽ ٻئي ۾ رنبو هو.

”گدڙ ماريا ويا، گدڙ ماريا ويا گهٽ گهير تي ...“

”هيڙهي ٻا گهي! هيڙهي ٻا گهي!“ تڙاپ! تڙاپ! تڙاپ! تڙاپ!

سڀني تاڙيون هنيون تہ چانديءَ جي والن واري وڏيڪ ڳايو:

”گدڙ ڏاڍو ڀڳا تقدير ڪان
گهري پل پل دعائون پير ڪان
نيٺ ڍيري ٿيا سڀ ڍير تي
گدڙ ماريا ويا گهٽ گهير تي...“

”هيڙهي ٻا گهي! هيڙهي ٻا گهي!“ تڙاپ! تڙاپ! تڙاپ! تڙاپ!

واهولا، رنباءَ انساني جسم، هوا ۾ تيزيءَ سان جهٽڪي، لچڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڦري رهيا هئا. مون سوچيو ته اها ’ٻاگهي‘، مشرق جي عوام جو جنگي ترانو ٿي سگهي ٿي . اها ’ٻاگهي‘ دنيا جي تاريخ جي بهترين تشبيهه آهي. اها ’ٻاگهي‘، منهنجي هر پريشان سوال جو جواب آهي. ان وقت جهڙ ڇائنجي ويو هو. هيٺ تاڙيءَ جو ٺهڪو ٿي پيو ۽ مٿي آسمان ۾ ڪنهن زور سان ڌمال ٿي وڄائي. مون ڌمال جو تصور ڪيو ته فردوسيءَ جي ”شاهنامي“ مان هيٺيون شعر ياد آيو:

ز نقـاره آواز آمـد بـرون
ڪه دون است دون است دنياى دون

(نقاري مان آواز آيو ته دنيا دون [ڪميني] آهي، دون آهي، دون آهي).

دنيا واقعي ڪميني آهي، پر ڪيستائين ڪميني رهندي! ڪيستائين! ڪيستائين! مون کي يڪدم ساڳئي ڪتاب مان فردوسيءَ جو پيو شعر ياد آيو:

اگر نه بڪام من آيد جواب
من و گرز و ميدان و افراسياب

(جيڪڏهن منهنجيءَ مرضيءَ موجب جواب نه آيو، ته مان ۽ گرز ۽ ميدان ۽ افراسياب!)

ادا، فردوسيءَ ڪهڙو نه چڱو چيو آهي! ڪهڙي نه سستي وِڪي هئي هن اِها ست! اهڙيءَ ست جي بها فقط هڪ اشرفي! جي عوام فقط انهيءَ ست جو قائل ٿئي، ته ساري مشرق جو خزانو ان جي پيرن ۾ هجي. هر افراسياب ۽ گرز اڳيان گدڙ آهي. گدڙ! گدڙ! ”گدڙ ماريا وڃا گهت گهير تي... گدڙ ماريا وڃا گهت گهير تي...“ تڙاپ! تڙاپ! تڙاپ!

هوا گهوگهات تي ڪيا ۽ تاڙيون زور سان ٺهڪو ڪري رهيون هيون. وڏڦڙو زور سان وسڻ لڳو، ۽ جڏهن سڀ پيچي

شل ٿي ويا، تڏهن ناچ ختم ٿيو. مان ڪپر ڏانهن موٽيس. ڪپر وٽان بتيلو پرئين ڳهاٽ وٽ نظر آيو. مون زور سان مهاٽي ڪي رڙ ڪئي، پر هن اها واڄ ۽ گوڙ سبب نہ ٻڌي. ايتري ۾ هڪ ماڻهو بگوچڙهہ مان لهي مون ڏانهن آيو ۽ چيائين، ”شاهصاحب دالي هيڏانهن ونو آهي، ۽ اوهان لاءِ چيو اٿائين تہ جيستائين مينهن بس ٿئي، تيستائين هتي اچي ويهو.“ مون ڪي ٻيو ڪوئي چارو نظر نہ آيو، انڪري ان ماڻهوءَ سان گڏجي، تختي تان چڙهي، بگوچڙهہ ۾ لٿس. وينگس، واڌ ڪي ڪپيءَ ۾ ڍر ڏئي، سڙهہ هيٺ لاهي رهي هئي. شاهصاحب، جو منهنجو اڳ واقف هو، مون ڪي ڏسي اٿي آيو ۽ هٿ ڏئي آجيان ڪيائين ۽ پوءِ چيائين، ”معاف ڪجو، ڏاڍو مينهن وسي پيو، نہ تہ مان پاڻ اوهان ڪي وٺڻ اچان ها.“ ائين چئي هن پينگ جي پيالي مون ڏانهن وڌائي چيو، ”پيئندءُ؟ مان تہ پرهہ جو پياڪ آهيان.“ ”نہ، مهرباني،“ مون پرسان رکيل ڏنڊي ڪونڊي ڏانهن ڏسندي چيو. دالي ۾ تڏي مٿان چوڪڙيون چوڪڙيون رلي ۽ ڏنڊو ڪونڊو ڪنهن ٻماڪن زندگيءَ جي تصوير وانگر ٿي لڳا. ”چڱو هي تہ کائو.“ ائين چئي شاهہ صاحب تتر جو ٻوڙ، ڪڪڪ جون ماڻيون ۽ ڏئونرن جي ڪتاڻ مون ڏانهن وڌائي. مون انڪار ڪيو تہ هو تيزيءَ سان کائڻ لڳو. مون هن کي چتائي ڏٺو. ڪرڙوڊ، اٺاسو، ٽوپيءَ جي ماڻيءَ جهڙو منهن، چيٽي جي سنگ جهڙيون مڇون. ماني کائيندي، هو مون ڏانهن ڏسي مرڪيو ۽ چيائين:

”اوهان بہ ڪانئي رنگين زندگي گذاري آهي.“

”هون.“

”اسان بہ ٻڌو آهي، شهر جي کهڙي ڳالهہ ٻجهي آهي اسان کان!“

چپ.

” در اصل پئسو آهي ته سڀ سک آهي، پئسي ساڻ ڇا نٿو ملي!“

” واقعي، شاهه صاحب، پئسي سان ڇا نٿو ملي! ڪاريون ڪجليون اکڙيون، سنهڙا سهڻا چپ، سانوري سلوڻي رنگت، ڇا ڇا نٿو ملي! انسان جو جسم ته ڇڏ، پر روح به ملهه ڪنهي ٿو سگهجي! پئسو انسان جي ڇهين حس آهي، ان کان سواءِ، هن جا باقي پنج حواس زندگيءَ جو پورو مزو ماڻي نٿا سگهن. پر شايد ڪو اهڙو وقت اچي جو پئسي کي ايتري همه گير طاقت نه رهي! شايد ڪو اهڙو وقت اچي جو پئسو نه انسان جو جسم خريد ڪري سگهي، نه روح!“

” اهڙو وقت ڪڏهن نه آيو آهي، نه ايندو. عيسيٰ موسيٰ کان به بڙو پير پيسو آهي!“

” فقط عيسيٰ موسيٰ کان؟“

هن منهنجو سوال نه سمجهيو ۽ پنگ جي نشتري ۾ چيائين،

” پئسي کان سواءِ انسان کي ڪو عيش ميسر نٿو ٿي سگهي، ۽ نه ڪڏهن ٿي سگهندو. منهنجو ابو، ڏاڏو، سڀ دنيا کي انهيءَ رنگ ۾ ڏسي ويا ۽ مان به ان کي اُنهي رنگ ۾ ڏسي رهيو آهيان، ۽ منهنجا پويان به ڪوئي ڦير نه ڏسندا.“

هن ماچيس ڪڍي تيلي ٻاري، پر تيلي ماچيس جي گهميل سطح تي نه جلي. پوءِ هن وينگس کي سڏيو ۽ هن کي سگريٽ ڏيئي چيائين ته ”سگريٽ تاندي مان د ڪائي آءُ.“ هوءَ منهنجي ويجهو آئي ته مون هن کي ڇتائي ڏٺو. اسان جون اکيون مليون، ته منهنجو سارو بدن ڏڏي ويو. ”سندڙي!“ مون چپن ۾ چيو؛ اکيون ٻريءَ اجهامي ويون.

مينهن گهٽجي ويو هو. پتن کان ٻتيلو ڪيچي ڏانهن اچي رهيو هو. مون شاهه صاحب کان موڪلايو ۽ بگوچڙهه مان ٻاهر

نڪري آسمان ڏانهن ڏٺو، ۽ دل ئي دل ۾ چيو، "آسمان ڳجي ڳجي نيٺ وسندو آهي؛ ڌرتي تپي تپي نيٺ ڦاٽندي آهي. اي قدرت! تنهنجي اٽل قانون کي ڪير روڪي سگهندو؟ ڪو به نه! ڪو به نه!"

ــ تنهنجو پنهنجو

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئينس روڊ، سکر
٥- آگسٽ، ١٩٦٠ع

ادا،

سکر ۾ ڏاڍي گرمي ۽ هُٻس آهي. شام ٿيندي ئي هيانءُ منجهڻ ٿو لڳي. هاڻي ٻارهين بجي براج تان موٽيو آهيان. منهنجون اونهاري جون راتڙيون زياده تر آتي بسر ٿينديون آهن. اتان جي هوا ۾ منهنجيءَ جوانيءَ جون سرگوشيون آهن. ٻن ٻن ۾ ڪنهن پرينءَ جو پڙلاءُ آهي. اتان جي لهر لهر، ستاري ستاري، درخت درخت ۾ منهنجا بيت ۽ گيت پکڙيا پيا آهن. براج جي کاٻيءَ پر تي ٻن واهن جي وچ ۾ رستو آهي، جنهن تي ٻنهي پاسين گدامڙيءَ ۽ ٽالهيءَ جا درخت آهن. جڏهن چنڊ واهه جي پاڻيءَ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو آهي ته لهريون تيزيءَ سان آهي ٽڪرا ڪٺي، پڄنديون وينديون آهن. مون کي هميشه ائين محسوس ٿيندو آهي ته "بيڪس" جو اُداس روح ساڏيلي ڪان ڦري، آتي اچي ويهندو آهي ۽ پنهنجي پياري ڪافي جهونگاريندو آهي:

"ڪاڪ ڪماڻي، ويل وهاڻي،
پينگ ٿيا سپ پاڻا:
وري موٽي، آءُ راڻا!"

ڪڏهن سکر آءُ ته توکي پنهنجي بيتن جو پس منظر ڏيکاريان. اچي ڏس ته ستارن جي سونهن‌جي چاٽ ڪيئن ٿي چمڪي، چنڊ جا ڪِرڻا وڻن منجهان وات ڪيئن ٿا ڪن، چنڊ جو ڪَنهرو گهاءُ ڪيئن ٿو چمڪڻ لڳي، ۽ ڪيئن صدين جو سوداءُ جيءَ ۾ جاڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوي ٿو.

تو لکيو آهي ته توکي ڪجهه نئون ڪلام موڪليان. سچ پڇين ته وڪالت جي بي انتها مصروفيتن رت ست ڪڍي ورتو آهي. گهڻو ئي چاهيان ٿو ته لکان، پر ڪجهه لکي نٿو سگهان. شايد ذات، آها بيوفا سريت، مون کي هميشه لاءِ ڇڏي وئي آهي. ائين محسوس ٿو ڪريان ته پکيئڙن وانگر شعر چوڌاري پرڙا ڦڙڪائي ڪُٽ ڪُٽ ڪري رهيا آهن، پر لفظن جي ڪوڙڪيءَ ۾ نٿا ڦاسن. جيڪڏهن ڪجهه لکيم ته توکي ضرور موڪليندس. پهرين تاريخ کان عدالتون بند آهن ۽ مون ڪجهه ڏينهن سير سفر لاءِ ڪڍيا آهن. سياڻي رات پنڊيءَ ويندس، ۽ اتان ڪوهه مريءَ ۽ سوات وغيره وڃڻ جو ارادو آهي. تو شڪايت ڪئي آهي ته مون ڍاڪا ۽ چاٽگام مان توکي ڪوئي خط نه لکيو هو. شڪايت بجا آهي، ۽ خطا لاءِ معافي طلب آهيان. هاڻي جتي جتي ويس، اتان توکي ضرور لکندس.

— تنهنجو پنهنجو

ريسٽ هائوس، ٽيڪسلا
۸- آگسٽ

ادا،

ڪالهه پنڊيءَ پهتس. ڏينهن جو پنڊي ڪافي گرم هئي. رات ڪجهه وقت برسات پيئي هئي. جنهن هوٽل ۾ مان لٿو آهيان، اُن ۾ سروَ جا لمبا درخت آهن. جڏهن برسات بيهجي ٿي وئي، ته منهنجي ڪمري جي سامهون ناسپاتيءَ جي وڻ مان چنڊ ليئو پائي ڇهي ڏي ويو. چنڊ جي ان ادا ۾ ڄڻ هڪ نوخيز پرده‌نشين جي شرارت هئي. جيستائين ننڊ آئي، تيستائين اِها لڪڇپ ڏسندو رهيس.

صبح جو بس تي ٽيڪسلا لاءِ روانو ٿيس. بس ۾ سڀئي مزدور طبقي جا ماڻهو هئا، جي پنهنجيءَ پنهنجيءَ ميل ڏانهن وڃي رهيا هئا. پنجابي عوام نهايت پرخلوص ۽ ان جي ٻولي نهايت پياري آهي. بس ۾ سڀئي پنجابي ڳالهائي رهيا هئا، سواءِ هڪ بنا مڇ-ڏاڙهيءَ واري جناب جي، جو لکنوي لهجي ۾ اردو ڳالهائي رهيو هو. هن جي منهن تي ڏاڙهي بلڪل نٿي نهي— شايد فقط سُنت جي ادائگيءَ لاءِ رکي هئائين.

ڏاڙهيءَ واري شايد منهنجيءَ شڪل صورت مان اندازو ڪيو ته مان پنجابي نه آهيان، سو مون سان اردوءَ ۾ مخاطب ٿيو:

”اوهين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟“

”ٽيڪسلا.“

”ڪهڙي ڪم سان؟“

”ٽيڪسلا جا کنڊر ۽ عجائب گهر ڏسڻو اٿم“.

”تعجب آهي ته اوهين مسلمان ٿي ٻڌ ڌرم جا بت ڏسڻ ٿا وڃو!“

”حڪومت ته اهڙا سفر همٿائي رهي آهي.“

”حڪومت کي پنهنجي مصلحت هوندي، پر اوهان کي ته مسلمان ٿي ائين نه ڪرڻ گهرجي.“

”خوبصورت مجسما يا بت ڏسڻ گناهه آهي ڇا؟“

”تعجب آهي، اوهان کي اها خبر نه آهي! اسلام ۾ بت تراشي، تصويرڪشي، ۽ ڪنهن حد تائين شاعريءَ جهڙيون لغويات، معتوب قرار ڏنيون ويون آهن.“

”ڇو؟“

”ڇو جو ڪوئي سوال نٿو اٿي. بس، قرار ڏنيون ويون آهن!“

اوچتو هن کي ڪوئي خيال آيو ۽ مون کي ڇتائي ڏسي پڇيائين، ”اوهان سنڌي آهيو ڇا؟“ مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي، ته هن چيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

” پر اردو تہ لکنوي يا دهلويءَ جهڙي تا ڳالهايو.“

”هر لکنويءَ يا دهلويءَ جهڙي نہ“، مون جواب ڏنو.

هن منهنجي جواب ۾ طنز محسوس نہ ڪئي ۽ اخبار ”جنگ“ پڙهڻ ۾ محو ٿي ويو. ادا، ان انسان جي دل ۽ دماغ جو اندازو نہ لڳاءِ، جنهن ۾ يوناني بت، جاپاني ۽ چيناني تصويرون ۽ غالب جو ڪلام، فقط نفرت جو جذبو اڀاريندو هجي: جنهن کي هر حسن جي تخليق کان نفرت آهي، ان جو خدا جو تصور ڇا هوندو؟

بس هڪ ڪلاڪ ۾ ٽيڪسلا پهتي. بس تان لهي ٽانگي تي چڙهڻو پيو، ڇو تہ عجائب گهر اتي کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي هو. رستي تي پنهنجي پاسي ويٺل ڪنهن جي پوک هئي. ٽانگي وارو پٺاڻ هو. مون هن کان پڇيو تہ ”شاعر خوشحال خان خٽڪ جو نالو ٻڌو اٿيئي!“ تہ وائڙو ٿي مون کان پڇيائين تہ ”ڪٿي رهندو آهي!“ مون کي تعجب آيو تہ تعليم يافتہ پٺاڻ چوندا آهن تہ خوشحال خان اسان جو قومي شاعر آهي، پر هڪ عام پٺاڻ کي، جو مالاڪنڊ جو رهاڪو آهي، ان جي نالي جي خبر بہ نہ آهي! ان جو سبب اهو آهي تہ خوشحال خان جي شاعريءَ ۾ اها غنائيت ۽ موسيقي نہ آهي، جا هن کي عوام ۾ مقبول ڪري سگهي. ان لحاظ کان اسان جي سنڌڙيءَ جي سائينءَ، لطيف، جو مثال پاڪستان ڀر ۾ نہ آهي. سنڌ ۾ ڪهڙو ماڻهو آهي، جنهن لطيف سائينءَ جو نالو نہ ٻڌو آهي، ۽ ان جي ڪلام مان پنهنجيءَ صلاحيت موجب لطف نہ ورتو آهي. مون ”پشتو اڪيڊميءَ“ جو شايع ڪيل ”خوشحال خان خٽڪ جو ڪلام“ پڙهيو آهي، ۽ معنويءَ غنائي لحاظ کان هن جي ۽ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ايترو فرق آهي، جيترو هڪ اڻ گهڙيل پٿر ۽ گوتم ٻڌ جي خوبصورت مجسمي ۾. باقي هن جي ڪلام ۾، جيڪو اُن سنگدل بادشاهہ اورنگزيب لاءِ نفرت جو جو شديد اظهار آهي، سو واقعي قابل داد آهي. انهيءَ بيذوق

تہ چيو ھو تہ ”راڳ ڪي آتي پوريو، جتان وري نہ نڪري سگھي!“

ساڏي يارھين ٻجي عجائب گھر پھتس. مون موھن جي دڙي جو عجائب گھر بہ ڏٺو آھي، پر ٽيڪسلا جو عجائب گھر پنھنجو مثال پاڻ آھي. گوتم ٻڌ جا نھايت حسين مجسما جابجا رکيا ھئا. جيترو اطمينان ۽ سڪون گوتم جي منھن مان نڪري انساني روح کي پنھنجي گرفت ۾ آڻي ٿو، ايترو شايدئي ٻئي ڪنھن انسان جي منھن ۾ ھجي. ڪيترو نہ رحم، نرمي، خلوص ۽ اطمينان آھي ھن جي چھري ۾! مون ائين محسوس ڪيو تہ منھنجي روح کي چانڊوڪيءَ جي چادر ۾ ويڙھي، ڪوئي لولي ڏيئي رھيو ھو. ھن جي اکين ۾ مقناطيس جي ڪشش ھئي، جا چڪي چئي رھي ھئي تہ ”آھ، ھيءَ دنيا مايا آھي، ھن جي ھر شيءِ اڇڻي وڃڻي آھي، ھيءَ ڏک جي رچنا آھي، ھن جي ابتدا بہ ڏک آھي، انتھا بہ ڏک، ھن جيون جي چار-پھريءَ چايا تي نہ پل، اھا لھندي ويرم نہ ڪندي: آھ تہ توکي اھي مُڪتي ڏيان، انھن خواھشن کان، جن جي مھا چار توکي ھڪ مک وانگر ڦاسائي ڇڏيو آھي، جي زندگيءَ جي اونداھيءَ رات ۾ ھڪ ٻبر شينھن وانگر گجنديون ٿيون رھن، جي زندگيءَ جي ٿڏيءَ ڇر ۾ ھڪ واٻونءَ وانگر ڇمپ ماري ٿيون ويھن: آھ، مان تنھنجي نرواڻ آھيان، مان ئي تنھنجي ابدي نجات آھيان — اھا نجات، جنھن ۾ نہ ڏک آھي نہ سک، نہ خواھش آھي نہ تمنا، جنھن ۾ ھڪ مطمئن شعور جو سمندر موجون ماري رھيو آھي: آھ تہ مان توکي جنم جنم جي ڦيري کان ڇڏايان!“

ڪا گھڙي تہ مان ھن کي حيرت ۽ خاموشيءَ سان تڪيندو رھيس، ۽ پوءِ ھن جي مٽي-مٽي ھٿ گھمائي چيم تہ ”ڀڳوان! تون واقعي بيحد حسين آھين، پر جنھن بت تراش توکي گھڙيو آھي، تنھن جو روح توکان بہ زياده حسين ھو: آن جي ھٿن ۾ اھا

نرواڻ هئي، جا هن تنهنجي چهري کي بخشي آهي: تون پٽلي ٿو وڃين ته تون پٿر هئين ۽ منهنجي فنڪار ياڻ توکي اهو وجود، اهو حسن ۽ اها ڪشش بخشي آهي. ڀڳوان! مان آد-جڳاد جو پاپي آهيان. مون کي ڌرتيءَ ۽ انهيءَ جي ڌڪ سان محبت آهي!.... مان جنم جنم ڀٽڪي، وري وري انهيءَ ڌرتيءَ تي موٽي ايندس. اها منهنجي ازلي ماڻ آهي. مون کي تنهنجي مڪتي نه کپي، تنهنجي نرواڻ نه کپي: منهنجي نرواڻ اِن ۾ آهي ته هنن هٿن سان پٿر کي جان بخشيان، ۽ تو جهڙا نوان نران ڀڳوان گهڙيان."

آن ڪان پوءِ مان عجائب گهر ۾ ڦرندو رهيس ۽ گنڌارا دور جون گوليءَ لڏل شيون ڏسندو رهيس. ڦرندو ڦرندو مان هڪ پيٽ وٽ آيس، جتي ٻوڌي سنياسين جا بت هئا، جن مان ويراڳ وسي رهيو هو. گويا هنن جون اکيون هن دنيا جي هر رنگينيءَ کان منڙي ويٺيون هيون. آنهن جي پرسان هڪ نهايت حسين بت هو، جنهن جي هيٺان لکيل هو، "نندا ڪڙيون نچٽيون." آن ۾ ڪجهه ننگيون رقاصائون. رقص ڪري، ٿڪجي، اڌ ٻوٽيل نندا ڪڙا نيڻ کڻي ليٽيون پيون هيون. بت تراش جو مقصد هيءُ ڏيکارڻ هو ته گوتم ٻڌ جي گيان حاصل ڪرڻ کان اڳ اِنسان عياشيءَ ۾ غرق هئا. مان ڪيتريءَ دير تائين اهو بت ڏسندو رهيس. جيستائين منهنجي گهور آنهن جي انگ انگ ۾ گهڙي ويئي.... پٿر ۾ جان پوندي ويئي ۽ هو منهنجي اکين اڳيان ڪر موڙي اٿيون. "نچو!" مون هنن کي چيو. "نچو. هيءَ زندگي بلڪل مختصر آهي. هيءَ زندگي ماڪ جو ڦڙو آهي. جو ڪنول جي پن تي لڏي لمي رهيو آهي ۽ هيٺان موت جو آٿاهه پاٽي موجون ماٽي رهيو آهي، جنهن جو ڪوئي پاتار نه آهي. نچو! هيءَ زندگي وري نه ملندي، اهو ڏيان گيان سڀ ڊوکو آهي، هن جسم جو جادو ئي فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

امر آهي .... اي سلوٽا ، سانورا جسم ، نچو!"

اوچتو منهنجو ڌيان آن موهن جي دڙي جي هڪ ٽڪنگ تي نچندڙ رقاصہ ڏانهن ويو. ادا ، رقص جسم جي شاعري آهي. جڏهن آني جي هوا ۾ مور نچندو آهي ته "حافظ" جي غزل کان زياده وڻندو آهي. عورتن کي رقص ۽ راڳ کان بي بهره رکي، انسان ڪيترو نه انهن تي ۽ پاڻ تي ظلم ٿا ڪن. ڪن ته رقص کي فقط قحبہ خاني جي زينت بڻايو آهي. مان ته سمجهان ٿو ته انهيءَ قوم جو روح هڪ وڏو قحبہ خانو آهي، جا عورت کي رقص ۽ موسيقيءَ کان محروم ٿي رکي.

هينئر شام جا ڇهه لڳا آهن. مان چئين بجي ريسٽ-هائوس مان چانهه جي پيالي پي اچي صنوبر جي درخت جي هيٺان ويٺو هوس، ۽ تو ڏانهن هيءُ خط لکڻ شروع ڪيو هوم. هينئر شفق پنهنجن مينديءَ رتن هٿڙن ۾ سڄ جو سونو ٿالهہ کڻي آئي آهي. اوچتو ٽر-ٽر ڪندو سڄ الين سنهيءَ ڪڪريءَ هيٺان هليو ويو آهي، جيئن ڪا حسين عورت وهنجندي وهنجندي، اوچتو ڪنهن ڌاريي مرد کي تڪيندو ڏسي، ڏڪندڙ هٿن سان پنهنجا انگ ململ جي پوتيءَ سان ڍڪڻ لڳي. مون جڏهن ريسٽ-هائوس ۾ چانهه ٿي پيتي ته مون کي هڪ ايراني سياح جو هيليون شعر ياد آيو، جو هن موهن جي دڙي جي وزيٽرس بڪ ۾ لکيو آهي:

"مان جتي به ويو آهيان، آتي چانهه مٽيءَ جي پيالي ۾ پيتي اٿم — اهو مٽيءَ جو پيالو شايد اسان جي وڏن جي مٽيءَ مان جڙيو آهي."

ادا، تعجب آهي ته ڪنهن به سنڌيءَ تڪليف وٺي موهن جي دڙي جو وزيٽرس بڪ چڱيءَ طرح نه پڙهيو آهي. آن ۾ ڪيترن ئي مغربي سياحن جون نگارشون آهن، جن اسان جي سنڌڙيءَ جي قديم تهذيب تي گلن جي ورکا ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون کي اها جنوريءَ جي رات ياد اچي رهي آهي، جڏهن مان ۽ منهنجو هڪ پنجابي دوست، موهن جي دڙي جي ريسٽ-هائوس ۾ ويٺا هئاسين. ٻاهر پارو پئجي رهيو هو ۽ آسمان ۾ ستارا ائين ٿي لڳا، ڄڻ ته سيءَ ۾ ڄمي ويا هئا. ڪمري جي بخاري ۾ ڪاٺين جو مچ ٻري رهيو هو. اسين هٿ به سيڪي رهيا هئاسين، ۽ اهو وزيٽرس بڪ به پڙهي رهيا هئاسين. جڏهن ان ۾ مشهور انگريز تاريخ نويس "ٽوئن بيءَ" جي تاثرات تي پهتاسين، ته اسان جو من اڇلون ڏيڻ لڳو. هن لکيو هو ته "منهنجي دنيا جي سفر جي هيءَ چوٽي آهي. تهذيبن متعلق ڪتابن ۾ پڙهڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ انهن کي اکين سان ڏسڻ ٻي ڳالهه آهي. مون دنياجون ٻيون به تهذيبون اکين سان ڏٺيون آهن، پر موهن جي دڙي جي تهذيب جو مثال ڪٿي به نه آهي." منهنجي دوست ڪتاب بند ڪري، مون کي چيو ته "چيسٽر پاءِ. ته ٻاهر هلون." ان وقت رات جا ٻه وڳا هئا ۽ سيءَ ۾ لڳ لڳ ڪنبي رهيو هو. سرديءَ جي احساس مٿائڻ لاءِ اسان اتان دڙي تائين ڊوڙ پاتي. ڊوڙندي سهڪي رهيا هئاسين ۽ چانڊوڪيءَ ۾ ململ جهڙي آڏامي اسان جي ساهه ۾ هلي ويئي هئي. مون پنهنجي دوست کي چيو ته "اجا زور سان ڊوڙ ته هيءَ مٽي، هيءَ اسان جي پنج هزار سال پراڻي تهذيب جي مٽي، انهيءَ نچندڙ رقاصه جي هڏن ۽ ماس جي خاڪ، اسان جي ڦڦڙن جي پور پور ۾ پرجي وڃي." اسين ڊڪندا ڊڪندا ان ڪونيءَ وٽ پهتاسين، جتان مُردن جا سالم هڏن جا پڃرا لڌا ويا هئا، جن کي شايد ويڙهه ۾ قتل ڪيو ويو هو، ۽ اتي ويهي ٽڪ پئيوسين. مون کي موهن جي دڙي جي سنسان فضا ۾، اهو چنڊ جو منظر ڪڏهن به نه وسرندو. مان مڪليءَ تي چنڊ جي پنيان چارا رليو آهيان، پر هن منظر جو ڪوئي مثال نه آهي. چاهيان ٿو ته ان جي ڪا تشبيهه ڏيان.... پر هڪ بيمثل شيءِ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪھڙي تشبيھ، ٿي سگھندي!

سانت، پوَ جي پيوھ، پاڇائي آھي. جڏھن ھ ڪو ان جي ويجھو ايندو آھي تہ ھوءَ پوَ ڪي سڏيندي آھي. اسان ڪي اتان جي چپ چپات ۾ چوڌاري ڪجھ چُرندو محسوس ٿيو: ائين ٿي لڳو، ڄڻ انھن مٽن جا پنج ھزار سال پراڻا روح چوڌاري ڀٽڪي رھيا ھئا؛ ائين ٿي محسوس ٿيو، ڄڻ اسين اتي رھيا ھئاسين— اھي اسين ھئاسين جي ان ڪمري ۾ قتل ڪيا ويا ھئاسين، ۽ اھي ھڏا اسان جا ھئا. منھنجي ھٿ مان سگريٽ ڪيس ڪِري پيو تہ ڪڙڪي ٿي ھ ڦيرا گھگھڙو گھڙو ڪندا آڏاٽا، ۽ ٿورو پريان ھڪ سنھڙو نانگ مٽيءَ ۾ وَٽَ ڪائيندو وڃي رھيو ھو. ٿوريءَ دير کان پوءِ اسين پنھنجي ڪمري ۾ موٽي آياسين ۽ ٻاھر ٿي ھٿ پير سيڪڻ لڳاسين. ان وقت ٻاھر ايترو تہ وڻي ٿي، جو منھنجي دوست اچانڪ چيو "ادا، جي مان سياري ۾ مران تہ منھنجي لاش کي ٻاھر ۾ جلائجانءِ."

صبح جو اسين دير سان اٿيا ھئاسين ۽ ڏھين بجي تيار ٿي ڪمري کان ٻاھر نڪتاسين، تہ ٻاھر ھڪ نئين شورليٽ ڪار جي پرسان ھڪ مرد ۽ عورت بيٺا ھئا. ھو صبح سويري ڪار تي ڪراچيءَ کان آيا ھئا. مرد آمريڪن ھو ۽ عورت، جنھن ٻڌايو تہ ھو پيڪنگ جي چينائڻ ھئي ۽ چين جي اشتراڪي انقلاب کان اڳ آمريڪا ۾ پڙھندي ھئي، ھن جي زال ھئي. آمريڪن ڳيرو ٿي لڳو ۽ لونڊڙيءَ تائين ڪوڙيل ڏاڙھيءَ سبب ھن جا ڳاڙھا ڳٽا زياده ڳاڙھا ٿي لڳا. چينائڻ جو رنگ زيتوني ھو ۽ ھن جي اٿڪيل ٻانھن جي ماس ۾ اھو گداز ۽ نرمي ھئي، جا فقط چينائي عورت ۾ ئي ٿي سگھي ٿي. اسان اڄا پاڪستان ۽ آمريڪا متعلق ڳالھايو ٿي تہ ٻي ڪار اچي نڪتي، جنھن ۾ آمريڪا جا سنسني خيز ناول لکندڙ اگاٿا ڪرسٽي، ۽ ھن جو مڙس

هئا. اسان‌جو هنن سان تعارف ڪرايو ويو ته معلوم ٿيو ته هنن کي ڪراچيءَ ۾ آئي فقط ٻه ڏينهن ٿيا هئا ۽ هنن کي ڇٺن پنجن ڏينهن ۾ موٽي وڃڻو هو: هي اِن ڪري پاڪستان جون سڀ ڪان زياده دلچسپ جايون ڏسڻ نڪتا هئا ۽ پهريائين موهن جي دڙي تي آيا هئا ۽ اتان ٽيڪسلا ويندا. ڪيتري نه زندگي، ۽ زندگيءَ سان محبت آهي هنن اِنسانن ۾! ڪيترو نه دنيا ۽ انجي گوناگون رنگينين سان چاهه آهي هنن ۾! اَن ڪان هڪ ڏينهن اڳ اسين موهن جي دڙي جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي موٽيا هئاسين ته لاڙڪاڻي جو هڪ عملدار صاحب ريسٽ‌هائوس جي چبر تي ڪرسيون وجهائي ويٺو هو. هن سان ٽي چار ڇوڪرا ٻه ساڻ هئا. هو مون کي وڪيل جي حيثيت ۾ سڃاڻندو هو ۽ منهنجو متيءَ هاٿو بوٽ ڏسي، انگريزيءَ ۾ چيائين ته

”ڪڏهن آيو آهين؟“

”اڄ صبح جو.“

”ڇا تي؟“

”جيپ تي.“

”ڪنهن ڪان ورتي اٿيئي جيپ؟“

”پنهنجي آهي.“

”ڏاڍي ڪمائي آهي وڪيلن کي! مان ته اَڌاريءَ ڪار تي آيو آهيان. ٻارن چيو ته موهن جو دڙو ڏيکار، سو مون ريسٽ‌هائوس وٽ ڪار روڪي ۽ هنن کي اتان ڪنڊر ڏيکاريم. اڳتي وڃون ها ته ڪپڙا لٽا سڀ ڌوڙ ٿي وڃن ها. تو صبح ڪان وٺي انهن ڪنڊرن ۾ ڇا ٿي ڪيو؟“

”سنڌڙيءَ جي وڏڙن جي خاڪ کي سلام ٿي ڪيم.“

”تنهنجا وڏا هوندا، اسان‌جا وڏا ته عرب مان آيا هئا.“ ائين چئي، هن نفرت سان منهن ڦيري ڇڏيو ۽ چانهه پيئڻ لڳو. مون

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

هن کي گهُوري ڏٺو، ۽ منهنجون اکيون تائيل ڪمانن وانگر ٻاهر نڪري آيون. جذبي جي شدت کي لنوائڻ لاءِ پنهنجو ڏوهه جهونگارڻ لڳس:

”منهنجي مَنَ کي ميرو سمجهي، ڌڏي ڇڏين ٿو ٿانءُ،
تنهنجي من کان ميرو ناهي، هٿ رکي ڏس هانءُ.“

سو، اها هئي هڪ تعليم يافته سنڌيءَ جي پنهنجي قديم تهذيب سان محبت — اها تهذيب، جنهن کي ڏسڻ لاءِ اگاٿا ڪرسٽي هزارها ميل سفر ڪري آئي هئي! اسين اگاٿا ڪرسٽيءَ سان هن جي همعصر ناول نويسن — هيمنگ وي، فلڪنر، اسٽينبڪ ۽ نبوڪوف وغيره متعلق ڳالهائي رهيا هئاسون ته ميوزم جو ڪيوريٽر اچي نڪتو ۽ هن چينائڻ ۽ ان جي مڙس کان پڇيو ته ”ڍنڍ ڏسڻ هلون؟“ هنن هائو ڪئي ته اسان کي چيائين، ”هتان هڪ ميل جي مفاصلي تي هڪ ڳوٺ آهي، جنهن کي حسڻ واهڻ جي ڍنڍ چوندا آهن. اتي هڪ ڏسڻ جهڙي ڍنڍ آهي. اسين اوڏانهن وڃي رهيا آهيون، اوهين به هلو ته چڱو.“ پوءِ مان، منهنجو دوست ۽ ڪيوريٽر ڪار جي پٺينءَ سيٽ تي ويناسين ۽ چينائڻ ۽ هن جو مڙس اڳينءَ سيٽ تي ويٺا. چينائڻ ڪار هلائي رهي هئي ۽ اسٽيئرنگ ويل تي هن جون ٻانهون هڪ عجيب دلبريءَ ۽ بيساختگيءَ سان ڦري رهيون هيون. جڏهن ڍنڍ تي پهتاسين ته اسان کي اتي ڪائي خاص ڳالهه نظر نه آئي ۽ چينائڻ پنهنجي بيڪار تڪليف تي خفي نظر اچڻ لڳي. ڪيوريٽر اهو محسوس ڪيو ۽ اسان کي هڪ ڪوهه تي وٺي آيو. ڪوهه جو ڍينگو، نار، ۽ چڪر ۾ ڏاند ڏسي، پيٺي زال مڙس ٽڪبيون هڻڻ لڳا. ڏاند جي اکين تي کوپا چڙهيل هئا ۽ ان کي هڪ هاري لڪڻ سان هڪلي رهيو هو. جڏهن چينائڻ ٿورو جهُڪي اک تي ڪئميرا رکي، ته هن جون پيٺي ڪڇون ظاهر ٿي پيون ۽ هن جي ڇاتيءَ وٽان فراڪ جي ڳچي ڪجهه

هيٺ لاڙڪي پيئي، جنهن مان هن جو نرم ۽ گداز سينو ڏيکارجڻ لڳو. ڪوهه تي هاريءَ ڏاندن کي هڪلڻ ڇڏي ڏنو ۽ هن جي ٻانهن ۽ ڇاتيءَ کي گهوري ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ منهنجي دوست هن جي ويجهو وڃي هڪ ڏاند جي ڪوپن ۾ هٿ وڌو ته هو ڇرڪي ويو. هن مرڪي هاريءَ کي چيو ته ”هن غريب جا ڪوپا لاهه ته هي به ڏسي! تنهنجو صدين جو يار آهي، تو وانگر هن کي به اڄ ڪڏهن اهڙو موقعو نه مليو آهي.“ هاري اول ته گهٻرائجي ويو ۽ پوءِ هن کي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو.

ادا، هينئر اوندهه ٿيندي ٿي وڃي. سامهون ڪشمير جي پهاڙين تي رات هڪ گرڙ پکي وانگر لهي آئي آهي ۽ پنهنجا ڪارا پَرَ ڦهلائي ڇڏيا اٿس، ۽ ريسٽ هائوس جا سروءَ جا درخت ننڍڙن هيسيل پکيئڙن وانگر هن کي ڏسي رهيا آهن. مون تو کي ٽيڪسلا جي تفصيلي احوال بدران موهن جي دڙي جون يادگيريون لکيون آهن. تنهائيءَ ۾ سوچيندي، انساني ذهن ڪٿان جو ڪٿان وڃي ٿو نڪري. ان تي نه زمان جي پابندي آهي، نه مڪان جي. چاهيان ٿو ته ٽيڪسلا جي ننڍڙن نچڻين تي هڪ نظم لکان، پر الائي ڇو ذات ڏمري آهي! سٺون جُڙي ائين ڀڄي ٿيون وڃن، جيئن واريءَ جو لڏون هٿن ۾ ڀري پوي.

— تنهنجو پنهنجو

لاڪ ووڊ هوٽل، ڪوهه مري
١٠- آگسٽ

ادا،

هفتو ٿيو ته پنڊيءَ مان هتي پهتس. پنڊيءَ ۾ ڪوئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دوست يا واقف نہ مليو. سواءِ چند آردو شاعرن جي ، جن مان ڪي ”رائٽرس گلڊ“ جا ميمبر هئا ۽ منهنجي ناليءَ کان اڳ ئي واقف هئا. هي سيروس سئنيما جي لڳ هڪ ڪيفي ۾ ، ”اردو شاعريءَ ۾ محبوب جو تصور“ جهڙي پراڻي ۽ بي معنيٰ موضوع تي بحث ڪري رهيا هئا. انهن مان ڪو چئي رهيو هو تہ ”ولي دکنيءَ جي غزل ۾ محبوب ڪٿي مذڪر آهي، ڪٿي مونث؛“ ڪنهن چيو ٿي تہ ”مير تقيءَ جي غزل ۾ بارها محبوب کي مذڪر ڪري مخاطب ڪيو ويو آهي؛“ ۽ ڪنهن چيو ٿي تہ ”پهريون دفعو اختر شيرانيءَ محبوب کي مونث ڪري ، سلميٰ، عذرا وغيره جي نالن سان مخاطب ڪيو آهي.“ انهن مان جو زياده ذهين ٿي لڳو، تنهن مرڪي چيو تہ ”پنجاب جي سلميٰ ۽ عذرا، جا ڪنوينٽ ۾ سڪيل، چٽپٽ چيتيل لهجي ۾ انگريزي ڳالهائي ٿي ۽ پرس مان لپ اسٽڪ ڪڍي. پنهنجن چپن کي لائيندي، فقط شورليٽ ۽ فورڊ جي نئين ماڊل ۽ ڪِم نووڪ (آمريڪن ائڪٽريس جو نالو) جي نئينءَ فلم تي بحث ڪري ٿي ، سا ايتري تہ غيرشاعرانہ آهي جو اردو شاعرن کي وڙي محبوب کي مذڪر ڪري مخاطب ڪرڻو پوندو.“ اِن تي هو سڀ ڪلڪ لڳا. پر انهن مان هڪڙي ، جنهن جو جدت پسنديءَ جو شوق هن جي اخبار جي ٽڪرن جي ڇاپي واريءَ قميص مان ظاهر هو ، مٿئين ذهين شاعر کان پڇيو تہ ”اوهين عورتن جي تعليم ۽ آزاديءَ جي خلاف آهيو ڇا؟“ هن جواب ڏنو تہ ”منهنجو مقصد فقط اهو آهي تہ جنهن عورت ۾ تعليم ۽ آزاديءَ جي باوجود مشرقيت نہ آهي ، آها اسان لاءِ غيرشاعرانہ آهي. جنهن عورت کي حسن سان حيا نہ آهي ، جنهن کي ’سهڻيءَ‘ جو ڪردار نہ آهي، سا ڪنهن بہ شاعر جي محبوبہ نہ ٿي سگهندي.“ ائين چئي، هن مون ڏانهن

منهن ڦيرائي، تائيد جي اميد سان ڏٺو. مان هن وقت تائين خاموشيءَ سان هنن جو بحث ٻڌي رهيو هوس ۽ دل ۾ آيم تہ هن کي ”شوپنهار“ جو مقولو ٻڌايان تہ ”هر انسان هڪ نگاهہ جو مستحق تہ آهي، پر هر انسان هڪ جواب جو مستحق نہ آهي.“ پر، اردو شاعر ڪٿي ٿو ڪنهن کي خاموش رهڻ ڏئي! مجبوراً مون چيو تہ ”مون کي فقط اوهان جي مثال سان اتفاق نہ آهي. سهڻيءَ جو ڪردار ڪنهن آدرشي عورت جو ڪردار تہ نہ آهي. اوهين ڀلي ٿا وڃو تہ هوءَ مڙس کي ننڊ ۾ ڏسي، راتو واهہ درياهہ پار ڪري، يار ڏي ويندي هئي.“ هن ڪجھ منهن گهنجائي مون کان پڇيو، ”اوهان جي ادب ۾ ڪوئي اُن کان بهتر ڪردار آهي!“ مون جواب ڏنو، ”ها، آهي. مارئي! جنهن جو ڪردار شاهہ لطيف سر مارئيءَ ۾ چٽيو آهي. هوءَ ڪوٽ ۾ قابو هئي، جتي هن کي طرحين طرحين لالچون ڏنيون ويون تہ بہ عمر سان ياري نہ رکيائين ۽ مڙس لاءِ ماندي رهي.“

اخبار جي ٽڪر جي ڇاپي واريءَ قميص سان شاعر ٿڪ ڏيئي، ”حافظ“ جي سٽ پڙهي:

”بہ خالِ هندواش بخشم سمرقند و بخارا را.“

مون مرڪي چيو، ”شاعر صاحب! هاڻي سمرقند ۽ بخارا اشتراڪي روس ۾ آهن. ڏسجو، انهن جي بخشش ڪوئي بين الاقوامي مسئلو نہ پيدا ڪري ڇڏي! روس پنهنجي سرزمين سان ڪنهن جي بہ دست اندازي نٿو سهي سگهي.“ جڏهن هوٽل ڏانهن موٽيس ٿي، تہ رستي تي ياد آيم تہ پراڻي سکر جي هڪ شيعي شاعر مون کي چيو هو تہ ”هن سنين جي اڪثريت واري ملڪ ۾ مارئيءَ جو ڪردار هڪ شيعي جو ڪردار آهي، جنهن کي سدائين عمر لاءِ نفرت آهي“! هر انسان آرٽ کي پنهنجي پنهنجي نظريي جي رنگين شيشي سان ڏسي، اُن جي

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

معنيٰ ڪري ٿو. جڏهن ڪان مري ۽ آيو آهيان، تڏهن ڪان "عذرائون" ۽ "سلمائون" ڏسي رهيو آهيان. ساري مال روڊ تي گهگهريون، "ڏسڻ جا توهم" آچي رهيون آهن. شام ٿئي ٿي ته ساري روڊ تي ڪلهي گس لڳي وڃي ٿي. شام جو ڏهين بجي تائين انسان اچ وڃ ۽ لهه وچڙ ۾ محو آهن. جتي جتي دڪانن تي بجليءَ جي روشني زياده، اتي پيهه زياده آهي. هتي روز ڏياري آهي ــ ڏياري، جنهن ۾ ڪنهن راوڻ جو ڪنهن کي به احساس نه آهي: ۽ مال روڊ ڪان اڌ ميل جي مفاصلي تي پهاڙين جي جهوپڙين ۾ ڏکي بکي زندگي گويا سيتا جي سٽ تي ٽڳي رهي آهي. مون کي هڪ هجوم ۾ رهي، ايترو تنهائيءَ جو احساس ڪڏهن به نه ٿيو آهي؛ هتي اک اک ۾ گجهون ۽ هيلون لاسارا ڏيئي رهيون آهن، جوڏاري جنسي بک چيچڙا ڳهي رهي آهي. هيٺ واديءَ ۾ انگ اگهاڙا ۽ پيٽ بکيا انسان آهن، جن کي نه ڏينهن جو مانيءَ ڳيو نصيب آهي نه رات جو. جن کي خوش‌نصيب انسانن سان گڏ خوش‌فهم خدا به وساري ڇڏيو آهي.

چوٿون ڏينهن مان هوٽل جي مالهيءَ ڪان اتان جي گوناگون گلن جا نالا پڇي رهيو هوس ته هن ڳالهين ڪندي ٻڌايو ته "هي ٻهاڙي علائقو نهايت غريب آهي. هن سال ڳڙو وسيو هو ته آڙو، ناڪ، خوباني ۽ ٻيا ميوا سب سڙي ويا. ۽ ڪنهن سبب ڪري مڪئيءَ جي پوک به گهٽ ٿي آهي." نتيجو اهو ٿيو آهي ته هتان جو عوام بک مري رهيو آهي. ٻئر ڪٿي ڪٿي ساٿا ٿي، جڏهن شام جو اهي بکيا پهاڙي موٽن ٿا ته هنن کي پهرين اهو خيال ٿو ستائي ته رپئي به سير اٽو آهي، ڏينهن جي ڪمائيءَ مان ڪير ڏاڍي ڪير ڪائيندو! فطرت جي حسن مان اک جو ڏءُ ته ٿئي ٿو، پر پيٽ جي بک نٿي لهي!

ٽيون ڏينهن نتيا گليءَ ويو هوس. مون سان هڪ دوست ساڻ هو، جنهن هڪ عجيب تمثيل ڏني. چيائين ته "شداد ويچاري دنيا ۾ بهشت بڻايو ته خدا به هن جي خلاف ٿي ويو، ۽ هن کي نانگ کان ڏنگايائين. در اصل دنيا کي بهشت بنائڻ جو تخيل ئي غير مذهبي آهي." مون هن کي کلي چيو، "پر پوءِ به تو سان شداد جي خودي نه ويندي، تون دنيا کي بهشت بڻائڻ جو خيال نه ڇڏيندين."

جڏهن ڊونگا گليءَ وٽ پهتاسين ته جهڙ ڇانئجي ويو. هيٺ واديءَ ۾ ڪڪر ائين ٿي لڳا، جڻ ڪنهن پيجاري ڪپهه جون پوٽيون ٿي اڏايون. ڪڏهن ڪڏهن اس ٿي نڪتي، ته ڇپل جي پنن سان اس جا ترڪا پهاڙي ڇپن تي ائين ٿي پيا، جيئن ڪنهن پتر ڪٽيندڙ جابلوءَ جي سخت، سوٽ ۽ ٿامڻيءَ هنيل منهن تي چٽيءَ جا داغ. ڊونگا گليءَ وٽان ويندڙ پيچري تي آهستي آهستي مٿي ٿي وياسين ته ڪوئي پنجابيءَ ۾ ڳائي رهيو هو، "قِس نين-بدل برسي" (يعني نيڻن جا بادل قسي پيا ۽ وسڻ لڳا.) استعاري جو انداز ڪهڙو نه پيارو هو! ڪير چوندو ته پنجابي شاعريءَ ۾ ايتريون ترقيءَ جون صلاحيتون نه آهن، جيتريون اردوءَ ۾. مون نيڻن جي بادلن سان تشبيهه اردو، سنڌي، بنگالي، هندي، انگريزي ۽ فرينچ شاعريءَ ۾ پڙهي آهيَ. پر انهيءَ پنجابي سٽ جهڙي انوکي شاعرانه ادا ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ نه آهي. انجي باوجود، جڏهن مون سان مريءَ ۾ به پنجاب جا چوٽيءَ جا اردو شاعر مليا ۽ جن کي مون هوٽل ۾ رات جي ماني تي مدعو ڪيو هو ته انهن پنجابي زبان کان نفرت ته نه، پر بي اعتنائي ضرور ڏيکاري. هتي مريءَ ۾ مشاعرو ٿيو هو، جتي هو به آيا هئا. انهن مان هڪ منهنجو اڳ ئي واقف هو، جو ته سکر ۾ ڪنهن مشاعري جي سلسلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ آيو هو ۽ مون سان مليو هو؛ پيو ڪنهن وقت ترقي پسند تحريڪ ۾ چوٽيءَ جو شاعر ۽ افسانہ نويس هو، ۽ پاڪستان جي هڪ بهترين اخبار جي اداري ۾ هو. اسان مختلف موضوعن تي ڳالهايو، جن ۾ پنجابي زبان جو مسئلو به شامل هو. مون هن کي چيو تہ "توڙي صاف شفاف پاڻيءَ جو چشمو دور هجي، تہ بہ پياسو انسان ڪنهن گنديءَ ناليءَ مان پياس بجهائي چُپ ڪري تہ نہ ويهندو. پنجابي زبان کي جيڪڏهن جديد تشڪيل ڏيڻ لاءِ ڪافي عرصو لڳندو، تہ ان جي معنيٰ اها تہ نہ آهي تہ اها ٻولي جنهن جون جڙون عوام جي روح ۾ آهن، جنهن ۾ اوهان جا ڳوڙها ۽ ٽهڪ آهن، سا نظر انداز ڪري سگهجي ٿي." هن وٽ ڪوئي جواب نہ هو. شايد هو محسوس ڪري رهيا هئا تہ "لطيف" جي وارثن پنهنجي ميڙيءَ چونڊيءَ کي ساهہ سان سانڀيو آهي، ان کي وڌايو آهي، ۽ اها ڪڏهن اڪيچار ۽ اڪت ٿي ويندي، ۽ "وارث شاهہ" ڪوئي وارث نہ ڇڏيو، ۽ جيڪڏهن ڇڏيو تہ انهيءَ هن جي ساري پونجي دهليءَ ۽ لکنوءَ جي نوابن جي هڪ "طوائف" جي نذر ڪري ڇڏي. واقعي اردو زبان هڪ دهليءَ ۽ لکنوءَ جي طوائف آهي، جا دهلي ۽ لکنو جي نوابي ماحول ۾ ڄائي، نپني، نچي ۽ هڪ ڪوڪليءَ تهذيب جي درٻارين ۾ ڪنجرا وڄائيندي رهي، ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هتي هڪ پرده‌پوش شريف مسلمان عورت ٿي آئي، ۽ هاڻي پردو هٽائي هڪ مهذب مغربي عورت جو رنگ ڍنگ نقل ڪري رهي آهي. پنجابي زبان اڃا تائين "هير" جهڙي سهڻي ۽ سباجهي آهي، پر هن جا رانجهو اڃا تائين تهمد ٻڌندا آهن. فلسوٽ پهريندڙ شاعر ڪٿي ٿا هن کي پنهنجو ڪن!

ڊونگا گليءَ ۾ پهاڙيءَ تي چشمو هو، جنهن جو ٿڌو

شفاف پاڻي سيٺي پيتو. بس ۾ اسان سان هڪ گجراتي جوڙو هو، جو منهنجو اڳ ۾ واقف هو ۽ لاڪ ووڊ هوٽل ۾ منهنجي ڪمري جي پرسان رهندو هو. گجراتڻ ڪڻڪ رنگي، ڀوري ڀني قد جي هئي. هن‌جي پيشل منهن تي ناڪ جي ڦار جهڙو ننڍو نڪ نهايت خوبصورت ٿي لڳو. مريءَ ۾ خاص ڪري جنهن هوٽل ۾ مان لٿل هوس، اتي هن کان ۾ زياده خوبصورت عورتون هيون، پر انهن جي خوبصورتيءَ ۾ مون‌ کي ڪائي ڪشش نظر نه آئي هئي. جڏهن هن ڊونگا گليءَ جي چشمي مان پاڻي پي رومال سان منهن صاف ٿي ڪيو ته رومال هن جي هٿ مان ڪري پيو ۽ هن‌جي مڙس رومال کڻي هن کي ڏنو، ته هوءَ وات ٿورو کولي، آن مان چپ جي چهنب ٿورو ٻاهر ڪيدي، نهايت هلڪي کل کلي، جنهن ۾ هڪ نهايت نفيس ادا سان هن‌جو سارو منهن لڏي ويو. اهڙا چپ جي چهنب اڇن ڏندن جي وچ ۾ اٽين لڳي رهي هئي، جيئن ڪلر ۾ ڪپڙ جو منهن. اهڙا سا ڳي پياري ادا منهنجي سڀ کان پياري انسان ۾ هئي، جنهن‌جا ڏنگ اڃا تائين ڏکي رهيا آهن. شايد مون ان گجراتڻ جي اها ادا هوٽل ۾ ڪيئي ڀيرا ڏٺي هئي، پر شعوري طرح منهنجو توجهه انهيءَ ڏانهن ڊونگا گليءَ جي چشمي وٽ ويو. ياد جي ڪُنڊي وقت جي درياءَ ۾ هميشه پيئي آهي؛ ڪڏهن ڪڏهن روح کي ڇڪي اچي ٿي، ته ڪائي تڙڪندي ترڪندي شيءِ، اکين اڳيان ٽپندي، تڙڦندي، نظر اچي ٿي.

جڏهن نٿيا گلي پهتاسين ته وڏڦڙو وسڻ لڳو. اسين برساتي ڪوٽ پائي، ٿڙندا ٿاٻڙندا، پهاڙي پيچرن مان چڙهڻ لڳاسين. منهنجو متي ذڪر ڪيل سنڌي دوست، جو هڪ جذباتي حقيقت پسند آهي، جنهن‌جو خدا جي وجود ۾ اعتبار نه آهي پر

Scanned with CamScanner

حسن کي ازلي حقيقت تسليم ڪندو آهي، جنهن کي هر انقلاب جي خونريزي وٺندي آهي پر پاڻ ڪنهن به ساهه واري کي رنج رسائي نه سگهندو آهي، جنهن جا خيالات اشتعال انگيز آهن، پر جنهن جي زندگي هڪ يوگيءَ جي زندگي آهي، سو منڙي سر ۾ لطيف سائينءَ جو بيت ڳائڻ لڳو:

"اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا!"

مون هن کان پڇيو، "اهو 'يار' ڪير آهي؟"

"ڪوئي به نه آهي، ان جو وجود فقط شاعر جي تخيل ۾ آهي."

"عقل ته ائين ٿو چوي، پر روح نٿو مڃي. ڪوئي يار آهي ته سهي: ڪير آهي، ڪٿي آهي، ڪيئن آهي، سو سمجهه ۾ نٿو اچي. پنهنجي ننڍڙيءَ دنيا ۾ ئي جيستائين ڪوئي يار نه آهي ته زندگي اٿيي ۽ الوڻي ٿي لڳي؛ جي هن ساريءَ ڪائنات ۾ ڪوئي يار نه آهي ته واقعي ڪائنات جي رنگينيءَ ۾ ڪمي اچي ٿي وڃي."

"تون وري وڃي فلسفي جي ڏيڻ ۾ پئين. منهنجي هيءَ ساري ڪائنات يار آهي، ۽ انهيءَ وسڻ جا ويس ڪيا آهن!"

پوءِ هو وري ڳائڻ لڳو:

"اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا!"

۽ مان سوچي رهيو هوس ته شاعري پيغمبريءَ جو جزو نه آهي، پيغمبري شاعريءَ جو جزو آهي. ان وقت مينهن ڏاڍي زور سان پوڻ لڳو. اسين اچي گورنمينٽ هائوس لڳ پهتاسين. پٺي پاسي کان اهو گجراتي جوڙو اچي رهيو هو. هن کي برساتي ڪوٽ ڪونه هو ۽ مينهن ۾ پچي ويا هئا. برسات کان پاڻ بچائڻ لاءِ هو چيل جي وڻ هيٺان ٿي آيا.

گجراتيءَ مون کان پڇيو ته "تنهنجو دوست ڇا ٿو ڳائي؟" مون

هن ڪي ٻڌايو ته اهو شاهه لطيف جو بيت آهي. پوءِ مون هن کي ان جي معنيٰ انگريزيءَ ۾ سمجهائي. شايد منهنجو انگريزي ترجمو پورو نه هو ۽ هن ”وسڻ جي ويس“ جي معنيٰ برساتي ڪوٽ سمجهي، سو هن ٺهڪ ڏيئي چيو، ”يار ٻه وڏو سودائي آهي، پاڻ برساتي ڪوٽ پائي ڪڪرن ۾ وينو آهي، ۽ هيڻ اسين ننهن ڪان چوٽيءَ تائين پسجي ويا آهيون!“

شام جو جڏهن موٽي رهيا هئاسين ته رستي تي پنڌڙيءَ مان هڪ چپ چپي اچي بس جي سامهون ڪري. سڀ مسافر ڏهلجي ويا: جي بس ٿورو اڳتي هجي ها ۽ آها چپ ان تي ڪري ها يا اُن ڪي لڳي ها، ته بس رستي تان ٽڙي هزارها فوٽ هيٺ وڃي ڪري ها. مون کي اهو سوچي ڪل آئي ته زندگي موت جي ڪيترو نه قريب آهي. گهڙيءَ ۾ اهو نيرو نيرو آسمان، اها ٿڌي ٿڌي مٽي، اهي جهڙ، اهي برساتيون، اهي درخت، سڀ اسان لاءِ ختم ٿي وين ها. موت جو تصور زندگيءَ کي ڪيترو نه بي معنيٰ ۽ ڪيترو نه معنيٰ خيز بڻائي ٿو ڇڏي! مون کي هميشه اهو خيال ايندو آهي ته هيءَ زندگي بلڪل مختصر آهي، ۽ اِن ڪري مون کي ان تي ايئين پيار ايندو آهي، جيئن محبوب جي جوانيءَ تي اچي. جڏهن سوچيندو آهيان ته ان جو ڪيترو حصو فقط ذريعهٔ معاش جي پٺيان ۾ گذري ٿو، ته ڏاڍو ڏک ٿيندو اٿم. زندگيءَ جي فقط اها گهڙي باقي آهي، جا حسن جي تلاش ۾ گذري ٿي. باقي سڀڪجهه فاني آهي. حسن خدا آهي، گرچه هر خدا حسين نه آهي.

— تنهنجو پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاف هوٽل، پوڙن
۱۹ آگسٽ

ادا،

مريءَ مان مضافات لاءِ تفريحي اس هتي هڪ ڪلاڪ ۾ پهچي. رستو سٺو هو ۽ آسمان صاف. پهاڙين تي اس ۽ ڇانوَ جي ڦيرگهير عجيب منظر پيدا ڪيو ٿي. ڳاڙهي ناسي، خاڪي ۽ آسماني رنگن جي ملاوٽ ۾ ڪنهن ازلي مصور جو ذوق ٿي نظر آيو. رستي تي ساڳ، چيل، ديال ۽ بن-ڦوڙ جا درخت اڪثريت ۾ نظر آيا، جيئن مريءَ ڪان نئيا گليءَ واري رستي تي هئا. چوڏاري ساوڪ هئي ۽ ڪٿي ڪٿي ڪو جهنگلي گل ائين ٿي لڳو، جيئن غريب پهاڙي محبوبڙيون ڪڏهن ڪڏهن ڪو چانديءَ جو زيور پائينديون آهن. ڪٿي ڪٿي ڪوئي ڪاٺ-ڪٽي جهڙو رنگين پکي، چيل جي ٿڙ کي چنبا اٽڪائيندو، ڪنيڙاتيون ڦڙڪائيندو، چنبڙي رهيو هو، جيئن ڪوئي سياڄهو، سهڻو، متولو ٻار پنهنجي جانيءَ جاٻلو ماءُ جي ڇاتيءَ تي چنبڙي پوي. چوڏاري ٻيو ڪوئي پرندو نظر نٿي آيو. مون کي اوچتو ياد آيو ته ڏهه-پندرهن ڏينهن اڳ مريءَ جي لاڪ ووڊ هوٽل ۾ ڪاڏي جي ڪمري ۾ منهنجي پرسان هڪ پنجابي ڪرڙوڊ، پيٽ وڏو، صدريءَ سان سوٽ ۾ ملبوس، گهاٽي سانوري رنگ وارو سيٺ ويٺو هو ۽ اڌ-اوٻاريل آني کي چمچي سان ڪُل تائين کرڙي رهيو هو. هن جي ڊيل-ڊول، نٽ-ٽانگر ۽ آٽ-ويهه مان ائين ٿي معلوم ٿيو ته چور بازاريءَ جي پئسي سان هن جون صندوقون ستيل هيون، ۽ هن جي ٻاڦه ٻولهه مان ائين ٿي لڳو ته راشي ۽ غريب پرور

سياستدان سندس ڳهڻگهرا هئا. هن جي ساري گفتگو ڳاڙي، ڏنڌي ۽ ماحول جي افراتفريءَ متعلق هئي. ڪوهه مريءَ ۾ هن کي ڪابه دلڪش شيءِ نظر ۾ نه آئي هئي، سواءِ انهن جي، جا هن هڪ تعجب آميز سوال جي صورت ۾ مون کان پڇي -

"تعجب آهي ته هتي ڪجهون نظر نٿيون اچن!"

مون هن جي شڪل صورت کي چتائي ڏٺو. منهنجي گهري نظر هن جي سوال جو جواب هئي.

بس ۾ ٻارهن-چوڏهن پنجابي ڇوڪريون هيون - سانوريون پتل، چلبلا باداميءَ جهڙو رنگ، نيڏڙي چيل جي جهڳٽن جهڙا ڪنڌ، سنواريل وار ۽ رشوتيپيءَ جي قرات مان ورتل زرق برق لباس. هنن سان ڍولڪ ۽ جهانجهه به هئي. جڏهن بس چيڪ گليءَ کان اڳتي هلي، ته هنن 'ماهيا' ڳائڻ شروع ڪيو. بس جي آواز ۾ ڍولڪ ۽ جهانجهه جي آواز ملي، عجب اثر ٿي پيدا ڪيو. سامهون چيل جا تناور درخت ڪنهن ڪن-ڦاڙ رانجهوءَ وانگر ويراڳي ٿيا بيٺا هئا، ۽ هيءَ هير جي نئين جوڻ ڏسي رهيا هئا، جا ڍولڪ، جهانجهه ۽ بس جي رفتار ۾ آڏاسندي ٿي ويئي. موڙ وٽ اوچتو بريڪ لڳڻ جو آواز ٿيو ۽ بس بيهجي ويئي. مون وچينءَ سيٽ تان اٿي ڏٺو ته بس جي سامهون ٽنل ڦاٽل ڪپڙن ۾ هڪ سفيدريش پهاڙي نظر آيو، جو گويا اڳڙين ۾ ويڙهيل وارث شاهه جو ويڳاڻو روح ٿي لڳو. ڊرائيور هن کي اردوءَ ۾ گار ڏيئي، گيئر ڦيرايو، ۽ بس هلڻ لڳي.

ڏهين بجي صبح جو بس يورين ريسٽ-هائوس وٽ پهتي ۽ سپيئي مسافر لهي پيا. تفريحي گائيڊ هڪ سيالڪوٽ جو نوجوان هو - سفيد سرخيءَ مائل رنگ، چيروين اکين هيٺان گهنجن وانگر مسلسل ٽڪ جا نشان، چڊا وار، پورو پنو قد، بدن تي خاڪي وردي ۽ پيرن ۾ سخت چمڙي جو گهيتلو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن کي هيئنين درمياني درجي جي ڏيک هئي ۽ هن جي منهن ۾ ڪائي منيا ڪانه هئي، باقي هن جي جسماني قوتي، چالاڪيءَ جي ڏيک ڏيئي رهي هئي. مون هن کان ”پورين “ لفظ جي معنيٰ پڇي، ته هو پنهنجن چڍن وارن ۾ آڱريون وجهي ، ائين ڏسڻ لڳو، گويا هن جي دماغ ۾ ايترو خال هو، جيترو پهاڙيءَ جي چوٽيءَ ۽ ڇهه هزار فوٽ هيٺ واديءَ جي وچ ۾ . شايد اهو سوال هن کان اڳ ڪنهن ڪونه پڇيو هو. مون دل ۾ چيو ته شايد پورين جو اشتقاق لفظ”پور“ ۽ ”بن“ آهن، جنهن جي معنيٰ آهي ”پرم“ ۽ ”جهنگ“. شايد هي جهنگ پرم جي وقت نهايت پيارو لڳندو آهي. شايد هن تي اهو نالو ڪنهن هندو يوگيءَ رکيو هو، جو جهونجهڪڙي جو آئي، ڪنهن بن-ڦوڙ جي ون هيٺان تپسيا ڪندو هو. تعجب آهي ته انهيءَ متروڪ هندو تهذيب جو ڏنل نالو اڃا هلندو ٿو اچي! شايد هندي لفظ ايترا پيارا آهن، جو انهن جا دلڪش پارسي ۽ عربي هم معنيٰ لفظ ڳولي لهڻ ناممڪن آهي!

گائيڊ اسان کي پهاڙي سرسبز پيچرن مان گاف-گرائونڊ طرف وٺي هليو. شايد ڪالهه هتي برسات پيئي هئي، جو ته پيچرن جي مٿي آلي هئي ۽ ڪٿي ڪٿي گپ وانگر ٿي لڳي. اوچتو پٺيان ٺهڪو ٿيو ۽ مون منهن ورائي ڏٺو، ته هڪ پنجابي ڇوڪري، ترڪي، ڪيري پيئي هئي ۽ پيون هن کي هٿ ڏيئي آٿاري رهيون هيون. پريان هڪ پهاڙي عورت پيچري تي ڊوڙندي ٿي آئي. گائيڊ هن کي ڏسي، چرڪي، هن کي رستي ڏين لاءِ هٽيو، ته ٿيڙ کاڏائين. مون کي هن جي ساد کيءَ تي کل آئي ۽ مون هن ڏانهن ڏسي ان عورت ڏانهن ڏٺو، جنهن جي پهاڙي برٿ سان پريل ڪنگهي مان هن جو سڊول بدن سٺون ڏيئي رهيو هو. آتر جو واءُ هن جي ڪنگهي کي هن جي ڇاتيءَ،

پيٽ ۽ پڻين سان چنبڙاني، هن جي جسم کي هڪ سنگتراش وانگر ظاهر ڪري رهيو هو. گهگهو هن جي پيٽ وٽ پنهي پاسن کان خم کائي، هن جي ساٿن جي خوبصورت گولائي ڏيکاري رهيو هو. هن جون ڇيلهه تائين ڏگهيون چوٽيون هن جي بدن جي چوڌاري ائين وڪڙ کائي رهيون هيون، گويا هن جو انگ انگ واسينگن جي ور چڙهي ويو هو. جڏهن هوءَ منهنجي پرسان سهڪندي ڊوڙندي نڪري ويئي، ته آءٌ هن جي ساهه جي خوشبوءِ ۾ ويڙهجي ويس. منهنجي بن اکين ڏنيون ۽ منهنجي ڳلي تائين ڪوئي گمنام جذبو ابري آيو — ”سلام آهي توکي. اي ڌرتيءَ جي ڌيءَ! تنهنجي خون ۾ رشوت يا چور بازاريءَ مان خريد ڪيل نان جو ورن نه آهي. تنهنجي گهگهي جي برت جي آٽ ۾ حرام جي ڪمائيءَ جو هٿ نه آهي. تنهنجي ننگن پيرن جي ترين کي هيءَ ٿڌي ڌرتي چمبون ڏيئي رهي آهي. سلام آهي توکي، اي منهنجي مٺڙي ڀيڻ! جي خدا آهي ۽ انساني روح ان جو جلوو آهي، ته آهو جلوو تنهنجي بڪئي پيٽ، تنهنجي سادي لباس، تنهنجي سڊول بدن ۽ تنهنجي ننگن پيرن جي ترين ۾ آهي!“

گاف، گرائونڊ ٻن فرلانگن جي مفاصلي تي هو. آتي ڪجهه پيدا ۽ ڪرڙوڙ آمريڪي مرد ۽ عورتون گاف کيڏي رهيا هئا. سندن راند ايتري بي معنيٰ ٿي لڳي، جيترو سندن بدن تي پيل منقش قميصون، جيتري سندن تهذيب ۽ بين الاقوامي سياست. مون کي اهو ڏسي تعجب آيو ته منهنجا سڀ همسفر هنن جي ڳالهين کي بي انتها محويت، تعجب ۽ حسرت سان ڏسي رهيا هئا. گاف، گرائونڊ جي چيڙي تي ٻه وڏا پٿر پيا هئا. مان ۽ گائيڊ انهن تي چڙهي ويناسين ۽ هيٺ واديءَ ۾ ڏسڻ لڳاسين. اوڀر طرف، سوين فوٽ هيٺ، ٻن پهاڙين جي وچ ۾ چانديءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنگو ڦڏو پڙچ تي نظر آيو، جو صبح جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيو هو. مون کي گائيڊ ٻڌايو ته اها جهلم ندي هئي، جا ڏهن ميلن جي مفاصلي تان نظر اچي رهي هئي. جهلم، جنهن جي وهڪري ۾ قيامت جي تيزي، گجي ۽ گجگوڙ آهي، ۽ برساتي موسم ۾ جنهن جي هڪ آئل هزارها بن-قوز، چيل ۽ ديال جا ديو-صورت درخت جڙن کان اکيڙي سگهندي آهي. سا دور تان هڪ چانديءَ جو پڙچ نظر اچي رهي هئي. ڪهڙي نه بي پناهه تشبيهه هئي ان نديءَ جي منظر ۾!

گاف گرائونڊ جي اولهه طرف لاهيءَ تي ٻوٽ هو، جنهن جو نالو گائيڊ ٻڌايو ته "رواث" آهي. ان ۾ توري پند تي ڪجهه مخروطي لوهي چادرن جي ڇتين سان جديد قسم جون جهوپڙيون هيون، جي مقامي زميندارن يا غير مقامي عياش شاهوڪارن جون ٿي ڏٺيون؛ باقي هيٺ واديءَ ۾ جابجا پونگڙيون هيون، جي پنهنجيءَ چڱل چاتيءَ سان آسمان جو مقابلو ڪري رهيون هيون. ايتري ۾ سج جهڙ جي جهاڳ ۾ ٽٻي هڻي ۽ سنهڙيون ڪڪريون چولين وانگر چلنديون آيون ۽ آسپاس ڏنڊ چانئجي ويو. سنهڙيون سنهڙيون بوندون ڪنون ڪنواريءَ جي لجائتي منهن تان پگهر وانگر ڪرڻ لڳيون.

جڻ برساتي ڪوٽ پاتي، سگريٽ ڪيس گائيڊ ڏانهن وڌايو، ۽ پوءِ پيٺي سگريٽ پيئندا پٿرن تان هيٺ لٿاسين ۽ اچي همسفرن سان مليا سين، جي تيزيءَ سان واپس وڃي رهيا هئا. سامهون پيچرو ڏنڊ ۾ ويڙهيل هو، جنهن ۾ سيپتي اوچا درخت ڊڪجي ويا هئا. رستي تي پاسي کان اوچتو ڪنهن جانور جي گاج ٿي، جنهن جو اثر ڏنڊ، تيز هوا ۽ اسان جي رفتار جي تيزيءَ سبب هيبت‌خيز ٿي لڳو. اسان مان هڪ پنجابيءَ، شايد چرڪي يا جرچي ۾، رڙ ڪئي — "شير!" مون ڏنڊ ۾ چتائي ڏٺو ته

اُتي ڏهن قدمن تي هڪ پهاڙي ڏاند نظر آيو، جو گاهه چري رهيو هو ۽ اوٻاڻڻ جو آواز ڪري رهيو هو. مون ڪلي، هن جي ڪلهي تي هٿ هڻي چيو ته ”پادشاهو، هتي شير ڪٿان آيا، هتي ته فقط ڍڳا آهن. ۽ تن کي به ڀوت تي ڀوتاڙيون ۽ اڪين تي ڪوپا جڙيل آهن.“ پنجابي پادشاهه ٺهه-ٺهه ڪري ڏند ٽيڙڻ لڳو.

ريسٽ-هاؤس وٽ ٻارهين بجي پهتاسين، ته ڏند هڻي ويو، ۽ ڪڪريون سفيد ڏائڻين وانگر ڪنجرا آڏائينديون، مٿي آسمان ڏانهن اڏامڻ لڳيون. مون هيٺ ڏٺو ته ڪنهن سفيد ڏائڻ جو چٽي ڏنل چراغ نظر آيو. هن جو منهن ڪيٽ ڪارو، تيل جي گهاٽي صاف ڪرڻ واري ڪپڙي سان اگهيل ٿي نظر آيو. هن جا پاڻ سان ٻاڙها ڏند ڪجهه ٻاهر نڪتل هئا ۽ اهي هن جي هيٺين چپ تي ائين ٿي لڳا، جيئن ٽامي جي تسريءَ تي قنڌاري ڏاڙهونءَ جا داڻا. هن کي ناسي سوٽ ۽ ناسي ٽاءِ پيل هئي. مون کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي، اڳتي وڌي آيو ۽ چيائين، ”هئلو! اڄ موسم ته خراب آهي!“ مون سندس رسمي تعارف جي جواب ۾ چيو، ”هائو، پر هتي جي خراب موسم فقط جهٽ پل لاءِ آهي. هتي گهٽائن ۾ طوفانن جو انديشو نه آهي— گهٽائون، جي پاڻ سان مانهوءَ پوڙ مينهن ۽ آنڌيون آڻينديون آهن. هتي ڪڪرين کي فقط هوا جي هلڪي ڇهڪ جي ضرورت آهي، جنهن سان گهڙيءَ ۾ ٽڙي پکڙي وڃن ٿيون. باقي ڏند هتي بيحد ٿئي ٿو.“ هو مون ڏانهن تعجب مان ڏسڻ لڳو. مون کي هن جي بدصورتيءَ لاءِ نفرت ڪان ڪجهه بغاوت جو احساس ٿيڻ لڳو ۽ مان هن سان وڌيڪ ڳالهائڻ لڳس. هو بنگالي مسلمان هو ۽ ڍاڪا ۾ بنگالي زبان جو پروفيسر هو. هو موڪلن ۾ آيو هو ۽ ”گاف“ هوٽل ۾ رهيو پيو هو. مون ڪانئس ٽنگوز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متعلق سندس رايو پڇيو. چيائين ته ”ٽئگور نه فقط بنگالي زبان جو پر مشرق جو عظيم ترين شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ اهو لطف آهي، جو نديءَ جي سطح تي شفق جو پاڇو پيدا ڪندو آهي. هن جي سٽ سٽ ۾ ڪمند جي ڳنڍي جي رس آهي، جنهن ۾ تازگي به آهي ۽ شيريني به.“ مون ڪانئس پڇيو ته ”نذرالاسلام جي شاعريءَ متعلق تنهنجو ڇا رايو آهي؟“ چيائين ته ”تو ڏٺو آهي ته مڇرن جي خوف کان ديهاتي ڇيڻا دکائي دونهون ڪندا آهن. نذرالاسلام جي شاعري اهو دونهون آهي. ان ۾ نه شيريني آهي نه لطف، ان ۾ فقط ابهام آهي. بهرصورت هن جي شاعري افادي آهي. ٽئگور ۽ نذرالاسلام جو مقابلو ائين آهي، جيئن برهمپترا ۽ ننڍڙي چرخي واري کوهه جو. ڪوشش ڪرڻ سان نذرالاسلام مان به ڪجهه پياس بجهي ٿي.“ مون ڪيس ٻڌايو ته مان مشرقي بنگال مان ٿي آيو آهيان؛ ۽ هيٺيان دوها جي مون پوري گنگا نديءَ جي گهاٽ تي ويهي لکيا هئا، تن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو هن کي ٻڌايم:

پورنماسي پوري گنگا، ٿڌڙي ٿڌڙي واءُ،
تلي پيو ٽئگور ڪنڌيءَ تي، اچي پيو پرلاءُ.
ڪوي، اسان پرنام ڪيوسين، چميا اوهان جا پير،
ڪوي، ڏسين ٿو ڪلجگ آئي ڪيڏا ٿو انڌير!
ڪوي، ڏٺا آهن توکان پوءِ ڪيڏا اسان ڪلور،
سچ ڪي سوريءَ تي چاڙهيو ويو مات رهيا منصور!

پروفيسر جي مرڪ ۾ هن جا ڳاڙها ڏند هيرن وانگر چمڪڻ لڳا. جذباتي خلوص جي گرميءَ ۾ هن جو منهن ٻهڪڻ لڳو. هو پرجوش آواز ۾ چوڻ لڳو، ”اهو وقت دور نه آهي، جڏهن اِنسان ادب کي متروڪ جائداد نه سمجهندا. عظيم شاعر ۽ فنڪار ڪنهن فرقي، مذهب، زبان يا قوم جي ملڪيت نه آهن.

Scanned with CamScanner

هو سج وانگر سڀ کي گرمي ۽ چنڊ وانگر سڀ کي روشني پهچائيندا رهندا.“ هن مون ڏانهن هٿ وڌائي منهنجي هٿ کي دٻايو. مون ائين محسوس ڪيو، ڄڻ اهو ڪاريهر جي ڦڻ جهڙو هٿ مون کي ڪا سڻ بخشي رهيو هو. اُن وقت هڪ ٽيڻ وارو هو. مون گهڙي ڏسي، پروفيسر کان موڪلايو، ۽ هڪ ننڍڙي پهاڙي ڇوڪري کي رستي ڏيکارڻ لاءِ ساڻ ڪئي، گاف هوٽل ڏانهن پيهريءَ جي ساني ڪاٺڻ ويس.

پيچرو ڪِير نانگ وانگر پيچ کائيندو، پهاڙيءَ تي ٿي ويو. مون کي رستي تي ڇوڪري ٽٽل ڦٽل اردوءَ ۾ ٻڌايو ته هن جو نالو رخسار هو، هن جو پيءُ گذريل سال مري ويو هو ۽ کيس ۽ سندس ماءُ کي هن جو مامو پاليندو هو. هن جو مامو بين پهاڙين وانگر پٿر ڪٽيندو هو ۽ کيس روزانو هڪ رپيو ملندو هو. ڪجهه ڏينهن ٿيا ته پٿر ڪٽيندي هن جي مامي جي اک ۾ زور سان پٿري لڳي ويئي ۽ کيس مريءَ ۾ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. ”صاحب، اسان جي پونگي گاف هوٽل جي ويجهولي آهي، اسان جي گهر هلندين؟“ هن نهايت معصوميت سان پڇيو. مون هن کي ننهن کان چوٽيءَ تائين جاچيو، پر نه هن اکيون ڇنيون نه هن جي منهن جو وَنُ بدليو. مون ڪنڌ ڏوڻي هائو ڪئي. هو پيچرو ڇڏي درختن مان هلڻ لڳو ۽ ٿوري وقت ۾ هڪ پونگيءَ وٽ پهتو. پونگيءَ کي پراڻي ديال جو تاڪائون در هو، جو اندران بند هو. هن در جو ڪڙو کڙڪايو ته اندران ڪنهن عورت پهاڙي ٻوليءَ ۾ ڪجهه پڇيو، جنهن جي جواب ۾ ڇوڪري فقط پنهنجو نالو ڪنيو. ٿوريءَ دير ۾ در کليو ۽ اسين اندر وياسين. جيڪڏهن ڪنهن پهاڙيءَ مان چپ آڪلي ڪري ها، ته شايد مون کي ايترو ڌڪ نه لڳي ها. مون ڏٺو ته جنهن عورت در کوليو، سا اها ساڳي پهاڙي عورت هئي، جا مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گاف گرائونڊ ڏانهن وينڊڙ پيچري تي ڊوڙندي ڏٺي هئي؛ ۽ ڪمري جي فقط هڪ لي ڪٽ تي گائيڊ پنهنجي خاڪي قميص لاهي ڳنجيءَ ۾ ويٺو هو. مان حيرانيءَ ۾ ڏسي رهيو هوس ته گائيڊ مرڪي چيو ته "وڪيل صاحب، ويهو نه! هن وٽ ٻي پهاڙڻ به آهي، آها هن ڪان ننڍي آهي ۽ فقط پنج رپيا وٺندي آهي." مان پنتي موٽيس ۽ گاف هوٽل ڏانهن تيزيءَ سان وڃڻ لڳس. منهنجو من وسامي، پسم ٿي رهيو هو. "يا خدا! ياخدا!...." مون کي پنواتي اچڻ لڳي، "يا خدا، تنهنجو جلوو ۽ پيشو ڪري ٿو!"

هائي چار لڳا آهن. مان گُف هوٽل جي ڪمري ۾ ويٺو آهيان ۽ توڏانهن هي خط لکي رهيو آهيان. ٻاهر زور سان بارش پئجي رهي آهي، جنهن ۾ سامهون لان ۾ پوڪيل زرد گلن جون شاخون لڏي لمي رهيون آهن. مان سوچي رهيو آهيان ته قدرت هنن گلن کي پيٽ چو نه ڏنو آهي، انهن کي بک چو نه بڇي آهي، انهن کي پيشي ڪرڻ تي چو نه مجبور ڪيو آهي؟... هو ايتري سڪون ۽ اطمينان سان لڏي رهيا آهن، جو دل ۾ اچي ٿو ته انهن سينني کي ڏانڊين سوڏو ڪڍي اچان، انهن کي ڪمري جي فرش تي اڇلي پيرن هيٺان لتاڙيان، ۽ پوءِ انهن کي ڪٽي سامهون واريءَ ڪرستانن جي ديول ۾ مريم جي بت جي پيرن هيٺان رکان!

پريان بس جي هارن جو آواز بار بار اچي رهيو آهي. موٽڻ جو وقت ٿيو آهي ۽ شايد مون کي سڏين ٿا. پلي وڃن، مان وڃڻ نٿو چاهيان.

سامهون برساتي ڪوٽ ۾ ويڙهيل بنگالي پروفيسر، لڪڻ ٽيڪيندو، مزي سان فعولن فعولن جي وزن جي ڌن تي اچي رهيو آهي. هن جي ڪوٽ تان برسات جون بوندون ڪيري

رهيون آهن. هن جو جسم برسات کان ايترو دور آهي، جيترو هن جو روح هن جي ماحول کان.

ڇڪو، سنڌڙيءَ لاءِ سلام!

ــ تنهنجو پنهنجو

گاف هوٽل، پورين

١٢- آگسٽ

ادا،

پورين نهايت سانتيڪي جاءِ آهي. هتان جي گلن ۽ درختن سان منهنجي دوستي ٿي ويئي آهي ۽ انهن کي ڇڏيندي وڇوڙي جو احساس ٿو ٿئي. هوٽل ۾ مون ۽ بنگالي پروفيسر کان سواءِ ٻيا سڀ آمريڪي ۽ انگريز آهن. ڪالهه ساري شام پروفيسر سان گذري. ڪافي دلچسپ انسان آهي. هن جو رنگ روپ ته مون نوڪي اڳيئي لکيو آهي، پر هينئر مون کي پنهنجيءَ بي معنيٰ ٻڇان تي شرمندگيءَ جو احساس ٿي رهيو آهي. هن جو جسم ته رات وانگر ڪارو آهي، پر هن جي روح مان چانڊوڪي وسي رهي آهي. هن جي عمر ٻاونجاهه ورهيه آهي ۽ اڃا تائين ڪنوارو آهي — شايد پنهنجيءَ صورت جي احساس هن کي تنهائيءَ جي زندگيءَ تي مجبور ڪيو آهي — شايد عورتون فقط رنگ روپ تي مرنديون آهن. هو بيحد تنها آهي — هڪ خاموش، ويران کنڊر وانگر تنها؛ پر ان کنڊر ۾ گذشته زندگيءَ جا هزارها نقش و نگار آهن. هن انگريزي حڪومت خلاف اشتعالي تحريڪ ۾ ڪافي حصو ورتو، ۽ جوانيءَ جا مسلسل ڇهه سال جيل ۾ رهيو هو. هن مون کي جيل جي زندگيءَ جا عجيب تجربا ٻڌايا. هن جيءَ ته قاسيءَ جي قيدي

تائين پهچي نه ڏيڻ ڪي اميد رهندي آهي ته ڪنهن نه ڪنهن طرح سندس زندگي بچي ويندي؛ زندگي اميد جي محبوبه آهي ۽ اميد هن جو هرجاءِ تي پيڇو ڪندي رهندي آهي. هن جيل ۾ رهي يوگ، ويدانت، هندي ادب ۽ آرٽ جو گهرو مطالعو ڪيو هو. سزا ڪاٽڻ بعد هن ڪيئي ڀيرا آجنتا جي غارن ۾ چڪر ڏنا هئا. ڪڏهن ڪڏهن آگري ويندو هو ۽ ساريون راتيون تاج محل جو عڪس جمنا ۾ ڏسندو رهندو هو. جڏهن تاج محل ۽ چنڊ ٻئي جمنا جي لهرين ۾ لڙهندا آهن، ته ائين محسوس ٿيندو آهي ته چنڊ جنهن جاءِ کي آسمان ۾ ڳولي ڳولي ٿڪو هو، سا کيس زمين تي ملي ويئي آهي. هن ٻڌايو ته هن جڏهن پهريون ڀيرو اجنتا جا غار ۽ تاج محل ڏٺو هو، ته هن کي هڪ مبهم احساس ٿيو هو ته هن اهي سالها سال اڳ ڏٺا آهن، ڪٿي ڪنهن ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل زماني ۾ــ شايد هو خود ان وقت مصور هو ۽ صبح کان شام تائين اجنتا جي ديوارن تي تصويرون ڪڍندو رهيو هوــ شايد هو ڪنهن وقت سنگتراش ۽ معمار هو ۽ هن تاج محل جا پٿر گهڙي لڳايا هئا. هن ٻڌايو ته هن بنگالي زبان ۾ شهنشاهه اڪبر جي زندگيءَ ۽ حڪومت جي پس منظر ۾ ناول لکيو آهي، پر ڪنهن سبب ڪري اهو شايع نه ڪرائي سگهيو آهي. اهو چئي، هن ٿڌو ساهه ڀريوــ ٿڌو ساهه، جو صاف چئي رهيو هو ته هو ايترو تنها چو آهي، ايترو ويڳاڻو ڇو آهي. مون چاهيو ٿي ته هن کي ٻڌايان ته مان به ساڳيءَ طرح پنهنجي زندگيءَ جي ڪافي هنگامه آرائين جي باوجود ساڳي تنهائي محسوس ڪندو آهيان؛ مان به محسوس ڪندو آهيان ته منهنجو روح اجنتا جي غارن ۾ ڀٽڪيو آهي، منهنجن هٿن تاج محل جا پٿر ڪٽيا آهن. شام جو اسين پهاڙي رستن تي گهمندا رهياسين. پروفيسر سان هن جو السيشن ڪتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڻ هو، جنهن ڪي هو بيحد پيار سان ڏسي رهيو هو. هن ڪتي جي پٺيءَ تي هٿ ڦيري چيو، ”اڄڪلهه انسان کان هي ڪتو هزار بار بهتر آهي.“ ان تي مون هن کي چيو، ”پروفيسر صاحب، اوهان خود ئي فرمايو ته زندگي اميد جي محبوبه آهي ۽ اميد هن جو هر جاءِ تي پيڇو ڪندي رهندي آهي!“ هو خاموش ٿي ويو ۽ وري ڪجهه نه ڳالهايائين. مان لطيف سائينءَ جو بيت جهونگارڻ لڳس:

"الا اچن آوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي،
پسان آءُ پر ڪنهين، سندي جتن جوءِ،
گولي ٿيان گل بوءِ، جي سجائينم ساٿ ڏٿي!“

الا، پروفيسر کي ڪهڙي خبر ته اها سٽ، ”گولي ٿيان گل بوءِ، جي سجائينم ساٿ ڏٿي“، منهنجي روح تي ڪيتري تنهائي وسائي رهي آهي!

اِنسان جڏهن خاموش ۽ تنها آهي، تڏهن نه خاموش آهي نه تنها. هن جي ذهن ۾ ڪيئي ڳالهيون هلن ٿيون: ڪيئي دور دور جا ماضيءَ جي ڏند ۾ ويڙهيل انسان اوچتو اُس وانگر ظاهر ٿين ٿا. معلوم نه آهي ته پروفيسر ڪٿي وڃي پهتو هو! مون کي مشرقي بنگال جو هڪ عجيب واقعو ياد اچي رهيو هو. مان ۽ منهنجو هڪ دوست چاٽگام جي ”مشڪا“ هوٽل ۾ لٿل هئاسين. سامهون ڪمري جي دريءَ مان هزارها ڪيلي، ناريل، سوپاريءَ ۽ بانس جا وڻ نظر اچي رهيا هئا. مون هوٽل جي بيري کان پڇيو ته ”هتي ڏسڻ جهڙيون جايون ڪهڙيون آهن؟“ جنهن تي هن ٻن چئن جاين جا نالا ڪنيا، جن ۾ ”بازو بستان“ به هو. مون ”بستان“ لفظ مان سمجهيو ته ڪو قابلِ ديد باغ هوندو. ٿوريءَ دير ۾ مان ۽ منهنجو دوست ٽئڪسيءَ ۾ اتي پهتاسين. بازو بستان چاٽگام شهر کان سورهن ميل پري هو. ٽئڪسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جتي رکي، آتي ٻنھ ڇھ ننڍڙا دڪان ھئا، جن ۾ مختلف قسمن جي ڪيلن جا ڇڳا لٽڪي رھيا ھئا ۽ ڦامي جي ٿالھن ۾ ٻه-چار ڏينھن اڳ ڪٽيل ڳائو گوشت رکيو ھو، جنھن جي گھنجيل زرد چربي اسان جي من کي ڳاڻون ماڻھون ڪرڻ لڳي. ڪيترائي بنگالي مسلمان اتان ڪيلا ۽ ڳائي گوشت جا ٽڪر خريد ڪري اڳتي تي ويا. اسين انھن جي پٺيان وياسين. ٿوري پنڌ تي ھڪ وڏو تلاءُ نظر آيو، جنھن ۾ ميرانجھڙو پاڻي ۽ تمام وڏيون ڪراڙيون ڪميون نظر آيون، جن ڏانھن بنگالي، ڪيلا ۽ ڳائي گوشت جا ٽڪر ڦٽا ڪري رھيا ھئا. اسان ٻن ڇوڪرن کان اردوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ان باري ۾ پڇا ڪئي، پر ھو اھي ٻئي ٻوليون نٿي سمجھي سگھيا. ھڪڙي سامھون اشارو ڪيو، جتي ھڪ جديد قسم جو درگاھ ٺھيل ھو. اسين اوڏانھن وياسين ۽ درگاھ جي مجاور کان، جو اردو چڱيءَ طرح سمجھي ۽ ڳالھائي سگھيو ٿي، پڇا ڪئيسين. ھن چيو ته اتي حضرت بايزيد بسطاميءَ جي مزار ھئي، جنھن کي ڳالھ بنگاليءَ ۾ ”بازو بستان“ چيو ويندو آھي. ”جڏھن بايزيد بسطامي ھتي آيو ھو، تڏھن اتي ديو رھندا ھئا. حضرت اتي چلو ڪڍيو ھو ۽ اسلام جي ڪرامت سان ديون کي ڪميون ڪري ڇڏيو ھئائين. صدين کان اھي ديو اجا ڪميون آھن، جي انھيءَ تلاءُ ۾ تڙڳن ٿيون.“ مون وڏو ٽھڪ ڏيئي چيو، ”ھائو، مجاور بابا! ھي الله لوڪ واقعي ديون کي ڪميون بنائي ٿا وڃن، ۽ اھي ڪيئي صديون ڪميون ٿي رھن ٿا.“ مجاور جي ڪارين واڇن تي مرڪ اڀري آئي، جيئن اوچتو ٻاھر تان لتل تئو ڪيلڻ لڳي.

جڏھن ھوٽل وٽ پھتاسين ته پروفيسر ڪني جي پٺيءَ تي ھٿ ڦيري، ان سان ڳالھائڻ لڳو: ”ڇڱو جو اوھان جي قوم مذھبي تفرقي جي قائل نه آھي، نه ته ھڪٻئي کي چڪ پائي مرو

ها.“ مون سرڪي پروفيسر ڏانهن ڏٺو. هو اجا ديو هو، ۽ هن کي ڪاٻ ڪرامت ڪمي ٻڌائي نہ سگهي هئي.... هاڻي ننڊ تي اچي.

— تنهنجو پنهنجو

گاف هوٽل، پوربن
٢٣- آگسٽ

ادا،

ڪالهہ ساري رات وڏڦڙو وسندو رهيو. سارو پوربن ڏنڊ ۾ ويڙهجي ويو هو. ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ـ منهينءَ وانگر ڪڪرن کي ڏنگي رهي هئي. ڪنوڻ جي اَجالي ۾ ڪڪرن جا ڏنڊ ۾ ويڙهيل پهاڙ اڻين تي لڳا، جڻ ديو دونهون دکائي وڃنا هئا. پوربن ۾ بجلي ڪانہ آهي. مون هوٽل جي مالڪيائيءَ کان تي شمعدان ۽ هڪ هٿبتي ورتي ۽ شمع جي روشنائيءَ تي ٽالسٽاءِ جو ناول ”اننا ڪريننا“ پڙهندو رهيس. اهو ڪتاب مون اَڳي بہ پڙهيو هو، پر ان وقت ذهن جي ارتقا ايتري نہ هئي، جو ٽالسٽاءِ جي ڪردار نگاريءَ جو پورو لطف وٺي سگهان. اهڙيءَ طرح مون مغرب جو ٻيو بہ ڪلاسيڪي ادب بار بار پڙهيو آهي ۽ هر بار ان مان نئون لطف آيو آهي. مون مغرب جا جديد ۽ قديم دور جا گهڻو ڪري سڀئي ناول پڙهيا آهن، ۽ منهنجي خيال ۾ ٽالسٽاءِ جي مقابلي جو ادب اجا تائين دنيا پيدا نہ ڪيو آهي. انسان جي ڪمزوريءَ ۽ سچائيءَ جي ايتري شناس ۽ ان جي باوجود انسان ذات سان ايتري محبت، ماحول جي اهڙي دلڪش عڪاسي ۽ تاريخ جي ارتقا جو اهڙو صحيح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اندازو، انسان جي ابدي مسئلن، جهڙوڪ زندگي ۽ موت، جواني ۽ پيري، گناهه ۽ ثواب وغيره جو اهڙو گهرو مطالعو ۽ شگفته نظريو دنيا جي ٻئي ڪنهن اديب ۾ نه آهي. خصوصاً سنڌي اديب لاءِ ته ٽالسٽاءِ جو مطالعو بيحد ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اسين به انهيءَ زمينداري ۽ جاگيرداري نظام مان نڪري رهيا آهيون، جو ٽالسٽاءِ جي دور ۾ هو. ادا، مون کي سنڌيءَ جي نوجوان اديبن لاءِ اها شڪايت آهي ته هو مطالعو بلڪل نٿا ڪن. اهو دور ختم ٿي ويو، جڏهن "ناسخ" ۽ "اِنشا" جا چار غزل پڙهي، اسان جا شاعر انهن جي قافين ۽ رديفن تي طبع آزمائي ڪندا هئا ۽ اردو زبان جون ورهين کان لتاڙيل ترڪيبون، تمثيلون ۽ تشبيهون هنن جي سڄي ادبي دنيا هوندي هئي. منهنجي ادب جي ابتدا انهيءَ دقيانوسي قسم جي شاعريءَ ۽ ادب سان بغاوت سان ٿي هئي. مون کي اهو ڏسي تعجب ٿو اچي ته انهيءَ دور جي ختم ٿيڻ بعد، اسان جا اديب انهن جديد اردو شاعرن جي محاورن ۽ خيالن جي تقليد ڪري رهيا آهن، جي شاعر اردو زبان جي تاريخ ۾ "ناسخ" ۽ "اِنشا" جي پائي تي به نه پهچي سگهندا. مون آردوءَ ۾ هزارين شعر لکيا آهن. اگرچ ان ۾ منهنجو زياده تر مقصد اهو آهي ته سنڌ جي عظيم ادبي شخصيتن جا منظوم ترجما ڪري، انهن کي پاڪستان ۽ هندستان جي ادب سان روشناس ڪرايان، ۽ توکي خبر آهي ته انهن ترجمن اردو ادب ۾ ڪيتري مقبوليت حاصل ڪئي آهي، پر مان يقين سان چوان ٿو ته آردو زبان هڪ تخريبي دور جي زبان آهي ۽ اُن ۾ اها وسعت ۽ صلاحيت نه آهي، جا سنڌي زبان ۾ آهي. آردوءَ جا زياده تر اديب بلڪل سطحي انشاپرداز آهن، جن جو علمي استعداد بلڪل محدود آهي. انهن ۾ نه خيالات جي انفراديت آهي ۽ نه زبان جو

حسن. خصوصاً اُردو جا افسانہ نويس فقط لفاظيءَ ۽ نقاليءَ
ڪان سواءِ ڪجهه نہ ڄاڻن. ۽ سندن دنيا جي ادب جو مطالعو
بيحد محدود ۽ انساني فطرت جي ڄاڻ بنهه گهٽ آهي. اردو
ادب جي تقليد سنڌي اديبن جي ذهني ارتقا لاءِ مهلڪ ثابت
ٿيندي. جيستائين اسان جا اديب خصوصاً يورپ ۽ آمريڪا جي
جديد ۽ قديم ادب جو مطالعو نہ ڪندا، تيستائين هنن کي چڱي
۽ بڇڙي ادب جي صحيح پرک نہ پوندي. منهنجو مطلب اهو
نہ آهي تہ اُردو ادب جي تقليد ڇڏي، مغربي ادب جي تقليد
ڪئي وڃي. مان هر تقليد جي خلاف آهيان. هر چڱي ادب
۾ اديب ۽ اُن جي قوم ۽ زبان جي انفراديت ۽ اصليت آهي.
جيستائين ڪنهن سنڌي اديب گهٽ ۾ گهٽ "شاهہ"، "سچل"
۽ "ساميءَ" جو گهرو مطالعو نہ ڪيو آهي ۽ هو پنهنجي تاريخ،
روايات ۽ ماحول جو چڱيءَ طرح واقف نہ آهي. تيستائين
هو سنڌي زبان ۾ چڱو ادب پيدا نٿو ڪري سگهي. منهنجو
مقصد فقط اهو آهي تہ دنيا جي ادب جو مطالعو اسان جي زندگيءَ
۽ ادب جي نظريي ۾ ڪافي وسعت پيدا ڪندو. دنيا جي ادب
۾ هندستان، ۽ خصوصاً مشرقي ۽ مغربي بنگال جو ادب توجهہ
جي قابل آهي.

ادا، مان تہ جڻ پاڻ سان ڳالهائي رهيو آهيان، نہ تہ تنهنجي
ادبي ذوق لاءِ اهڙيءَ تقرير جي ڪهڙي ضرورت آهي.
تنهنجي وسيع مطالعي ڪان ڪنهن کي انڪار ٿي سگهي ٿو.
مان بہ عجيب آهيان، قلم جي وهڪ ۾ لڙهندو ٿو وڃان!

ادا، رات ٻارهين بجي تائين ڪتاب پڙهندي اک لڳي
ويئي. خبر نہ آهي، خواب هو يا حقيقت، پر مون کي تہ
حقيقت ٿي لڳي. مون ڏٺو تہ هڪ حسين ترين عورت منهنجي
سيرانديءَ ڪان ويٺي آهي. هن کي پرت سان پريل چولو پيو

sooriisindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو ۽ ڪيس ڳچيءَ ۾ خوبصورت دهري پيتي هئي. هن جي ٻانهن ۾ عاج جي ٻانهين هئي ۽ اکين ۾ گهرو ڪارو ڪجل. هن پنهنجيون ڏگهيون چوٽيون نفاست سان پنهنجي ٻنهن تي هئي، پڇيو ته ”جاڳين تو؟“

مون چرڪي چيو، ”تون ڪير آهين؟“

”تون مون کي نٿو سڃاڻين؟“ هن مرڪندي چيو، ”تنهنجو منهنجو ازل جو سڱ آهي. تون ننڍو هئين ته مان تنهنجي روح ۾ ڪتڪتايون ڪندي هيس. تون جوان ٿئين ته مون پنهنجو حسن ۽ جواني تنهنجي نذر ڪئي. تو ڪيئي چانڊوڪيون ۽ اونداهيون مون سان گذاريون آهن. تون ته چوندو هئين ته تنهنجيءَ آغوش کان وڌيڪ عيش دنيا جي ڪنهن به شيءِ ۾ نه آهي! تون مون کي نٿو سڃاڻين؟“

مون اکيون ڇنڀيون، هن کي غور سان ڏسي چيو، ” اڙي، تون ته شاعري آهين! ڇري، تون گذريل ڪيترا سال ڪٿي هئينءَ؟ مون توکي نگري نگريءَ ۾ ڳوليو آهي. چاٽگام جي رنگارنگ گلن ۾، زيارت جي پهاڙي چشمن ۾! تون ڪٿي هئينءَ؟ توکي اهو به خيال نه آيو ته مان توکان سواءِ بلڪل تنهائي محسوس ڪندو آهيان.“

هن ڪلي چيو، ”هل، ڪوڙا! فريبي! تون فقط مون سان محبت ٽوڙوڻي ڪندو آهين. مان ته تو سان سچي آهيان. مان چوريءَ تو وٽ ايندي آهيان ۽ وٽيءَ مان ليئو پائي ڏسندي آهيان ته ڪڏهن تون ننڊ سان پيار ڪندو نظر ايندو آهين، ڪڏهن دولت سان. مون کي حسد ٿيندو آهي ۽ غصو ايندو آهي، سو مان چپ چاپ موٽي ويندي آهيان.“

”چري، مان آنهن سان پيار ٿورو ئي ڪندو آهيان. تون نه هوندي آهين ته پوءِ آنهن سان دل وندرائيندو آهيان. تون

صبح شام مون وٽ رهين ته مون کي پيو چا گهرجي!“

”چوين ته صبح شام تو وٽ رهي پوان، پر پوءِ جلد ئي خفي ٿي پوندين. چريا، وڇوڙو سڪ وڌائيندو آهي!“

هن پوءِ مون کي هٿ کان وٺي آٽاريو ۽ ميز تائين وٺي آئي. ياد نه آهي ته هن ڪيلي ڀاري شمع جلائي، يا مون. روشني ٿي ته هوءَ پلٽي هتندي ويئي. آن وقت رات جا ٻه لڳا هئا. مون محسوس ڪيو ته هوءَ اِتي ڪٿي ڪمري ۾ آهي، پر نظر نٿي اچي. پوءِ مان صبح تائين لکندو رهيس، ۽ ائين ٿي لڳو ته لکڻ وقت هن جو ميندي‌ءَ رتو هٿ منهنجي هٿ تي رکيل هو ۽ گذريل واقعات رکيل انگوري شراب وانگر مدمستيءَ واري خوشبوءِ ڏيئي رهيا هئا. شمع تي شمع جلندي رهي... ڪوئي پتنگ ڪونه هو، فقط منهنجا خيال ڪنيراٽيون هڻي رهيا هئا ۽ منهنجيءَ جاڳ ۾ جرڪي رهيا هئا.

— تنهنجو پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوات هوٽل
سيدو شريف، واديءِ سوات
٧ - آگسٽ، ١٩٦١ع

ادا،

ڪالهه سيدو شريف پهتاسين . سوات هوٽل جي ڪمري ۾ سامان رکي، ڪپڙا بدلائي، ٻاهر نڪتاسين ته شام ٿي وئي هئي. ميران ڪي ڪاسني ساڙهي پيتي هئي . مون هوٽل جي لان ۾ ان هڪ ڪرمچي گل چني هن جي چوٽيءَ ۾ اٽڪايو ۽ هن کي چيو، "هل ته بازار مان ڪجهه خريداري ڪيون ." مون کي ياد آيو ته تيون ڏينهن پنڊيءَ کان پشاور ايندي، جڏهن گاڏي اٽڪ جي پل تان لنگهي، ته ميران پنهنجن وارن مان گل ڪڍي، سنڌوءَ ۾ وڌا ۽ ريل جي دريءَ مان ڪيتريءَ دير تائين اٽڪ جي پهاڙن ڏانهن ڏسندي رهي، جتان سنڌو وهي رهي هئي . جڏهن سنڌو نظر کان هٽي ويئي، تڏهن مون ڏانهن منهن ڪري چيائين، "هتي سنڌو ڪهڙي نه تنگ آهي ۽ ڪهڙي نه خاموش!"

هوٽل مان نڪتاسين ته سامهون پهاڙ نظر آيا، جن جي چوٽيءَ تي شفق ڪنهن اشتعال پسند جي تخيل وانگر ٻري رهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن رستي تي ويندڙ موٽر-رڪشا يا ڪار سانت جي چاتيءَ مان ڇُريءَ وانگر ٿي نڪري ويئي . سڙڪ صاف سٿري هئي، جنهن جي ٻنهي پاسي دلاويز درخت هئا. مان سوچي رهيو هوس ته هن ڪائنات ۾ ڪوئي ازلي شعور نه آهي؛ هر واقعي، هر مظهر جو وجود اتفاقي آهي . هيءَ شاداب وادي ۽

منهنجيءَ سر زمين جا بيابان، پيٺي فقط جاگرافيءَ جو اتفاق آهن. جيڪڏهن ڪوئي شعور، حسن ترتيب يا ارتقا جي تمنا آهي ته فقط انسان کي آهي؛ فطرت نابين‌حسينہ آهي، پر انسان ۾ اهو شعور، اهو حسن. ترتيب، اها ارتقا جي تمنا ڪٿان آئي؟ ڇا انسان انهيءَ نابين‌فطرت جو حصو نه آهي؟ ڇا هو ذي شعور فقط حسن اِتفاق سبب آهي؟ ڇا منهنجو هيءُ جنون، هيءَ شاعري، هي حسن فطرت ۾ محويت، سڀ اتفاقي آهي؟

”ڇا ٿو سوچين؟“ ميران پڇيو.

”سوچيان ٿو ته ڪائنات جا اسرار تنهنجن زلفن کان زياده منجهيل آهن.“

”۽ منهنجين اکين کان زياده حسين به آهن؟“

”نه“

”پلي منجهيل رهن، پوءِ ڇا!“

پوءِ ڇا! پوءِ ڇا! هن ڪائنات جا اسرار ڪوئي به نه سمجهي سگهيو آهي، شايد ڪوئي به چڱيءَ طرح سمجهي نه سگهندو. پر پوءِ ڇا! آفتاب جو پويون شعاع حسين آهي، شفق‌آلود ڪوهسار حسين آهن، ميران جون ڪاريون ڪجليون اکڙيون حسين آهن؛ ڇا انهيءَ لمحاتي حسن سان محبت ڪافي نه آهي! اِنهيءَ جي ابدي اسرار جي تلاش ڇا لاءِ!

اٽڪل فرلانگ پنڌ تي ٿاڻو هو، جتي ڳاڙهيءَ ٽوپيءَ سان ڪوئي پوليس عملدار بيٺو هو ۽ اسان کي گهُوري رهيو هو. هتي اها گهور هر ڪنهن اک ۾ آهي. هتي مون اکين جون عجيب ڪيفيتون ڏٺيون آهن؛ سڪٽيون سڪٽيون اکيون، پيلوءَ جي پاند وانگر پالهيون اکيون، رهزن جي رهٽ وانگر چرڪائيندڙ اکيون، بکئي واگهہ جون اکيون، چتي بگهڙ جون اکيون؛ اکيون، جي رومڙ ڪري عورت جي ڇاتيءَ تي ٽي پهتيون ۽

Scanned with CamScanner

۽ ان کي ڌونڌاڙي ، ڇيڇاڙي پنهنجيءَ ڌڙ ۾ ٿي موتيون ۽ پنهنجي هيانوَ ۾ ڇچريل، ڇنل ماس ڦهلائي ٿي ڇڏيائون. سون کي زيارت جي هڪ شام ياد آئي . سون سان چار پنج دوست ساڻ هئا ، ۽ سيٺي ساڳئي ڏينهن ڪوئٽيا کان زيارت جيپ ۾ آيا هئاسين. سنڌيمن تنگيءَ ۽ زيارت-لورالائي روڊ تي پهاڙي چشما ڏسي موٽياسين مس ، ته شام ٿي ويئي ۽ بدن ۾ ڪجھ سيٽياندو ٿيڻ لڳو . ان وقت سيٺي طي ڪيو ته براندي پيئجي . بازار ۾ فقط هڪڙوئي گهٽو هو ، سو به ديسي شراب جو ، جنهن تي خالص اسپرٽ جون بوتلون رکيون هيون. جن تي 'ڪورا شراب' لکيل هو . ڪورا شراب، پيئڻ لاءِ ته ڪنهن راوڙي جي آليي آنبدي جي ضرورت هئي ۽ اسين سڀ سنڌي هئاسين. ڳائي مکڻ تي پليل . منهن پينو ڪري دڪان تان لٿاسين ۽ رستن تي چڪر ڏيڻ لڳاسين. ساري ڏينهن ۾ اسان کي ڪائي عورت نظر نه آئي هئي . اوچتو اسان مان ڪنهن چيو ،

" ڀَہ جنگهي !"

" آڙي "

" ڏيل "

" ڪونج "

" ڪورا شراب جون ٻه بوتلون."

" ڪورا چٽ ! تنهنجن لفظن ۾ ڪوئي ترنم نہ آهي."

" ترنم هجي نه هجي ، ٿڌ ته لهندي."

سون مرڪي ان طرف ڏٺو ، جيڏانهن هو سڀ ڏسي رهيا هئا. پريان ديسي شراب جي دڪان تي هڪ بيپرده عورت بيٺي هئي . ويجهو وياسين ته مايوسيءَ جي انتها نه رهي . آها عورت آتان جي پنگيائي هئي ۽ هٿ ۾ ٻوهارو جهلي بيٺي هئئ . منهنجي دوست يڪدم ڪورا شراب جون ٻه بوتلون

Scanned with CamScanner

ورتيون ۽ اسان کي چيو، ”واقعي ٿڌ ته لهندي.“

ٿانئي لڳ هڪ نهايت سوڙهي، گندي گهٽي هئي، جنهن ۾ ڪُڙهه جهڙا ويهه پنجويهه دڪان هئا، جن کي بازار ٿي چيو ويو. گهٽيءَ جي هڪ پاسي اٽڪل پندرهن فوٽ ويڪري گٽهري نالي هئي، جنهن ۾ گندو پاڻي ٿي وهيو. اوچتو اسان کي ٻه-ٽي ٻار ويڙهي ويا ۽ آڱر سان اِشارو ڪري چوڻ لڳا، ”ماستا! ماستا!“ اسان هنن جي اشاري طرف ڏٺو ته ڪجهه ننڍيون ۽ وڏيون ڏهيءَ جون پياليون نظر آيون، جن تي ڪيئي مکيون ويٺيون هيون، جي ڪنهن پختون ڇوڪري جي اڇي منهن تي وڏيءَ ماتا جي داڻن وانگر ٿي لڳيون. ڏهيءَ کي سواتي پشتو ۾ 'ماستا' ٿي چيائون. سون سيني کي ٻه ٻه آنا ڏنا، جي يڪدم دڪاندار کي ڏنئي، هنن ڏهيءَ جون پياليون خريد ڪيون ۽ انهن کي ڪتن وانگر لَڪيڻ لڳا. ڏهيءَ جا ريگاڙا هنن جي واڇن وٽان وَهي، کوڙهه جي چٽن وانگر ٿي لڳا. ٿورو پريان ناليءَ جي ڪپ تي ڳاڙهي پٿر جي عظيم الشان مسجد هئي، جنهن مان ٻانگ اچي رهي هئي— ”اچو صلوات لاءِ، اچو فلاح لاءِ!“ اسان مسجد جي دز تائين وڃي موٽياسين. رستي تي هڪ سواتي آڱرن تي ٽڪنيءَ جا سنگ پچائي رهيو هو ۽ هوڪو ڏئي رهيو هو، ”يو يو آني، يو يو آني!“ (هڪ آني ۾ هڪ، هڪ آني ۾ هڪ). گويا وحدت الوجود جو قائل هو.

سج پهاڙن پٺيان لهي ويو هو؛ گهاٽا ناسي ۽ پورا ناسي پهاڙ ڏيري اونده جي آغوش ۾ اچي رهيا هئا. هوٽل ۾ پهتاسين ته ديسي چلغوزي جي وڻ مان هوبهو چنگ جو آواز اچي رهيو هو، جو هڪ جيت، ڪري رهيو هو، جنهن کي مقامي زبان ۾ 'پڪروت' چوندا آهن. اسان اچي هوٽل جي بار ۾ ويناسين. ريڊيو تي دهلوي قوال، غالب جو غزل ڳائي رهيا هئا:

Scanned with CamScanner

"مے سے غرض نشاط ہے کس روسیاه کو
اِک گونہ بیخودی مجھے دن رات چاهیے !"

"پيئندين ته وري صبح جو مٿي ۾ سور پوندءِ"، ميران ناصحانه انداز ۾ چيو.

"ميران، قوالي ته ٻڌ." بيرا! هڪ جِن ۽ ورموٿ."

بيرو ساغر ۾ جن ۽ ورموٿ ڪڻي آيو. مون تيون ساغر پيتو هو، ته هڪ اجنبي جوڙو اچي بارمئن سان ڳالهائڻ لڳو ۽ ٻن وسڪين جو آرڊر ڏنائين، اچي منهنجي پرسان سوفا تي ويٺا. رسمي تعارف بعد معلوم ٿيو ته مرد آمريڪي صحافي هو ۽ عورت فرانسسي افسانه نويس. ڳالهيون ڪندي، هنن مون کان پاڪستان جي هر صوبي جي ادب ۽ صحافت متعلق معلومات حاصل ڪئي. ٿوريءَ خاموشيءَ بعد صحافيءَ مون کان پڇيو:

"هيمنگ وي جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

" انگريزي نثر ۾ عجيب جدت پيدا ڪئي اٿائين."

"بس! هو ته دنيا جو منفرد اديب آهي، زنده جاويد آهي."

" هوندو. مون کي انهيءَ هر اديب ۽ انسان کان نفرت آهي، جو زندگيءَ جي پراسرار حقيقت کي خونريزيءَ ۾ ڳولي ٿو."

هو خاموش ٿي ويو. ان وقت مون کي جرمن ڊاڪٽر آلبرٽ شوائيٽزر جي ڪائي تصنيف ياد اچي رهي هئي. هو ڊاڪٽر به آهي ۽ فلسفي اديب به ۽ ڪافي عمر آفريڪا جي جهنگن ۾ ڪارن لوڪن جو علاج ڪندي گذاري اٿائين. تازو هن کي امن لاءِ نوبل پرائيز مليو آهي. هن هڪ تصنيف ۾ لکيو آهي، "مون کي جهنگل ۾ هڪ هپو جانورن جو ڌڻ نظر آيو: هو پنهنجيءَ ڌُن ۾ وڃي رهيا هئا. اوچتو، زندگيءَ جو آهو زرين اصول، جنهن جيءَ جستجوءَ ۾ مون ساري عمر دماغ سوزي

Scanned with CamScanner

ڪئي هئي ، منهنجي ذيان ۾ اچي ويو ۽ اهو آهي
” زندگيءَ لاءِ احترام .“

مون پنجون ساغر پيتو هو. ريڊيو تي ستار مان ٺهڪ-ٺهڪ
ڪري ٻاڻ تي نڪتا، جي منهنجي ڪيپ ۾ تي ڪپي ويا ۽
خيالات جو ڪڪائون لوڙهو چپن ۾ چرڪي رهيو هو. ميران
فرانسيسي افسانه نويس سان ڳالهائي رهي هئي ۽ مون کي ڪائي
ياد اچي رهي هئي. هڪ پيري رات جي وقت منهنجي گهر
۾ بجلي اوچتو وسامي ويئي. مان ان وقت يوگوسلوويا جي
ڪنهن وقت نائب صدر، ميلوون جلاس (Milovan Djilas) ، جو
ڪتاب ”انصاف کان سواءِ سرزمين (Land without Justice) پڙهي
رهيو هوس. ڪتاب بيحد دلچسپ هو. اشتراڪيت کان باغي
اشتراڪيءَ جا تاثرات منهنجو مرغوب مطالعو آهن . ان ڪري
مون کي آرٿر ڪوئسلر ۽ جارج آرويل جون تصنيفون به وڻنديون
آهن . مان هڪ دفعي ڀابناڙيءَ کان بيل-پٽ ڪار ۾ اچي
رهيو هوس : اهو لڙي ته-پهريءَ جو وقت هو. سامهون پٽ تي
سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هو ، ۽ پاڻيءَ ۾ درخت ۽ جايون نهايت
پرڪشش ٿي لڳا. جيئن ڪار اڳتي ٿي ويئي ، تئين اهو سمنڊ
پٺتي ٿي هٽندو ويو ۽ نيٺ جڏهن سج افق تي پهتو ته
غائب ٿي ويو . هر سياسي نصب العين شايد رڃ ۽ اڄ جو پيچو
آهي . ان ڪري مون کي مٿيان مصنف پڙهي ، مٿيون بيل-پٽ
جو منظر ياد ايندو آهي .

ادا، مان اشتراڪي نه آهيان ، جيتوڻيڪ اچا تائين مون
کي اشتراڪيت جو تسلي بخش نعم البدل ڪنهن به فلسفي ۾
نه مليو آهي . مون کي هر ظلم و تشدد کان نفرت آهي .
منهنجيءَ نظر ۾ جو به زندگيءَ جو فلسفو يا نظام ، انسان ۽
خصوصاً اديب ۽ فنڪار کان فڪر ۽ عمل جي آزادي کسي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو نفرت خيز آهي. مون ڪنهن به انسان جي حرف کي حرف آخر تسليم نه ڪيو آهي، پوءِ اهو ڪارل مارڪس جو هجي يا ٻئي ڪنهن پيغمبر جو. هر انسان جو بنيادي حق آهي ته هو پنهنجي لاءِ، بي انتها آزاديءَ سان، پنهنجو فلسفهٔ حيات ڳولهي، پنهنجا دائمي قدر حاصل ڪري، انهن تي عمل ڪري ۽ انهن جو اظهار ڪري. مون تعجب سان سوچيو ته سنڌ جا زياده تر اديب مون کي اشتراڪي سمجهندا آهن، جيتوڻيڪ مان اشتراڪي نه آهيان. اِن ۾ شڪ نه آهي ته مون کي هن صحافيءَ جي سامراج پرستيءَ کان نفرت آهي؛ هو ڊالر سان هر قوم جو ضمير خريد ڪري ٿو جنهن کان مون کي نفرت آهي، مون کي هن جي سياهه فام کان نفرت لاءِ نفرت آهي، ۽ نفرت آهي هن جي مصلحت آميز سمجهوتي کان جو بين الاقوامي سياست ۾ هر جبر و تشدد سان هو ڪندو رهي ٿو. مان واقعي هن جي گروهه مان نه آهيان، پر ان جي معنيٰ اِها نه آهي ته مان ٻئي گروهه مان آهيان. منهنجو جدلياتي ماديت (dialectical materialism) ۾ اعتبار نه آهي ۽ مان اديب ۽ فنڪار جي مڪمل آزاديءَ جو دلداده آهيان ۽ فن ۽ ادب تي ڪا به پابندي برداشت نه ڪري سگهندو آهيان. مان چاهيان ٿو ته هر اديب ۽ فنڪار کي ايتري آزادي ڏني وڃي، جو هو پنهنجي برسر اقتدار طبقي، قوم ۽ وطن سان اختلاف راءِ جو اظهار ڪري سگهي؛ انهن جي فلسفهٔ حيات ۽ سياسي نصب العين خلاف آواز اٿاري سگهي؛ ۽ جيڪي به هو سچ سمجهي، ان کي سچائيءَ سان پيش ڪري سگهي. پر اها آزادي هر مطلق العنان حڪومت ۾ (۽ هر اشتراڪي حڪومت مطلق العنان آهي) ناممڪن آهي. شايد سنڌي اديب انسانيت (Humanism)، يڪسانيت (Equalitarianism)، بين الاقواميت (Internationalism)، ماديت (Materialism)، غرض ته هر غيرمانوس

فلسفهٔ حيات کي اشتراڪيت نٿا سمجهن. در اصل اها اشتراڪيت جي خوش‌نصيبي آهي ته هتي زندگيءَ جو هر بهترين نظريو اشتراڪيت سان منسوب ڪيو وڃي ٿو، توڙي اهو اشتراڪيت جي منافي ئي ڇو نه هجي. هتي جنهن‌جو به اسلام جي فرسوده اصولن ۾ اعتبار نه آهي، اهو اشتراڪي آهي؛ جو به آزاد مشرب انسان آهي، جنهن پنهنجي روح تان روايات جون ڪڙيون ڇني ڇڏيون آهن، جو ڪنهن غير متوقع نموني سوچي ٿو ۽ جو ڪو به زندگيءَ جو غيرمانوس نظريو پيش ڪري ٿو، سو اشتراڪي آهي؛ جو به دهريو آهي سو اشتراڪي آهي. ان حساب سان هي صحافي، پنهنجي وطن جي اقتصادي ملوڪيت (Economic Imperialism) جو قائل هوندي به، هڪ قسم جو دهريو آهي، ڇو ته هن جو انهيءَ خدا ۾ اعتبار نه آهي، جنهن هڪ جاءِ تي ويهي، ڪنهن پهور ۾ اچي، هن ساريءَ ڪائنات کي هڪ گهڙيءَ ۾ خلقيو هو.

ها، سو مون کي اها رات ياد ٿي آئي، جڏهن مان "انصاف کان سواءِ سرزمين" پڙهي رهيو هوس ۽ اوچتو بجلي وسامي ويئي هئي. مون تيلي ٻاري، فيوز واير ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته اوچتو زور سان ڦوڪ آئي. مون ڇرڪ ڀريو ۽ منهنجي هٿ مان تيلي ڪري پيئي. مون ٻي تيلي ٻاري اوڏانهن ڏٺو، جتان ڦوڪ آئي هئي. پرسان نلڪي تي هڪ نانگ ويڙهيل هو، جو ڦڻ ڪڍي، مون ڏانهن آلري رهيو هو. نانگ تي اڇا ڳاڙها ڇيٽ هئا ۽ نهايت خوبصورت ٿي لڳو. جيستائين تيلي ٻرندي رهي، تيستائين مون ان جي ٽمڪندڙ روشنيءَ ۾، نانگ کي پيچ و خم کائيندي ڏٺو، ۽ ان پارسي شاعر کي داد ڏنو، جنهن پهريون ڀيرو زلفِ محبوب کي نانگ سان تشبيهه ڏني هئي. مون سوچيو ته هن حالت ۾ فيوز واير وجهڻ ناممڪن آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان ڪري مون لالٽين جلائي. مون سوچيو ته هو بتيءَ جي اولڙي تي پڇي ويندو، پر هو اجا ڦوڪون ڏيئي رهيو هو. مون دل ۾ چيو ته وڃي سمهي پوان؛ جيوَ-هتيا، سا به هن مَن-موهڻي ساسيءَ جي، چڱي نه آهي. پر اوچتو مون کي خيال آيو ته هي ڪٽي لڪي نه ويهي ۽ ڏينهن جو منهنجي ڪنهن معصوم ٻار کي ڏنگي نه وجهي. پوءِ مون ڪمري مان دونالي بندوق ڪڍي. هن تي ٻه فير ڪيا ۽ هو مري ڌرتيءَ تي ڪري پيو. مان سياسي تشدد ۾ فقط اهڙيءَ حالت ۾ جائز سمجهندو آهيان.

”پر هيمنگ وي جي ته اشتراڪي روس ۾ ساراهه ڪئي آهي“، صحافيءَ چيو. هن جو آواز منهنجي ڌيان جي لهرين ۾ لنگر وانگر لهي ويو ۽ مون جواب ڏنو، ”روس هن جي ساراهه پنهنجي مطلب لاءِ ڪئي آهي، ڇو ته هو بين الاقوامي فوج سان گڏجي اسپين ۾ آمرانه حڪومت خلاف لڙيو هو، جيئن اوهان پيسٽرنڪ جي ساراهه پنهنجي مطلب لاءِ ڪيو ٿا، ڇو ته هن اشتراڪي فلسفي جي هر بنيادي اُصول کي چيچاڙيو آهي. اڄڪلهه ادب آهو پينوءَ جو ڪشڪول آهي، جو سياست جي سخا کان سواءِ، خالي رهجي ٿو وڃي.“

ٿوريءَ دير کان پوءِ اسان هنن کان موڪلائي، ٻار مان ٻاهر آياسين. مان سوچي رهيو هوس ته جي پاڪستان نه ٺهي ها ته علامه اقبال جي شاعريءَ جي ڪيتري اهميت هجي ها! ميران مون کي ڪجهه نشي ۾ ڏسي، مرڪي چيو، ”اناالحق!“ ”اناالحق!“ مون جواب ڏنو ۽ پنهنجي ڪنڌ تي هٿ ڦيري چيو، ”اڙي، تون اجا اِتي آهين! تون ته سوريءَ لاءِ نهيو هئين!“ مون پنهنجي ڪراين ڏانهن ڏسي سوچيو ته ڪڙيون ۽ قاتلُ اجا ڪيسٽائين دور رهندا! مون زبان کي ڏند سان ڪٽي چيو، ”نه ڄاڻان تون ڪڏهن سمورو سچ چوندين! نه ڄاڻان تو کي

ڪڏهن ڪپي ڦٽي ڪندا!،

ادا، ڇا انسان جي ڪپيل زبان ڪنهن چڪيءَ ۾ پوڪي نٿي سگهجي؟ مان ته ڀانيان ٿو ته جڏهن بسنت جي ٻهرين هير لڳندي ته آهه ضرور ڦلندي ڦولندي، ۽ ان مان گلاب جي گلن جهڙو سهڻو نڪري، مهڪارون ڏيندو.

—تنهنجو پنهنجو

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوات هوٽل
١٩-آگسٽ، ١٩٦١ع

ادا،

اڄ صبح جو ڇهين بجي جاڳ ٿي. سون ڪمري جو در کوليو، اونهون ساهه کنيو. سامهون ديسي چلغوزي، ڏاڙهونءَ، ناسپاتيءَ ۽ لڳڪاٽ جا وڻ هئا، جن جي تازگي هوا ۾ ڦهليل هئي. سون پنهنجي سنهن، ٻانهن ۽ ڇاتيءَ تي هٿ ڦيري، يقين ڪيو ته سان آهيان. توکي اِهو پڙهي تعجب ايندو ته سون ڪيئي دفعا محسوس ڪيو آهي ته سان ناهيان. ان وقت ساري سنسار مان ڪنهن سڏ جو پڙاڏو ايندو آهي ته ڪجهه به نه آهي، ڪجهه به نه آهي، ۽ سان جسم تي هٿ ڦيري يقين ڪندو آهيان ته سان آهيان. ڇا اِن جو ڪوئي نفسياتي سبب آهي يا اهو ڪوئي مابعدالطبيعاتي (metaphysical) احساس آهي؟ اهو تصوف جو تخيل به نه آهي، ڇو ته سنهنجو ڪنهن ’همه اوست‘ يا ’همه از اوست‘ ۾ اعتبار نه آهي، ۽ نه انهيءَ نفيءَ جي احساس ۾ ڪنهن به اثبات جي گنجائش هوندي آهي.

سون ڪمري ۾ وڃي، سيران کي ڏونڌاڙي، آٿاريو.

”سيران!“

”هون“

”سيران! سون سمجهيو ته تون مري وئي آهين.“

”تون جيئرو آهين؟“

”ها“

”تہ پوءِ مان ضرور جيئري هوندس.“

”ضرور ڇو؟“

”ڇو! ڇو تہ جي مان مري وڃان ها تہ تون جيئرو ڪيئن رهين ها!“ هوءِ هٿن سان اکيون مهٽيندي آٿي ۽ گهڙيءَ ۾ وقت ڏسي چيائين.

”سوا چار! پنجين بجي مرغزار هلڻو آهي.“

ساڍي پنجين بجي اسان ٽئڪسيءَ ۾ مرغزار پهتاسين، جو سيدو شريف کان نو ميل پري آهي. چوڌاري سرسبز پهاڙ هئا، جن جي وچ ۾ والئِ جو سنگمرمر جو سفيد محل هو. محل جي ٻاهران محافظ بيٺا هئا، جن کي مليشيا جي شلوار، قميص ۽ ڀاڙهي ٽوپي پيل هئي، جنهن ۾ مرغ زرين جا کنڀ لڳل هئا. مرغ زرين هتان جو پهاڙي پرندو آهي، جنهن کي مقامي پشتو ۾ ’ليٽ‘ چوندا آهن. محل وٽان ڏاڪڻ تي چڙهي، سنگمرمر جي ٿلهي تي پهتاسين، جتي سنگمرمر جون ڪرسيون ۽ ميزون رکيون هيون. اسان آتي ويهي چاءِ پيتي. ڪجهه وقت کان پوءِ سج، ڪيرٿن جو ڪمند پهاڙ جي چوٽيءَ تي آڇلي ۽ هوريان هوريان مٿي چڙهيو. چوڌاري ٻٽڪ، ڪاري انجير ۽ سيب جا درخت هئا. مون آتي لڳ ٿي ساهيا، تہ سامهون هڪ سيب پهاڙي چشمي ۾ لڙهندو نظر آيو. مون کي في البديهہ شاعري نہ وڻندي آهي؛ شاعر جو هر مشاهدو هن جي تحت الشعور ۾ وڃي آرامي ٿيندو آهي، جتي تيل قلبل ڪري، ويس مٽائي، ٻوليءَ جي چوٻاري ۾ ايندو آهي، جتي تازو ۽ نئون لڳندو آهي. پر ڪنهن ڪنهن وقت ڪولي في البديهہ شعر شاعريءَ جي روح ۾ ائين آپرندو آهي جيئن ڪائي ننڍي وينگس، تلاءَ ۾ وهنجي، اوچتو ٻاهر نڪري ۽ وارن کي ڇنڊڪو ڏيئي، پنهنجهو بدن پاڻيءَ جي آرسيءَ ۾ ڏسي. سيب کي چشمي ۾ لڙهندو ڏسي.

soorhisindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون هيئيون شعر چيو:

سلسلهٔ ڪوه ۾ چشمهٔ آب روان
سيب جي وڻ مان مثان
سيب ڪري ناگهان
آيو ٿي لڙهندو پريان، ٿو وڃي لڙهندو اڳان
ڪيستائين، ڪٿي چوان!

هن نظم جو محرڪ ته اهو منظر هو جو مون ان وقت ڏٺو، پر اڳا مون اهو نظم مڪمل مس ڪيو، ته ساڳئي بحر ۾ هيئيون نظم سجهي آيو:

هيءَ شفق آلود شام سلسلهٔ ڪوهسار
خامشيءَ برگ و بار
اوچتو ڪنهن جاندار
سلسلهٔ ڪوه مان، جو ڪئي چيخ و پڪار
آئي صدا آرپار!

اهو ظاهر آهي ته ٻنهين نظم جو تخيل ۽ محاڪات مختلف آهن ۽ انهن جو محرڪ ٻيو ڪوئي منظر آهي، جو خود مون کي به ياد نه آهي. شايد فنڪار جو روح تحت الشعور جي ڪانءِ ڪوتيندو رهي ٿو ۽ اوچتو ڪوئي هيرو لهي، هن جي شعور کي پيش ڪري ٿو. مون چرڪ ڀري ڏٺو ته ٻئيان ميران ويٺي هئي.

” تو انهيءَ سيب کي ڏٺي ڏٺو؟“
” هون!“
” انهيءَ ٻرونس پانديئڙي کي؟“
” تون ڪڏهن کان اتي ويٺي آهين؟“
” تون اِها ازل ابد جي پرولي جو تو سمجهڻ چاهين؟“
” مان پڇان ٿو ته تون اِتي ڪڏهن کان ويٺي آهين؟“
” تون خود چوندو آهين ته اِها پرولي نه ڪنهن سلي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته نه ڪوئي سلي سگهندو؟"

"ميران! مان ماديت جي فلسفي کان مطمئن نه آهيان."

"پوءِ ڪوئي مذهب اختيار ڪر. پيو نه، ته تنهنجي من جي پيڙا نه ختم ٿي ويندي."

"اهو ماديت جي فلسفي کان زياده بي معنيٰ آهي. مون دنيا جي هر مذهب جو ڪجهه نه ڪجهه مطالعو ڪيو آهي. نه ميران. آندو يقين مون لاءِ نه آهي."

"تون سچ نه مڃ، تو کي خدا جي تلاش آهي."

"شايد، پر انهيءَ خدا جي نه جنهن ۾ هر ڪنهن جو اعتبار آهي."

ايتري ۾ ڊرائيور ڪجهه ڪارا انجير ۽ سيب کڻي آيو ۽ اسين اهي کائيندا، ڏاڪڻ تان هيٺ لٿاسين. هيٺ هڪ چنار جو گهاٽو، پراڻو وڻ هو، جنهن جي ڇانو ۾ ڪوئي پيرسن زندگي سان ڪارو ڪاٺ ڇلي رهيو هو. هو اسان کي ڏسي اٿي بيٺو ۽ ڊرائيور کي مون ڏانهن اشارو ڪندي پشتو ۾ چيائين، "انهيءَ ڊاڪٽر ٽڪسلا ۾ منهنجي اکين جي آپريشن ڪئي هئي."

جڏهن ڊرائيور اسان کي ان جو اردوءَ ۾ ترجمو ٻڌايو ته ميران ٽهڪ ڏيئي چيو، "واهه جو ڊاڪٽر تنهنجي آپريشن ڪئي آهي، جني ڪٿي هن کي تو ڏسين!"

پيرسن جو نالو سيب زرگُل، (سونهري گلن وارو صوف) هو ۽ هن ساري عمر واليءَ جي ملازمت ۾ ڪاٺ ڇليندي ۽ گهڙيندي گذاري هئي. ان وقت هو ستر ۽ اسي سالن جي وچ تي هو. مون هن کي هٿ ڏنو ۽ پوءِ هن جي تريءَ کي، جنهن تي پوڙهپ سبب چوڏا جمي ويا هئا، ڪجهه وقت پنهنجي هٿ ۾ جهليو، هن جي چهري کي چتائي ڏٺو. مون محسوس ڪيو ته هو انهيءَ چنار جي وڻ جو پاڇو هو، ٻنهي ۾ ساڳي هستي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيسري، آسري، ڦلي ڦولي هئي ۽ هاڻي پيئي انهيءَ طوفان جا منتظر هئا، جو هنن کي ڪيرائي، هميشه لاءِ لٽي ڇڏيندو. مون سيب زر گل ڏانهن ڇتائي ڏسي، من ۾ چيو، ”سيب زر گل، پٽ تي موت!“ مون ڏٺو ته هن جا ڳاڙها وار ڪارا ٿيندا ويا ۽ هن جي ڏاڙهي نيري ٿيندي ويئي ۽ نيٺ هن جي ڪاڏيءَ ۾ پيهي ولي. هو خوبصورت جوان نظر آيو، جو آهستي آهستي ننڍو ٿيندو ويو ۽ ڪنهن سواتي سگهڙ. جي گود ۾ ڪذڪيون ڏيندو نظر آيو. هو واقعي صوف جهڙو ٿي لڳو. مون هن کي ڪٿي صوف جي ٽاريءَ ۾ اٽڪايو، جتي هو ننڍو ٿيندو ويو ۽ آخر ٽاريءَ ۾ جذب ٿي ويو. پوءِ ٽاريءَ ۾ هڪ سونهري گل ڦٽو ۽ هوا ۾ هٻڪارون ڏيڻ لڳو. نه معلوم هستيءَ ۽ نيستيءَ ۾ ڪوئي فاصلو آهي به يا نه! اوچتو منهنجي ڌيان ۾ ريل جا ڦيٿا ڦريا ۽ مون ڏٺو ته ميران سان پنڊيءَ کان پشاور وڃي رهيو هوس. ميران ساڀهون ويٺي هئي ۽ چاقوءَ سان صوف وڍي رهي هئي. مون به ميران کان هڪ صوف وٺي چاقوءَ سان وڍيو. صوف جي وچ ۾ ننڍن ڪيڙن جي وستي هئي ۽ چار پنج سفيد ڪيڙا پنهنجيءَ ننڍڙيءَ ڪائنات ۾ ڦري گهري رهيا هئا. اوچتو ميران منهنجو ڌيان ڇڪائي چيو، ”ساڀهون ته ڏس! پريان آٽڪ جي پهاڙن تي رڍون سفيد ڪيڙن وانگر چري پري رهيون آهن.“ مان تيستائين انهن ڏانهن گهوريندو رهيس، جيستائين هو نظر کان غائب ٿي ويون. مون ان وقت هٿ وڌائي، زندگيءَ جي خواب کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي؛ هو هميشه هڪ وڏي گرڙ پک وانگر لڳندو هو ۽ منهنجي هٿ کي ويجهو ايندو ڏسي، ان کي پنهنجيءَ تيز چهنب سان چلي وجهندو هو، پر اڄ هو هڪ ننڍڙي پکيڙي وانگر منهنجيءَ مٺ ۾ اچي ويو. مون ان جي کنڀن جي نرمي ۽ نفاست محسوس ڪئي ۽ پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿ ڪولي ڏٺي ته ڪجهه به نظر نه آيو. مون محسوس ڪيو ته هن زندگيءَ کي ڪائي حقيقت نه آهي، صوف ۾ ڪيڙي ڪان وٺي پهاڙ تي ريڊ تالين، هر شيءِ بي حقيقت آهي، هر شيءِ موتيءَ، ڪچڪوڏيءَ، واريءَ وانگر ڪنهن ازلي ڪارونڀار ۾ لڙهندي غائب ٿي وڃي ٿي؛ هن ريل جو تحرڪ به ايترولي بي حقيقت آهي جيترو منهنجو ۽ ميران جو وجود. مون محسوس ڪيو ته ڏک ۽ سک، لاهيون ۽ چاڙهيون، چڱايون برايون سڀ بي حقيقت آهن، آخر ڪائي شيءِ نٿي رهي، شايد ڪائي شيءِ آهي ئي نه... فقط هڪ بي انت، اٿاهه اونده لهريون هڻي رهي آهي، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي روشنيءَ جون ننڍڙيون ڊونڊيون لڏي لهي، پڌي وڃن ٿيون. مون چوليءَ مان اڀري ميران ڏانهن ڏٺو ۽ هوءَ اجا صوف چلي رهي هئي.

”ميران! تون ڪير آهين؟“ مون هن کي ڪهوري ڇيو.

”ميران! تون مون کي بلڪل اجنبي ٿي لڳين؛ ڇڻ ته تون مان اڳ ڪڏهن به نه مليا آهيون، ڇڻ ته تون مان انهيءَ پيانڪ ڪارونيار ۾ لڙهندڙ به ڪک آهيون ۽ چولين تي ڇنندا. اتفاق سان مليا آهيون! تون ڪير آهين، ميران!“

”پهرين تون ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟“

”مان! ميران، جي انهيءَ سوال جو جواب مون کي اچي ها، ته منهنجي روح ۾ ايتري بيچيني نه هجي ها! مون کي ڪائي خبر نه آهي ته مان ڇا آهيان!“

”ٻارهن لڳا آهن. موٽي هلون.“ ميران جي آواز مون کي ڊيان جي چوليءَ مان ڇڪي، ڪنڌيءَ تي آندو. ٽنڪسيءَ ۾ واپس موٽياسين، ته رستي تي جهڙ ڇانئجي ويو. گوڙ، گاج، واچوڙو، وڏڦڙو. هوا ۾ ناساتيءَ ۽ صوف جا وڻ بار بار جهڪي سڌا ٿي ٿيا ۽ انهن جي پنن، ٽارين ۽ ٽڙ تان مينهن جون

ڦڙيون ڪري رهيون هيون. انين تي ڪو جل ڪيئي ڪوهيون جمنا مان اوتا پيري. وهنجي رهيون هيون.

"ميران." مون چيو، "ڪرشن به دنيا جو رنگين ترين پيغمبر هو- جمنا جو ڪنارو، بنسري. گوپيون: گيتر، پيڏ، رتون، پان، ڪرم-گيان، گيتا."

"ها، پر ابتريون گوپيون!"

"هن جو انهن سان فقط آتمڪ سبنڌ هو."

"هوندو، پر توکي آتما فقط ان وقت چو تي ياد اچي، جڏهن گوپين جي ڀاڪر تي نڪري؟"

"گوپيءَ جو پريم ئي ته پرش ۾ آتما جو آنيو آتين ڪندو آهي."

"ڪيئن؟"

"هو سوچيندو آهي ته هيءَ تن من جي آڪير فقط اتفاقي نه آهي، اسين اڳي به ڪٿي مليا آهيون، آتمائون امر آهن جي جون جون ۾ ڦري، هڪٻئي جو پيڇو ڪن ٿيون."

"مون نه سمجهيو."

"هندو مت موجب انسانن جي اڪين ۾ جنم جنم جو زنجير آهي؛ جڏهن هو اوچتو ملن ٿا، ته اکيون انهيءَ زنجير ۾ جڪڙجي وڃن ٿيون."

"هندي فلسفو به ڪوريئڙي جو ڄار آهي، جنهن مان ڪجهه نڪري وڃي، مک ڦاسي پوي."

"نه ميران، وڏو پنجوڙ آهي. ان ۾ شين به قابو ٿي ويندا آهن."

"سڀڪجهه مايا!"

"فقط مايا نه، ڪرم-يوگ ۽ مايا."

"بنهي ۾ تضاد نه آهي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ڏ“

اسان بحث ڪندا، اچي سوات هوٽل ۾ پهتاسين. منجهند جي ماني کائي، ساڳئي ٽئڪسيءَ ۾ مدَين آياسين، جو سيدو شريف کان اٽڪل پنجٽيهه ميلن جي مفاصلي تي آهي. شهر کان اٽڪل اڌ ميل جي مفاصلي تي، سوات نديءَ جي ڪناري تي مدين هوٽل آهي. اسان هوٽل جي منتظم وٽ سامان رکي، هوٽل جي بينڪ ۾ آياسين، جنهن جي پرسان صاف شفاف پهاڙي ندي وهي رهي هئي. چوڌاري پهاڙ هئا، جن جي ڌرين وٽ سڪنيءَ جي ٻوڪ هئي. ڪٿي ڪٿي هيليءَ مٿيءَ جون جهوپڙيون هيون جن جي پرسان ريڍون چري رهيون هيون. منجهند جي ماني کائي، ساڳيءَ ڪار ۾ بحرين وياسين. رستي تي مانڙڪيال پهاڙ جي چوٽي نظر آئي، جنهن تي اڃا تائين برف چانيل آهي. رستو سوات نديءَ جي ڪناري سان نانگ وڪڙ ڪائيندو ٿي ويو. ڊرائيور بحرين وٽ ڪار روڪي. اتي ڪجهه گهر ۽ دڪان هئا. رستي تي پُل هئي، جنهن جي هڪ پاسي ڊرءال نئن پهاڙن تان تيزيءَ سان ٿي آئي، ۽ پل هيٺان لنگهي، ٻئي پاسي سوات نديءَ سان ٿي ملي. مون دڪان تان وديشي سگريٽ ورتا جي شايد سمگل ڪري آندا ويا هئا، ۽ نئن جي ٿڌي پائيءَ جو گلاس پي، سگريٽ جو گهرو ڪش هنيو. هاءِ! هي جيون جو سپنو ڪيڏو نه سندر آهي! هي موهنا ڏينهن، هي ڪامڻيون راتيون، هي ٿڌو ٿڌو پاڻي، هيءَ پيني پيني هوا. هي پهاڙ ۽ هي اجنبي انسان! مان رستي تان لهي هڪ وڏي پٿر تي وڃي ويٺس. ان وقت سانجهي ٿي ويئي هئي. نديءَ ۾ نئن جي آواز سلي، عجيب رقت ٿي پيدا ڪئي. مون محسوس ڪيو ته مون کي ڪوئي سڏي رهيو آهي. ”آءُ! هليو آءُ! جي زندگيءَ جي اِنهيءَ خواب کي جاوداني ڪرڻ چاهين ته انهيءَ

پٽ تان پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏي. تون به لهر، مان به لهر! آءُ، منهنجي ابدي آغوش ۾ هليو آءُ!“ منهنجي جيءَ ۾ آيو ته نديءَ ۾ ٽپو ڏيان. ميران منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”دير ٿي ويئي آهي، موٽي هلون.“

ادا، هاڻي رات جا ٽي لڳا آهن. ميران مٺيءَ ننڊ ۾ آهي. چنڊ، منهنجيءَ ننڊڙي جو چور، آسمان ۾ ڊوڙندو وڃي رهيو آهي.
چگو—

—تنهنجو پنهنجو

مدين هوٽل
واديءِ سوات
٢٥-آگسٽ ٦٩ع

ادا،

ڪالهه، مون جاپاني شاعريءَ جو مطالعو ٿي ڪيو. هوٽل کان پنج ڇهه قدم پري سوات ندي تيزيءَ سان پٿرالين زمين تي ڳاڙ ڳاٽ ڪندي، ڪڏهن آڏاليندي، وهي رهي هئي. هر ڇوليءَ جي منهن تي ڪف ۽ پير ۾ ڪڙيون هيون. مستانيون، ديوانيون ڇوليون ڇپن تان ڇلانگ ڏينديون، اڀامنديون، آڏامنديون ٿي ويون. اوچتو پهاڙ تان هڪ ڇپ ڇجي، ڦيرايون ڏيندي، ٿهندي، ٽڪرندي، لڙڪات ڪندي، اچي نديءَ ۾ ڪري. پاڻي ۾ پڙلاءُ ٿيو. ڦينڪون آڏاٿيون ۽ پوءِ ڏيري ڏيري سارو لڙ لڙاٽجي ويو. وري ساڳيون ديوانيون مستانيون ڇوليون، ڄڻ ته ڇپ ڪري ئي نه هئي. سان وري جاپاني شاعريءَ جي مطالعي ۾ محو ٿي ويس. مون هينيون شعر پڙهي سوچيو ته شايد دنيا ۾ ڪنهن ٻئي شاعر ايترا ٿورا لفظ ڪم آڻي، اهو ڪيترو تخيل پنهنجي ادب ۾ مشڪل سان سمايو هوندو. اهو شعر جاپاني شاعر عيسئا (١٧٦٣ کان ١٨٢٨ تائين) جو هو، جو هن پنهنجي سڪيلڌي ڌيءُ جي وفات تي لکيو هو. هو ٻه ست جو هو. يقين آهي ته هن کي هرڪنهن آٿت ڏنو هوندو ۽ سمجهايو هوندو ته هي جيون مايا آهي، سپنو آهي، پاڻيءَ تي ڦوٽو آهي، جنهن تي ڪوئي ڀروسو نه آهي؛ آتما امر آهي، اڪٿي

سڪ سانت جي نگري آهي، ۽ عي جونو جڳ اِن جي پيٽ ۾ ڪجهه به نه آهي. اها ساڳي ڳالهه هن ابي ڏاڏي کان ڪيئي ڀيرا ٻڌي هوندي، پر هن جي ڏک هن جي ڪويتا ۾ هيئيون روپ ورتو:

"شبنم جي دنيا،
شبنم جي دنيا آهي .... ليڪن!"

جاپاني شاعريءَ تي سڀ کان قديم ۽ مشهور تبصرو ڪنو زورايوڪيءَ (٩٠٥ع) پنهنجي ڪتاب "جديد ۽ قديم شعر جي ڪليات" ۾ ڪيو آهي، جو ڪجهه هن ريت آهي:

"جاپاني شاعريءَ جي جڙ انساني روح ۾ آهي، جنهن مان لفظن جا لاتعداد گل‌ڦل آسرن ٿا. انسان گهڻو ڪجهه ڏسي ۽ ٻڌي ٿو ۽ هو جنهن جنهن تصور ۽ حقيقت کان متاثر ٿئي ٿو، ان جي رنگ ۾ پنهنجي جذبات ۽ احساسات کي رنگي پيش ڪري ٿو. اهڙو ڪهڙو انسان آهي جو بلبل کي موسم گل ۾ ڳائيندو ڏسي، يا ڏيڏر کي پاڻيءَ ۾ جهونگاريندو ڏسي، شعر نه چوي!

"شعر اهو آهي، جو زمين ۽ آسمان کي جنبش ۾ آڻي ان‌ڏٺل دئيتن ۽ ديوتائن ۾ ديا پيدا ڪري، جو مرد ۽ عورت جي رشتي کي زياده خوشگوار بڻائي، ۽ جو جنگجو جوانن جي حوصلا‌افزائي ڪري."

مٿئين تبصري جي تجزيي ۾ ظاهر ٿئي ٿو ته جاپاني شاعرن جي نقطهٔ نظر کان ـــ

(١) شعر مافوق‌الفطرت هستين کي متاثر ڪري سگهي ٿو، جا ڳالهه مشرق خواهه مغرب جي عقيدي جي خلاف آهي، جنهن مطابق مافوق‌الفطرت هستيون پاڻ شاعر جي روح ۽ زبان کي متاثر ڪن ٿيون. مثال طور "رومي" لاءِ مولانا "جاميءَ" جو چيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيلُون شعر :

”مولوي و معنوي و مثنوي،
هست قرآن در زبانِ پهلوي.“

يا غالب جو هي شعر :

”آتے هيں غيب سے يہ مضامين خيال ميں،
’غالب‘ صريرِ خامہ نوائے سروش هے“

يا شاهہ عبداللطيف جو هي شعر :

”تون سڀڙ آءُ سيڪڙو، تون ڏاتار آءُ ڏڏ،
سڀئي تنهنجو سڏ، ڪلهي پاتم ڪينرو.“

يا علامہ اقبال جو پنهنجي ڪتاب ڪي ”بالِ جبريل“ جو عنوان ڏيڻ.

(۲) فن، پنهنجي حيرت انگيز تخليقات جي باوجود، انسان جي ڪوشش کان بعيد نہ آهي، ۽ انسان کي فني تخليقات لاءِ ڀيءَ ڪنهن بہ امداد جي ضرورت نہ آهي. زورايوڪيءَ ان حالات جو هيٺيون تفصيل پيش ڪيو آهي، جنهن کان متاثر ٿي انسان شعر چوندا آهن:

”جڏهن هو بسنت جي باک ۾ ٽڙيل مکڙيون ڏسن ٿا، جڏهن هو سرءُ جي سانجهيءَ ۾ چڻنڊڙ پنن جو آواز ٻڌن ٿا، جڏهن هو برفباري ڏسي ٿڌو ساهہ ڀري آرسيءَ ۾ پنهنجي پيشانيءَ تي گذرندڙ ورهين جا پيرا ڏسن ٿا ۽ پنهنجي زندگيءَ جي اختصار تي سوچڻ لڳن ٿا، جڏهن هو ڪيترو ئي وقت فارغ البال رهن ٿا ۽ پوءِ قسمت هنن کي تنهائيءَ جي غار ۾ ڌڪو ڏئي ٿي، يا جڏهن هنن جو محبوب هنن سان بيوفائي ڪري ٿو.“

(۳) شعر محبت جا تعلقات پيدا ڪري، انهن کي خوشگوار ۽ استوار بڻائي ٿو. اهو تخيل نائين ۽ ڏهين صديءَ جي جاپاني

Scanned with CamScanner

اُمراءَ جي عشقبازيءَ جي طريقي تي پيدا ٿيو. هو شاعريءَ جي ذريعي لڪي ڇپي عشق ڪندا هئا. جڏهن به ڪنهن کي ڪنهن ساڻ محبت جو اظهار ڪرڻو هوندو هو ته هو ڪنهن ڪولي حسبِ حال عشقيه شعر لکي موڪليندو هو. اهو محبت جي اظهار جو طريقو فارسي ۽ هندي شاعريءَ لاءِ نئين ڳالهه نه آهي. جهڙو وجهي ٿو ته عاقل خان، زيب‌النساء کي ٻارهن-دريءَ ۾ ڏسي چيو هو:

"سرخ پوشے بلبِ بام نظر مي آيد"

جنهن تي هن جواب ڏنو هو.

"نه به زاري نه به زور و نه به زر مي آيد."

"سرمد" شهيد پنهنجي محبوب ابيچند، ڄني جي هڪ سوناري ڇوڪري، متعلق رباعي لکي، هن تائين پهچائي هئي. سون کي رباعيءَ جي فقط هڪ سٽ ياد اچي رهي آهي:

"خداى من اَبيچند ست يا غير!"

هندي شاعر "عالم"، جنهن جو ڪتاب "عالم ڪيلي" جي نالي مشهور آهي، هڪ پيري ڪنهن رنگريزڻ کي پنهنجو پوتڙو رنگڻ لاءِ ڏنو ۽ ڪاغذ تي هيٺين دوهي جي سٽ لکي، پوتڙي جي ڪنڊ ۾ ٻڌي ڇڏيائين:

"ڪنڪ لتا سي نار هي، ڪت ڪاهي تي هين"

(يعني ته هيءَ عورت سڄي سوني آهي، پر هن جي چيلهه جو اهڙي سنهي آهي.)

جڏهن پوتڙو رنگجي آيو ته ان ۾ ساڳيو ڪاغذ ٻڌل هو، جنهن ۾ دوهي جي هيٺين ٻي سٽ به هئي:

"ڪت ڪا ڪنچن ابنهه ڪي، ڪنچن مانهه پردين".

(يعني ته چيلهه مان سون ڪڍي ڇاتيءَ ۾ پربو ويو آهي، ۽ ان ڪري چيلهه اهڙي سنهي ٿي لڳي.)

، ان ڪان پوءِ پنهنجي جي محبت تي ويٺي. خود شاهه لطيف، ”ڪنول پاڙون پاتار ۾، ڀؤنر پري آڪاس“ چئي، ڀؤنر جي ڪنجار ڪي محبت لاءِ سازگار سمجهيو آهي.

(٣) شعر جنگجُو جوانن جي حوصله افزائيءَ لاءِ آهي. شعر جو اهو مقصد به ڪوئي نئون نه آهي. مغرب ۽ مشرق جي شاعرن شاعريءَ کي انهيءَ مقصد لاءِ هر دور ۾ ڪم آندو آهي. ايراني شاعر”فردوسي“، انگريز شاعر”ڪپلنگ“، اردو شاعر ”اقبال“ ۽ هندي شاعر ”ڀوشن“ ان ڏس ۾ بهترين مثال آهن. مون کي ڀوشن جو هڪ رزميه گيت ياد آهي، جنهن جو انداز بيان نهايت حيرت انگيز آهي. ان جو ترجمو ڪجهه هيٺينءَ ريت آهي:

”هيءَ بجلي نه آهي پر تلوارون چمڪي رهيون آهن. هي بادل نه آهن پر گردوغبار آهي. هي ڪچڪوڙ نه آهي پر شيواجيءَ جي فوج جا باجا وڄي رهيا آهن. دشمن جي عورت چوي ٿي ته ’گهر پهچي هلو، بادل آسمان تي ڇانئجي ويا آهن، ڪٿي بارش نه پوڻ لڳي.‘ ڀوشن چوي ٿو ته ’هي بادل نه، پر هاٿي آهن- شيواجيءَ جي فوج اچي ويئي آهي‘.“

جاپاني شاعريءَ جو اهو رزمي پهلو لازمي نه آهي، جو ته زورايوڪيءَ جي مٿين اقتباس مان ظاهر آهي ته شعر هر انسان چئي سگهي ٿو، پوءِ هن کي جنگجوئيءَ سان دلچسپي هجي يا نه. اهڙو خيال ”هيڪو“ شاعر ”اونت سورا“ پنهنجي هيٺين شعر ۾ ظاهر ڪيو آهي:

”ڪوئي آهي
”پنهنجي هٿ ۾ قلم کان سوا،
”چوڏهينءَ جي رات!“

اڄ تائين جاپاني شاعري نه شاعر جو خصوصي ورثو آهي، ۽ نه تعليم يافته طبقي جو. جنهن کي به قلم هٿ ۾ آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن جي ٻه جيءَ ۾ اُڌمو ۽ اُمنگ آهي. اهو ٻه چار سٽون لکي ٿو وٺي. اهو جاپاني شعر جي تقطيع جي سادگيءَ ۽ ان جي سلاست سبب آهي، جيتوڻيڪ ان جو اهو نتيجو ٿيو آهي ته جاپاني شعر جا موضوع نهايت محدود آهن.

جاپاني شعر سنڌي بيت سان ڪافي مشابهه آهي. مون کي شاهه لطيف جي ڪلام مان ڪيتريون ئي سٽون سُجهي اچن ٿيون. جن جو تاثر جاپاني شعر جهڙو آهي. جاپاني شعر جي تقطيع به ماترائن جي حساب سان ٿئي ٿي. ”تاڪا“ اهو شعر آهي، جنهن ۾ ايڪٽيهه ماترائون آهن ۽ جنهن ۾ پنج، ست پنج، ست ۽ ست ماترائن واريون سٽون آهن. اسان وٽ بيت ۾ گهٽ ۾ گهٽ انيتاليهه ماترائون ٿين ٿيون جن جي ورڇ يارنهن، تيرنهن يارهن، تيرهن ماترائن ۾ ٿئي ٿي يا چار پيرا ٻارهن ماترائن ۾ ٿئي ٿي. ”هيڪو“ شعر جاپاني شاعريءَ ۾ ڪجهه جديد اختراع آهي، جنهن ۾ فقط سترهن ماترائون ٿين ٿيون. ان حساب سان سارو ”هيڪو“ شعر بيت جي پهرينءَ سٽ کان ڪجهه وڏو ٿئي ٿو. انهيءَ هيئت تي، جنهن ۾ ڪجهه ڦيرگهير جائز قرار ڏني ويئي آهي، ساري جاپاني شاعريءَ جو مدار آهي. شعر جي اختصار سبب انهيءَ بيانيه شاعريءَ جي گنجائش نه آهي. ڇاڪاڻ جو ايڪٽيهن ماترائن ۾ نهايت گهٽ مواد سمائجي سگهي ٿو. جاپاني شاعريءَ جو نمايان عنصر نه فقط ان جو اختصار آهي، پر فڪري ۽ غيرجذباتي شعر جي کمي به آهي. ان جي برعڪس چيني شاعريءَ ۾ فڪري ۽ غير جذباتي شعر جو حصو زياده آهي. جاپاني شاعريءَ ۾ نه فقط موضوعات جي کمي آهي، پر انهن کي منظوم ڪرڻ جا طريقا به محدود آهن. پر، جيڪي ڪجهه به ان ۾ آهي، اهو واقعي زنده جاويد آهي ۽ ان کي بين الاقوامي ادب ۾ منفرد ۽ غيرفاني حيثيت آهي. گهڻو ڪري جاپاني شعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبت ۽ فطرت جي باري ۾ آهي، جنهن ۾ بي انتها نفيس گداز آهي. اُهين محسوس ٿو ٿئي ته شاعر جو هيانءُ ھنجڻ پيو آهي، سٽ سٽ ۾ هن جي جيءَ جي جهوري آهي، هر تخيل ٿڌو ساهه ڀري رهيو آهي، هر سٽ کي ڪاري ڪجلي ڀنل آک آهي. سرءُ ۾ پنن جو ڇڻڻ ۽ چيريءَ جي شگوفن جو ڪرڻ، جنهن مان زندگيءَ جي بي‌اعتنائيءَ ۽ وقت جي گرڻ ڏانهن اشارو آهي، جاپاني شعر جو محبوب ترين موضوع آهي. جاپاني شعر کي ٻڌ مت جو پس منظر به آهي، جو سيڪاري ٿو ته جيوت نديءَ تي جوت آهي، جا ٿلندي، تمڪندي، وسامي ويندي: لُوبي ٻترڻ ۾ پاڻي آهي، ڪيترو ڪيتو ڪري ڪيترو ڪيترو ڪنديون؛ موهه ۾ ماڪيءَ جي مک جو ڏنگ آهي؛ ڪام اُج جي رڃ آهي؛ ڪروڌ نانگ جي ڦڻ آهي، مڻ نه آهي؛ ۽ اهنڪار ڇلنديءَ ڇوليءَ جو ڇوهه آهي. جنهن جي ڇوٽيءَ تي گجيءَ کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. جاپاني شعر تي زين مت جي غير ڏڪري فلسفي جو گهرو اثر آهي.

جاپاني شعر جو موضوع پيچيدو نه آهي، ان ڪري ان جي هيئت ۾ بي‌انتها سادگي ۽ سلاست آهي. شعر جي موضوع جو نمايان عنصر ان جو اشاراتي پهلو آهي. هر شعر ۾ اشارو ۽ ڪنايو آهي. هر سٺي شعر، خصوصاً هيڪوءَ کان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ سامعين کي پنهنجي تخيل جو سهارو وٺڻو ٿو پوي. شعر ۾ شاعر پنهنجي مشاهدي جي پوري وضاحت نٿو ڪري ۽ نه اهو ٻڌائي ٿو ته ان مشاهدي شاعر تي ڪهڙو تاثير ڇڏيو آهي. مثلاً باشوءَ (١٦٦٣ کان ١٦٩٣ عيسوي تائين) جو هي شعر:

”ڪڪرين جون ڪنيون
ڏڪريون ڏڪريون ٿي ويون آهن...

چوڏس چٽا پهاڙ !“

مٿيون شعر پڙهي، الئن ڪولي ۽ چئي نہ سگهندو تہ ان ۾ ڏيکاريل منظر شاعر تي ڪوئي تاثر نہ ڇڏيو آهي. هر پڙهندڙ ’هاشوءِ‘ جي ان حسن ۽ حقيقت کي جا هن پهاڙن تي چانڊوڪيءَ رات ۾ محسوس ڪئي آهي، پنهنجي پنهنجي رنگ ۾ ڏسي، پنهنجي پنهنجي طبيعت ۽ صلاحيت آهر محسوس ڪندو. خود ’باشو‘ ۽ مٿين شعر کي نامڪمل سمجهي ها، جيڪڏهن هر پڙهندڙ ان ۾ ساڳي ڪيفيت محسوس ڪري ها. شاعر جي چئي تخيل هڪ نقش جو خاڪو پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ رنگ ۽ تفصيل پڙهندڙ کي پرڻو آهي. اهڙيءَ طرح جاپاني تصوير ۾ بہ مٿوقلم جي هڪ جهٽڪي سان، هڪ ڪائنات تخليق ڪئي ويجي ٿي. ادا، هي جاپاني شعر تہ ڏس:

”مرڻ جي مينهن جي وسڪاري سان،
رنگ وڏندا ٿا رهن ...“

(اڪيگو نو سينوتو)

”پريان پاڻي وهي رهيو آهي-
آڙوءَ جيءَ خوشبوءِ پري، گهوٽ لڳ.“

(شوهاڪو)

”اڃا برف آهي،
پهاڙي ترايون جهونجهڪڙيون آهن،
شام ٿي ويئي آهي.“

(سوگي)

”جهونو تلاءُ
جنهن ۾ ڏيڏر ٽپو ڏنو...
پاڻيءَ جو آواز!“

(سوچو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ڪوسائل ٺاريءَ تي
ڪانءُ لهي آيو آهي.
سرءُ ۾ ڏيئي ٻريءَ مهل." (باشو)

"اهڙي سانت!
پهاڙي جيت جون رڙيون
پٿر ۾ پيهي ويون!" (باشو)

"سمنڊ ڪاراٽجي ويو آهي،
آڙين جون رڙيون
ٿوريون اڇيرڙيون آهن."

(باشو)

پويون باشوءَ جو شعر خيال ۾ رکي، منهنجو هي دوهو پڙهي ڏس:

"آئي سانجهي موتيا مانجهي، ماني ٿي منجهدار،
وئي وڳر ڪان وڇڙي جا، تنهن آڙيءَ ڪئي پڪار."

(هيڪو) شعر جا ٻه نمايان پهلو آهن: پهريون دوامي پهلو، مثلاً سرءُ جي پڇاڙي، مندر جي سانت، سمنڊ تي اونده، وغيره؛ ۽ ٻيو عارضي پهلو، مثلاً ڪانوَ جو ٺاريءَ تي لهي اچڻ، اداس ديوداسيءَ جو رقص، آڙين جون رڙيون وغيره. هر شعر ۾ منظر مختلف آهي، پر اهي ٻيئي متضاد پهلو، هڪٻئي سان چقمق ۽ پٿر وانگر ملي، چڻنگون پيدا ڪن ٿا. اهي ٻه متضاد پهلو، هيڪوءَ جي انگريزي تتبع ۾ بخوبي نتا ملن. مثلاً ميِس لوويل جو هينيون شعر:

"جيڪڏهن مان ڪڙڪبيتي جي ٻتي جهلي سگهان،
ته مان ڏسي، توکي خط لکان."

هائي باشوءَ جي شاگرد ڪڪاڪوءَ جو هي شعر ڏس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

”سترن جي پاندن تي
ڪوريئڙي جو چار!“

مٿين سٽ اصل جو صحيح ترجمو آهي ۽ شاهه جي هينئين
سٽ سان ڪيترو نه ملي ٿي:

”سِتر نسريا پاند، آتر لڳا، آءُ پرين!“

مٿين شعر ۾ سترن جو ذڪر ڪري، ڪڪاڪوءَ ڏيکاريو
آهي ته موسم وچ بهار جي آهي، ۽ ڪوريئڙي جي چار
مان فضا جي خاموشيءَ جو تاثر پيدا ٿي رهيو آهي.

باشوءَ جي شاگرد ڪاڪيءَ هيٺيون سٽون لکيون هيون:

”ڪارتڪ جو مهينو
ٻڪهن جا ڪجهه وقت لاءِ وڳر!“

انهيءَ شعر ۾ باشوءَ هيٺيون سٽون وڌايون:

”سياري جو سج،
ڏکوئيندڙ ڏيک!“

اهي ٻه سٽون وڌائي، باشوءَ نه فقط نئون منظر تخليق ڪيو
آهي، پر ڪاڪيءَ جي شعر جو تاثر ٻه دوبالا ڪري ڇڏيو
آهي. ٻڪهه سيءَ ۾ وانڙا ٿيا آهن، پر سياري جو سج، ساري
منظر تي ڇانئجي، انهن جي آٻاڻڪي وڳر تي تڪي اُس وجهي
رهيو آهي. جيڪڏهن اها سٽ، ’ڏکوئيندڙ ڏيک‘، شعر ۾ شامل
نه ڪئي وڃي ها، ته شعر جو اشاراتي پهلو معدوم ٿي وڃي ها.
جاپاني شعر جا ٻيا ڪجهه مثال ڏس:

”سمنڊ ڏانهن وڌي آيا
ويساک جا مينهن. وهي رهي آهي تڏي
موگامي ندي!“ (باشو)

”ننڍڙيون مڇيءَ مارڻ جون ٻونڊيون، ٻڏن ٿيون
پنهنجون تانداڻن جهڙيون روشنيون، ڪنڌيءَ سان“. (اِچي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"هندالي جا گيت
آسائتا آهن ته ڪڏهن ٿو چمڪي چنڊ
اڻچاتي آڪاس مان."

(سورا)

"وڃي رهيو آهي ڦوٽ ڏانهن
چارو، ٻيرين وچ مان."

(سنوسي)

"سياري جو سينهن
ان کي ڇپائي نه سگهيو،
چنڊ ان جي مٿ مان ترڪي ويو."

(تڪوڪو)

"جيئن مان برف تي قدم ٿو رکان،
وچ پاڻيءَ ۾ چمڪي ٿي."

(جوگو)

"آتر جي ماڙيءَ جا در زور سان کولي
آيو بسنت!"

هيڪو شعر مغربي شاعرن کي ڪافي متاثر ڪيو آهي. ان تي آمريڪا جي مشهور رسالي "لائيف" ۾ مضمون به آيو هو. هڪ مغربي شاعر رچرڊ آلڊنگٽن جو نظم آهي:

"جڏهن رات جو پارو پنجي رهيو هو ۽ جنگ جي ميدان ۾ بندوقون خموش هيون،
مون ڪاهيءَ کي ٽيڪ ڏيئي
هيڪو شعر جوڙيو،
چنڊ، گلن ۽ برف جي باري ۾."

ادا، سنڌي بيت ۾ هيڪوءَ جو پورو عڪس ته نه آهي، پر ان جي ڪيترين ئي سٽن ۾ اهائي ڪيفيت آهي جا هيڪوءَ

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

۾ ملي ٿي. مثلاً شاهه جون هيٺيون سٽون :

”وٽين وينا ڪانگ، وچين ٿي ويلا ڪري.“

”ڪا جو ڪن ڪرين، پنيءَ پڻ جهڻ پاڻ ۾.“

”رات ڏٺائين روجهه، ياڻهءِ ڪ اوٺي آئيا.“

”رڃن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪڙڪي ڪونج.“

”وينِي مون ونو، لڙي سج لڪن ٽاڻ.“

”ٻر مڙيو ٻوءِ، چهر چاٽون مڪيون.“

”چوڏاري چڙا، ٻرڻ ٻيلاين جا.“

”ڪاري رات، ڪچو گهڙو، مٿا وسي مينهن.“

”ڳچيءَ پايو ٻانهن، وينِي روءِ وڃن سين.“

”آتر ڏي آلاپ، ڪالاڪون ڪونج ڪري.“

”سر نسريا پانڌ، آتر لڳا، آءُ پرين!“

”لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.“

واهه لطيف! هر ست جڻ ته مور جو پر آهي!
جي اها شاعري آهي ته اهو وقت دور نه آهي، جڏهن آرٽ مذهب جي جاءِ وٺندو. ادا، لطيف سائينءَ سان ته ڪنهن جي ڀيٽ نه آهي، پر مون ڪي پنهنجون ڪجهه سٽون ياد اچن ٿيون، جن ۾ اگرچ مشاهدو جدا آهي، پر ڪيفيت ساڳي آهي:

جري پيو چنگ، جهري پئي جندڙي.

واريءَ منجهه وٿاڻ، سانجهيءَ آندا سانت ۾.

ڇڏي پيئي ڇاٽ، ستارن جي سونهن جي.

هي جهرڻي جي جهاڻ، ۽ هيءُ ٻاڪ بسنت جي.

پڇري ۾ پاڇا پيا، چمڪي ٿي چوڏس.

ڇڪڻ لڳو چنڊ جو، ڳهرو ڳهرو گهاءُ.

تارن ڪي ترساءِ، پرين پوئين پهر جو.

سهڻي آ سانجهي، اوندهه لٿي آب تي.

ڪوڪي ٿو ڪويل، چاندوڪيءَ ۾ چيٽ جي.

ادا، بيت ڪي پنهنجي انفراديت آهي. ان جي منظر ڪشيءَ جي لطافت ۽ پرگداز ڪيفيت هيڪوءَ کان ڪنهن به ريت گهٽ نه آهي. ڪيترائي سنڌي بيت جيڪڏهن ڪنهن نامور مغربي اديب جي ڌيان تي اچن ته انهن جو ترجمو اسان ڪي بين الاقوامي ادب ۾ مستقل جاءِ ڏيئي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن ڪوئي بيت ۾ هيڪوءَ جهڙو اشاراتي پهلو پيدا ڪري سگهي، ته بيت جو اهو قسم به بي انتها دلڪشيءَ جو باعث ٿيندو.

هي خط تو ڪي منجهند کان لکي رهيو آهيان. اچي شام ٿي آهي. مون ساني به اتي ڪاڏي آهي. سامهون شفق ۾ پهاڙ ڪنهن عظيم انسان جي مايوس روح وانگر لڳي رهيا آهن، ۽ هيٺان سوات ندي وهي رهي آهي. "ميران" پاڻيءَ مٿان به پکيئڙا ڏسي رهي آهي، جي هڪٻئي جو پيڇو ڪندا آڏرندا ٿا وتن. اجهو هاڻي پيئي اچي هوٽل جي پٽ سان ٽڪريا. ڪڏهن ڪڏهن ميران سوچيندي هوندي ته ڪهڙي ديواني سان پلءُ اٽڪيو آهي: پاڇا آيا، پاڇا ويا، پهاڙ جي پاڙ وٽ مڪئيءَ جا ڪيت نندا ڪڙا ٿي ويا، پکي پسون وچي اوڻائتا ٿيا، پر هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايا پيو لکي ۽ ڪنهن دور ديس جي شعر تي تصنيفون آٿلائي! هن ڪي ڪهڙي خبر ته مون لاءِ ٻر مڙيوئي بوءِ آهي: جتي جتي ڇپر جون ڇاٽون آهن، اتي اتي منهنجو ساهه آهي.

—تنهنجو پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊينس هوٽل، پشاور
۲۷- آگسٽ

ادا،

ڪالهہ سوات کان پشاور آياسين . ٽـپهريءَ وقت پشاور جي عجائب-گهر ۾ وياسين، جتي گوتم ٻڌ جا ڪيئي مجسما رکيا هئا. شايد پشاور جي گرميءَ سبب، مون کي آريہ تهذيب جا عارفانہ اسرار بي‌ڪيف لڳي رهيا هئا . مون هر ٻوڌي بُت کي اڇاترو ڏٺو، تہ اوچتو هڪ عجيب‌غريب بت تي نظر پيئي، هن جي چپن تي عجيب مرڪ هئي، جنهن ۾ طعنہ زني، حقارت آميزي، بي پرواهي ۽ بوالهوسي ٻـَکي رهي هئي. هن کي ڇهہ هٿ هئا، جن ۾ ٽي صراحيون ۽ ٽي جام هئا. ”آها“، مون سوچيو، ”جوان تہ بلانوش آهي. واقعي مينوشيءَ لاءِ ڇهہ هٿ گهرجن، ٻن هٿن سان ڪيتريون پي سگهبيون!“ مون هن جي واڇن وٽ هن جي مرڪ کي ڇُهي ڏٺو. هن جون نگاهون گوتم جي هڪ وڏي مجسمي ۾ ڪٽل هيون ۽ هو اهڙا حقارت سان مرڪي رهيو هو، گويا چئي رهيو رهيو هو: ”سدارٿ! مان بہ سمجهان ٿو تہ پرٿويءَ جو هر پدارٿ بي‌معنيٰ آهي، پر هي تياڳ، هي ويراڳ، ان کان وڌيڪ بي‌معنيٰ آهي.“

ڪجهہ وقت ميوزم ڏسي، اسان خيبر پاس لاءِ ٽئڪسي ڪئي . جڏهن ڪار شهر کان ٻاهر نڪتي، تہ ڊرائيور پڇيو.

”اڳي ڪڏهن خيبر پاس ويا آهيو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”نہ“

”رستي تي حضرت عليءَ جو روضو آهي.“

”هي درهٔ خيبر، جنگ خيبر وارو تہ نہ آهي!“

”نہ“

”ائين تہ اسان وٽ روهڙي شريف ۾ بہ هن جو وار مبارڪ آهي.“

”تي سگهي ٿو. حضرت علي هيڏانهن آيو ضرور هو.“

”تاريخ ۾ تہ ان جو ذڪر ڪٿي بہ نٿو ملي.“

”اسلام جا دشمن، مغربي مورخ اهڙو ذڪر ڪيئن ڪندا!“

”ڪنهن مسلمان مورخ اهڙو ذڪر ڪٿي ڪيو آهي؟“

”مان ايترو پڙهيل تہ ڪونہ آهيان، پر ڪنهن نہ ڪنهن ڪتاب ۾ اهڙو ذڪر ضرور ملي ويندو.“

ٻہ-چار ميل هلي، هُن وري پڇيو.

”اوهان سوات جي رستي تي هنومان جو بت ڏٺو؟“

”نہ“

”اوهان جو ڊرائيور اٽڪائل هوندو، نہ تہ اهو بت اوهان کي ضرور ڏيکاري ها.“

”هنومان سوات ۾ آيو هو ڇا؟“

”آيو تہ ڪونہ هو، فقط بت پرست هندو هن جي پرستش ڪندا آهن.“

ٿوري وقت کان پوءِ جمرود پهتاسين، جتي رنجيت سنگهہ جو قلعو آهي. مان اتي ڪسٽم عملدار سان مليس، جنهن فهمايش ڪئي تہ ”لنڊي ڪوتل مان ڪجهہ بہ خريد نہ ڪجانءِ.“ جمرود کان اڳتي پهاڙن ۾ خندقون ٺهيل آهن، جن ۾ آفريدي رهندا آهن. جمرود کان ڪجهہ ميل پري ۾ ديو-صورت پهاڙ هئا، جن جون چوٽيون هڪٻئي جي ويجهو اچي، ڪَنَ جون ڳالهيون ڪري رهيون هيون. خاص ڪري انهن پهاڙن جي وچ مان ويندڙ رستي کي

Scanned with CamScanner

خيبرپاس چوندا آهن. اتان آزاد فطرت قبائلي، ارڙهين صديءَ ۾ انگريزي فوج تي گوليون هلائيندا هئا. ارڙهين صدي، جڏهن سياسي سامراج عقاب وانگر هر ڪمزور کي چنبي، چيري ڦاڙي، کڻي ويندو هو؛ اڄ ان جا کنڀ ڪُسي ويا آهن، ان جي چهنب مڏي ٿي وئي آهي؛ پر، اڄ به هو جهڙپ ڏيئي ڪنهن نستي، نبل جاندار کي ڪٽي چيري ڦاڙي رهيو آهي. ارڙهين صدي اها حريف رنڊي هئي، جنهن جي هوٺيءَ هوٺيءَ ۾ حرام سمايل هو، جا چهري ۽ روح جي قباحت لڪائڻ لاءِ سو رنگ روپ ۽ ويس وڳا ڪندي هئي، جنهن جا رهزن يار هن جي ڪوٺيءَ تي ڏماچوڪڙي لڳائي ويهندا هئا ۽ پنهنجي ڦرلٽ جو مال ورهائيندا ۽ لٽائيندا هئا، ۽ جن کي بيوس انسان گهٽيءَ مان پيهي، پنهنجيءَ پنهنجيءَ فطرت مطابق حسرت يا نفرت سان ڏسندا هئا. انهن مان ڪن چاهيو ته انهيءَ ڏائڻ جي منهن تي ڏنب ڏيون، پر انهن کي ڪڙين ۾ قيد ڪيو ويو يا گولين سان اڏايو ويو. اڄ ويهين صدي انهيءَ ذليل ماءُ جا گناهه هوريان هوريان ڌوئي رهي آهي. .

انسان جي ارتقا تسليم! پر تاريخ هڪ آنڌي هاٿيءَ وانگر پهاڙ تي چڙهي رهي آهي، جنهن کي نه اهو پتو آهي نه پرواهه ته مان پٿر هيٺ ڪيرائي، ڪنهن ڪنهن کي چُور ڪندو ٿو وڃان! ممڪن آهي ته اهو انڌو هاٿي، پهاڙ جي چوٽيءَ تي پهچي، خود ڦان تي هيٺ ڪري ۽ چور چور ٿي وڃي. منهنجي دماغ ۾ برصغير جي تاريخ ڦري رهي هئي، ۽ اکين اڳيان قبائلي گهرن مٿان نهيل مورچا هئا. ايتري ۾ ڪار ،درگئي، فورٽ وٽان لنگهي، ۽ منهنجي خيالات جو تسلسل ٽٽي ويو. درگئيءَ کان پوءِ لنڊي ڪوتل آئي ۽ پوءِ طورخم، جتي افغانستان جا سنتري رائيفلون کڻي بيٺا هئا. ٿوري دير سرحد

soorthsindhadab

Scanned with CamScanner

وٺ ترسي، اسين واپس موٽياسين ۽ ڪار لنڊي ڪوتل وٽ روڪي، بازار ۾ لٿاسين. ڊرائيور ٻڌايو تہ ”هي زراق خان جو وطن آهي - زراق خان، جو حملو ڪري، انگريز عورتون کڻي ويندو هو ۽ ڪجھہ ڏينهن ڪان پوءِ انهن تي پوتي وجھي، انگريزن کي موٽائي ڏيندو هو.“

”موٽائي ڇو ڏيندو هو؟“

”تاريخ گواهہ آهي تہ مسلمانن دشمن جي عورتن تي ڪڏهن بہ دست درازي نہ ڪئي آهي. زراق خان فقط انگريزن کي پريشان ڪرڻ لاءِ هنن جون عورتون کڻي ويندو هو.“

منهنجي تصور ۾ سنڌ تي محمد بن قاسم جي، ڪاهہ ڦري رهي هئي. ٻہ-پهري ٿي ويئي هئي ۽ اسان کي ڇتي بک لڳي هئي. اسان هڪ نانوائيءَ جي دڪان تي آياسين، جتي دنبي جون رانون ٽنگيون پيون هيون. اسان ڪجھہ ٽِڪا، چپلي ڪباب ۽ نان گھرايا ۽ ماني کائي رهيا هئاسين، تہ ڊرائيور ٻن ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي، چيو، ”هن علائقي ۾ ڪيئي سِک، رهندا آهن، جن کي پنجابي زبان نہ ايندي آهي ۽ پشتو ڳالهائيندا آهن. هو هتي بلڪل محفوظ ۽ خوشحال آهن.“

مون اونهون، ٿڌو ساهہ ڀري، پاڻيءَ جو گلاس پيتو.

”ڇو، ڪباب نہ وڻيو ڇا؟“ ڊرائيور پڇيو.

”نہ، ڪباب ۾ ڪجھہ هڏيون آهن.“ مون جواب ڏنو.

”اهي سِک، تہ پختون ٿيا؟“ ميران پڇيو.

”پورا پختون،“ ڊرائيور جواب ڏنو.

سامهون ٻہ سک هوٽل تي چپلي ڪباب کائي رهيا هئا. هنن کي تصوف جهڙيون منجهيل، ڳنڀيون ڏاڙهيون هيون ۽ ڳرهوڙيءَ جي پيشين گوئيءَ جهڙو بي معنيٰ، ٿلهو منهن هو. مون هنن جي پرسان وڃي مرڪي چيو-

" سِري آڪال"

"ست سِري آڪال،" هنن ڇرڪي، جواب ڏنو ۽ پوءِ ڪلي، گرنٽ جيڏو ڇپلي ڪباب ڳرڪائيندا رهيا. مون گيهه جي ڪڙهائيءَ ڏانهن ڏٺو، جنهن ۾ ريڊا ڪباب ترجي رهيا هئا. اوچتو اها ڪڙهائي وڏي ٿيندي ويئي ۽ ان ۾ گرو آرجن سنگهه ٻچرندو نظر آيو.

ماني کائي، اسين دڪان تي آياسين. اتي دنيا جي هرملڪ جو سمگل ٿيل مال ملي رهيو هو. مون کي ڊرائيور چيو ته "جي هتان فقط پين، واچ يا ٻي ڪائي اهڙي ننڍي شيءِ ورتي ويندي، ته ان تي ڪائي روڪ نه ٿيندي." مون کي لاڳو قانون جو علم نه هو. ان ڪري مون ڪجهه به خريد نه ڪيو. مون رستي تان فقط وديشي سگريٽ ورتا ته ڊرائيور دڪان تان هڪ وڏو ماچيس کڻي ڏيکاريو ۽ چيو، "هي روس جو آهي."

" تعجب آهي ته هتي روس مان فقط ماچيس سمگل ٿي اچن ٿا،" مون جواب ڏنو ۽ پوءِ روسي ماچيس مان تيلي ٻاري سگريٽ دکايو ۽ ماچيس ڊرائيور کي موٽائي ڏنو.

" ڇو؟ ماچيس نه وٺيو ڇا؟" ڊرائيور پڇيو.

" انهيءَ ماچيس جي هڪ تيلي ئي پنهنجي ٻارڻ لاءِ ڪافي آهي،" مون جواب ڏنو.

روس جي ڳالهه نڪتي، ته مون ميران کي سنڌ جو هڪ ادبي لطيفو ٻڌايو. هڪ دفعي مون سان ...... مليو. هو پاڻ کي سنڌي ٻوليءَ جو وڏو اسڪالر سمجهندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪنير، وادي يا ڊکڻ جو ڪوئي ڪينو ڇپنو ٻيت، ڏوهيڙو يا ڏور ڳولي لهندو آهي، ته ائين سمجهندو آهي، ته ڪائي نئين "وئڪسين" ڳولي لڌي آٿائين. معلوم نه آهي ته هن ڇا سوچي مون کي چيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”تون به سنڌ جو گورکي آهين.“

مون جواب ڏنو، ”مان سنڌ جو گورکي آهيان يا ناهيان سو ته نهيو، پر تون سنڌ جو گورڪن (قبرون کوٽيندڙ) ضرور آهين.“

اِهو لطيفو مشهور ٿي ويو آهي، ۽ هاڻي هن کي ”سنڌ جو گورڪن“ ڪوٺيو ويندو آهي.

ادا، پرديس ۾ پنهنجي ديس جي ڳالهه ۽ ٻولي ڪيترو نه وڻندي آهي! پوءِ سارو وقت مان ۽ ميران سنڌي ادب ۽ سنڌ متعلق ڳالهائيندا آياسين.

”سنڌي اِسڪالر هيڏ-ڳڙيءَ جا پساري آهن.“

”جن ۾ ڪائي تُوم نه آهي.“

”سنڌي شعر اهو ڪتي جو پڇ آهي، جو ٻه سو سال نڙ ۾ رهيو آهي ته به ڏنگوئي رهيو آهي.“

”نه فقط پاڻ ڏنگو رهيو آهي، پر نڙ کي به ڏنگو ڪري وڌو آٿائين.“

”مون کي فقط هڪڙي سنڌي اسڪالر لاءِ عزت آهي.“

”ڪنهن لاءِ.“

”مرزا قليچ‌بيگ لاءِ — هن جي وسيع ذوق هن کي پنهنجي دؤر جي گوناگون ادب سان روشناس ڪرايو. قليچ‌بيگ اسان جي ادبي ذوق ۽ انقلاب جو باني هو. ڪڏهن ڪڏهن مان پنهنجي شعور جا قالين اکيليندو آهيان، ته انهن ۾ ٻه-ٽي رنگين ڌاڳا قليچ بيگ جا به ملندا آهن. مون توکي نه ٻڌايو آهي ته منهنجي عمر ڏهه ورهيه هئي جڏهن مون قليچ بيگ کي پڙهڻ شروع ڪيو هو. هن جي تصنيفات منهنجي ذهن کي کهنبي ۾ ويڙهي، ان جي چوڌاري هزارها رنگين پوپٽ اڏاري ڇڏيا. شاهه لطيف کان پوءِ قليچ بيگ سنڌ جي عظيم ترين ادبي شخصيت آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”تون گربخشاڻيءَ، پيرومل ۽ ڪن ٻين سان بي انصافي ته ڪرين.“

”شايد.“

شاهه لطيف جو نالو آيو، ته ميران مون کان پڇيو، ”تون شاهه جي زندگي ڪنهن ناول جي صورت ۾ ڇو نٿو آڻين؟“

”شاهه جي زندگيءَ تي اهو تقدس جو غلاف آهي، جنهن کي هٽائڻ ۽ هن جي زندگيءَ کي صحيح روپ ۾ پيش ڪرڻ گناهه سمجهيو ويندو. هر عظيم فنڪار جي جنسي محبت ئي هن جي اسرندڙ فن جو سرچشمو آهي. ڪنهن انسان جي سهڻي سربر جي آجهل ڇڪ؛ هن جي ويڇڙائپ جي جهيڻي جهيڻي، مڌ-ڀري آگ؛ هن جي وڇوڙي جي ڇيري ۾ ڇَر؛ هن جون نماڻيون اکڙيون، ٻوڙها، ڳراٽڙيون؛ هن جا وڻ، وهه جهڙيون وراڻيون، رسڻ ريجهڻ جون گهڙيون؛ ۽ مجاز جي ٿڌيءَ ٿڌيءَ چاندوڪيءَ ۾ ڪنهن ازلي حقيقت جو جوالا وانگر اوچتو چِتاءُ؛ رڳ رڳ ۾ آڳ، بيت، وايون، تند تنبورو سڀ آڳ؛ جهنگ جهر، پکي پسون، پٿون پاڻ سڀ آگ؛ زمين آسمان شعلا، ازلي ابدي شعلا — اهو آهي منهنجو شاهه جي زندگيءَ جو تصور! تون ئي چوءُ ته جي انهيءَ پس منظر سان مان شاهه جي زندگي ناول جي صورت ۾ آڻيان، ته مون کي هم-وطن جيئرو نه جلائيندا! سنڌ ۾ شاهه اهو پکيئڙو آهي، جنهن کي روحانيت جي چار ۾ ڦاسائي، صدين لاءِ پڃري ۾ پاليو ويو آهي؛ شايد ڪڏهن انهيءَ پڃري کي پڃي، مان هن کي هوا ۾ آزاد ڇڏي ڏيان ته تون هن کي شفق جي رنگ ۾ اُفق تائين پرڙا پتوڙيندو ڏسي سهگين. سنڌ ۾ شاهه شاعر نه آهي، فقط گيڙوءَ-رتو لباس آهي، پيوت آهي، ازل ابد جو ٻهروپ آهي؛ جيڪو ٻه هن جي قبر پيٽ تي نه پر ڪاڪ-ڪنڌيءَ تي ناهي، آهو سنڌ جو

عظيم ترين گنهگار آهي. ڪاش، مان سنڌ ڪي ڏيکاري سگهان ته عشقيہ شاعري ڇا آهي! ڪاش، مان انهيءَ مومل کي چونيءَ ڪان ونئي، سر بازار ڇڪي اچان ۽ هُنن کي ڏيکاريان ته انهيءَ روح جي فانوس ۾ هيءَ شمع جرڪندي، پگهرندي تي رهي؛ هن کي ڇاتي به آهي، ڇيلهه به آهي، جنسي تشنگي به آهي! جنسي محبت اها سيراڻ آهي، جنهن تي شاعر جي ذات ٽڪي ٽينڊي رهندي آهي؛ ان کان سواءِ شاعريءَ تي ڪڪڙ چڙهي وڃي ٿي. شاهه جو هي شعر ته ڏس:

"مون کي ماءُ مجاز، پيچاري جئن پچيو!"

ادا، منهنجا سيئي خط سانيي رکجانءِ. مون انهن ۾ پنهنجا ڪيئي منتشر خيال ڪنا ڪيا آهن. منهنجو ڪيترو وقت کان ارادو آهي ته مان پنهنجيءَ سر زمين جي گذريل پنجاهه سالن جي پس منظر سان ڪوئي ناول لکان. جيڪڏهن منهنجي قلم اها جرئت ڪئي، ته اِهي خط مون کي ڪافي ڪم ڏيندا.

— تنهنجو پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاند پاني فاريسٽ اسٽيشن،
سندر- بن
٣- فبروري، ١٩٦٢ع

چوٿين ڏينهن رات جو ٻارهين بجي، نارائڻ گنج جي دريائي بندر تان ”مزبي“ اسٽيمر ڇٽو.

مان سامان ڪئبن ۾ رکي، اچي ڊيڪ تي ويٺس. رات اونداهي ۽ جهڙالي هئي. ڪٿي ڪٿي ڪوئي ستارو ڪڪرن جي ڪجليءَ اک مان لڙڪ وانگر ٽپڪي، گم ٿيو ٿي ويو. ٻڍي گنگا نديءَ ۾ ڪناري تي بجلي بتيون ۽ ڏونڊين مان ڏيئا پنهنجون پنهنجون روشنيون جرڪائي رهيا هئا، ۽ جڏهن تيز هوا ٿي لڳي، ته ڏيئي جي لاٽ ۽ اُن جو پاڇو اُن جي پاڇي ۾ ٿي ٿڙڪيو، گويا روشنيءَ جون پنيوريون ٿي اُڏاٽيون! ڪيئي آگبوٽ اچي وڃي رهيا هئا، جن ۾ نديءَ جي ٿڌڙي ڇنڊ ڪنهن جهان گرد انسان جي پرسڪون پيريءَ وانگر لڳي رهي هئي، جا جوانيءَ جي صدها رنگين يادگيرين ۾ گذرندي آهي.

مون اونهي آڪاش ۾ ڪنهن ڪتيءَ ڏانهن ڏسي، ڪنڌ موڙيا، ۽ من ۾ چيو، ”هيءَ گهڙي امر آهي. هيءَ گهڙي وري نه ايندي، مگر مرندي ڪڏهن به نه! هيءَ گهڙي مان آهيان، مان امر آهيان، آدجڳاد کان آهيان. هيءَ گهڙي ساريءَ سرشٽيءَ جي سونهن آهي ۽ اُن سونهن جو منهنجي ساهه ۾ واسو آهي؛ هيءَ گهڙي ڪوي ٽئگور جو گيت آهي، هيءَ گهڙي شاهه لطيف جو بيت آهي، هيءَ گهڙي اَبد آهي، اَزل آهي، منهنجو ۽ خدا جو وجود آهي — لا زوال آهي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آڪاش مان ڪٽي مرڪي رهي هئي. مون اُن کي آڪ هئي چيو، ” ڏاڍي شرير آهين، تو ڪيئن سمجهيو ته مان چا تو سوچيان!“ ڪجهه وقت لاءِ منهنجو من نديءَ جي ٿڌيءَ ڇُر وانگر خاموش ۽ پرسڪون ٿي ويو، ٿوريءَ دير بعد نديءَ جي اونداهيءَ ڇُر تي آگبوٽ جي روشني پيئي، ته مون سوچيو، ”شايد تيرگيءَ کي علحده وجود نه آهي. شايد تيرگي فقط روشنيءَ جي عدم موجودگيءَ جو نالو آهي. شايد مان پنهنجي عدم موجودگي آهيان. اهو ڪير هو، جنهن نارائڻ گنج وٽان ڪلنا لاءِ ٽڪيٽ ورتي، جنهن ٽڪيٽ دريءَ وٽ بيٺل بنگالي ڇوڪريءَ جي سوٽ ۽ سٽيءَ چاتيءَ کي نظر سان بار بار ڇهي ڏٺو، جنهن مزدور کي سامان جي کڻائيءَ لاءِ پائلي وڌيڪ ڏيئي پنهنجي رحم جي جذبيءَ سان پنهنجي آنا کي آسودگي ڏني؟ اهو ڪير هئو، جنهن فرسٽ ڪلاس جي ڪئبن ۾ جهاتي پائي سوچيو ته ”رات آرام سان گذري ويندي؟“ نه، نه، مان اهو نه آهيان، اُهو ڪوئي ٻيو هو، اُهو منهنجي عدم موجودگي هو.“ مون وري آڪاش ڏانهن ڏٺو ته ڪٽي اڃا مرڪي رهي هئي. مون چاهيو ته ڪجهه به نه سوچيان، اتي ئي ڪرسيءَ تي ليٽي پوان ۽ من کي ڇولين تي ڇلندو ڇڏي ڏيان؛ ائين محسوس ٿئي ته مان ستارو آهيان پر ٽمڪان نٿو، ڇولي آهيان پر ڇُلان نٿو، آڙي آهيان پر اُڏامان نٿو- مان سڪوت آهيان، جمود آهيان، اِتي آهيان، ۽ ائين آهيان. چو آهيان، ۽ ڇا آهيان، ان سان منهنجو ڪوئي واسطو نه آهي. ٿڌڙي هير مون کي ننڍا ڪڙو ڪيو ۽ ڏيان جون لهرون پاڻيءَ جي لهرين ۾ سمائبيون ويون. ڪائي ڇولي ڇُلندي آئي ۽ هر خيال، هر خواب ان جي لس ليٽ ۾ لڙهندي، ٻڏي ويو.

چاندپور وٽ استيمر بيٺو ته مون کي جاڳ ٿي، ان وقت

Scanned with CamScanner

رات جا اٽڪل ساڍا ٽي لڳا هئا. چانڊپور وٽ پدما ۽ ميگهنا اچي مليون هيون، ۽ حدِ نگاهه تائين پاڻي هو، ۽ آڳ ڪان اُڀتي اوندهه. ٿڌو واءُ جسم کي چاقوءَ وانگر چيريندو ٿي ويو. مان اوٻاسيون ڏيندو، پنهنجي ڪئبن ڏانهن آيس. ٻر واريءَ ڪئبن ۾ اڃا انسان جاڳي رهيا هئا، ۽ ڪائي عورت انگريزيءَ ۾ چئي رهي هئي، "اوه پيارا .... منهنجا پيا .... را!" انهيءَ صدا منهنجي ڏيان کي ڪتان جو ڪتي پهچايو. اها پڪار جيئن جو جلترنگ آهي، چوليءَ جي ڪنڊيءَ تي هيٺي هار، ڏياتيءَ جي لات جي مرندي جڙ، هڪ مندماتيءَ رات جي پوئين چڪي! منهنجي تصور ۾ اهڙيون ڪيئي راتيون آيون، جن ۾ اِها صدا عود ۽ لوبان وانگر ٻري هئي: اهي گرم ۽ گداز چپ، اهي آتيون ۽ آسائتيون اکڙيون، اهي لهه-پريون ليلڙاتيون! واقعي انسان جسم اول، روح پوءِ آهي؛ واقعي من مندر، تن مورتي آهي؛ واقعي جسم جي لذت، روح جي لذت کان بدرجها بهتر آهي: جسم فاني آهي، روح باقي آهي؛ پر فنا، بقا کان صد بار زياده حسين آهي. ڪجهه وقت مون کي پنهنجا محبوبڙا ماڻهو ياد آيا، ۽ پوءِ مٺڙي مٺڙي ننڊ پنهنجي جهوليءَ مان سوين ڦول ڦِٽا ڪندي، مون کي سڳند جي سير ۾ لوڙهيندي ويئي. پنيرڪي جو منهنجي ڪنن ۾ ڪوئي مٺڙو سُر اچي رهيو هو. مون جاڳي اکيون مهٽيون ۽ جڏهن ننڊ جو ڪيف هٽيو، ته مون ڏٺو ته اسٽيمر بيٺو هو. مان ڪئبن جو در پٽي ٻاهر آيس، ته سامهون بريسال جو دريائي بندر نظر آيو، جتي ڪجهه فلاٽ، لانچون ۽ ڪشتيون بيٺيون هيون. هيٺ پاڻيءَ ۾ ڪوئي ملاح پنهنجي نوڪاتي سريلي آواز ۾ چئي رهيو هو، 'ڪاواراسي، ڪاواراسي، ڪاواراسي.' مون سمجهيو ته ڪوئي گيت ڳائي رهيو آهي، پر مون کي هڪ همسفر ٻڌايو ته بنگاليءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چئي رهيو آهي تہ "مون کي ڪاڏو آهي"، "مون کي ڪاڏو آهي!"

گهڙي نہ گذري تہ سج پدما جي سطح کان مٿي اڀريو، ۽ پاڻيءَ ۾ پنهنجي شعاع جي سڌيءَ ليڪ مٿان هڪ وڏيءَ عجب جي نيشانيءَ وانگر نظر آيو. بندر تان ڪجهہ مزور هڪ وڏي ڪاٺ جي سڌيءَ کي ڪلهو ڏيئي اچي رهيا هئا، جنهن ۾ اسٽيمر ۾ ويندڙ سامان ڀريل هو. هو لاٽ سان "هربول" "هربول" چئي رهيا هئا. منهنجي پرسان هڪ بنگالي آفيسر ويٺو هو، جنهن کان مون پڇيو، "هي مزور مسلمان آهن؟"

"ها، هنن کي لنگي (گوڏ) ٻڌل آهي، بنگال ۾ مسلمان لنگي ٻڌندا آهن ۽ هندو ڌوتي."

"هي ڇا ٿا چون؟"

"اِنهن لفظن کي ڪائي معنيٰ نہ آهي. اِهي لفظ فقط هنن کي جوش ڏيارين ٿا، جنهن سبب هنن کي بوجهہ جو احساس گهٽ ٿئي ٿو."

مون هن کي مرڪي چيو، "مون کي بنگلا ڀاشا تہ نہ ايندي آهي، باقي هندي ڀاشا ضرور ڄاڻان. هنديءَ ۾ 'هربول' جي معنيٰ آهي، 'ڌڻيءَ جو نالو وٺ'، 'هر' لفظ 'هريءَ' جو مخفف آهي، مان ڀانيان ٿو تہ بنگلا ٻوليءَ ۾ بہ انهن لفظن جي ساڳي معنيٰ هوندي."

"هي جاهل مسلمان آهن، هنن کي ڪهڙي خبر تہ 'هربول' جي معنيٰ ڇا آهي."

مون ملاح کان ڏاب (ڪچو ناريل) وٺي پيتو، ۽ سگريٽ دکائي، ٽڏي هيانءَ سان پدما جي پار ڏٺم— نيڻ-نهار تائين ڇٻر ۽ ڇوليون هيون. پاڻيءَ ۾ خالي ڏاب لڙهندو ٿي ويو، ۽ مون کي ياد اچي رهيو هو تہ بہ سال اڳ جڏهن مان بوري گنگانديءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڪناري تي ڍآب جو اڌ پاڻي پي، باقي اڌ-پاڻيءَ سميت ڍآب نديءَ ۾ تي ڦٽو ڪيو، ته ڏهه ٻارهن ننڍڙا ننگا ٻار ڊوڙندا آيا هئا ۽ منهنجي هٿ مان ڍآب کسي، اُن مان ٻه ٻه ڍڪ پيتا هئائون. هاڻي جڏهن ٻه ڪو مون کان سوال پڇندو آهي ته "تنهنجو خدا جي وجود ۾ اعتبار آهي؟"، ته جواب ڏيڻ وقت منهنجي اکين اڳيان اهو منظر ڦري ويندو آهي.

مان ناشتو ڪري ٿرڊ ڪلاس ۾ آيس، جتي سفيد ۽ گيڙو لونگين ۽ ڌوتين ۾ ملبوس بنگالي مرد، ۽ رنگارنگي سوٽي ساڙهين ۾ عورتون فرش تي ويٺل هيون. هڪ نوجوان بنگالي زال ۽ مرد، فرش تي پاتل ۾ رڪيل. اوٻاريل چولا ۽ چانور کائي رهيا هئا. بنگالڻ نو-وَرني ٿي لڳي ۽ ڪڏهن ڪڏهن لڄ پريءَ آڏيءَ اک سان مڙس ڏانهن ٿي ڏنائين ۽ هن جي نرڙ تي تلڪ ۽ سانورڙي منهن تي ڪڙيءَ اک هيڻان تير هو. جو نهايت پيارو ٿي لڳو. هن جي پرسان ميريءَ ڌوتيءَ سان ڪوئي هندو مهنت ويٺو هو، جو مزي سان گانجي جي سلفي ڇڪي رهيو هو. اُن کان پري ڪجهه بنگالي شاگرد فرش تي ويٺا هئا، جي بنگاليءَ ۾ ڳالهائيندي، وچ وچ ۾ ڪجهه جملا انگريزيءَ جا ٿي ڳالهائي ويا.

مون ڪي ڏسي، هو چپ ٿي ويا. شايد منهنجي رنگ روپ مان سمجهي ويا ته مغربي پاڪستان مان آيو آهيان. مان موٽي آيس، ۽ ڪئبن ۾ ليٽي، هڪ فرينچ ناول "پويون نياءَڪاري" (Last of the Just) پڙهڻ لڳس. نهايت درد انگيز ڪتاب آهي. عيسائيت جي تسلط کان هن وقت تائين جيترو جور و ستم يهودين تي ڪيو ويو آهي، اُن جو خوني داستان آهي. نازي جرمنيءَ ۾ هنن سان جيڪي ويل وهايا ويا ۽ جو تشدد روس ۾ انقلاب کان اڳ ۽ انقلاب کان پوءِ(؟)، هنن تي ڪيو ويو، اهو نهايت فني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چابڪدستيءَ سان ناول ۾ چٽيو ويو آهي. ڪتاب پڙهندي، منهنجو ڪيئي دفعا گلو ڀرجي آيو، ۽ مون مشڪل سان ڳوڙها روڪيا. مذهب ۽ سياست جي جنون ۾ اِنسان انسان تي ڪيترو نہ ظلم ڪيو آهي! انسان جي خون ۾ ڪيتري نہ وحشانيت آهي! هيتريءَ تهذيب جي باوجود، انسان اڃا تائين ڪيترو نہ وحشي آهي! شايد انسان جو ماحول جيڻو ڪيترو بہ بدلجي وڃي، تہ بہ هو فطري طرح وحشي رهندو! شايد هن ڪي صحيح انسانيت جي احساس لاءِ ڪنهن آبدي "فلسفهٔ حيات" جي ضرورت آهي. پڙهندي پڙهندي، شام ٿي ويئي. مان ڪتاب رکي، اسٽيمر جي ڇت تي وڃي جهازران سان ويٺس. ان وقت سج پاڻيءَ ۾ ٻڏي رهيو هو. شفق جا پويان پاڇا لهرين ۾ لڙهي رهيا هئا. ٿوريءَ دير ۾ رات نديءَ تي ڪنهن مصور جي موت وانگر ڇانئجي ويئي. مون اوچتو محسوس ڪيو تہ مان تنها نہ آهيان، ڪوئي وجود واءُ ۾ منهنجي ويجهو آهي. پرسان ڪنهن ٿوئنگ (ٿنين مٿان ٿلهي تي آڏيل عارضي جهوپڙيءَ) مان دوتاري جو جهيڻو سُر اچي رهيو هو.

...«ڪوي! مون ڪي جواب ڇو نٿو ڏين؟ ڏس مون ڪي تنهنجي تمنا ڪٿان وٺي آئي آهي. هن نديءَ جي لهر لهر تنهنجو ڏس ڏيئي رهي آهي. هي ڇوليءَ تي ڪٽيءَ جو ٻاڇو. هي ڪنڌيءَ تي بانس جا وڻ. هي واءُ، هيءَ سانت جي مڌر سنگيت! هتان جي گهڙي گهڙي تنهنجي "گيتانجلي" آهي. تون ڪٿي آهين ڪوي؟»

«هيڏانهن ڏس مان هتي آهيان.» بانس جي وڻ مان تيز هوا ڊوڙندي ٿي ويئي.

«هيڏانهن ڏس، مان وڃي رهيو آهيان.» ميگهنا جي سِير مان ڪوئي آواز اچي رهيو هو. «ڏس، ڏس! مان لڙهندو ٿو

وجان، دور ڪنهن سندر-بن ڏانهن.، اوچتو مون کي خيال آيو ته هر آتما امر نه آهي، فقط ڪائي ڪائي آتما سرير جي موت کان پوءِ به زنده آهي، نه ته گهڻو ڪري آتما يا ته سرير کان اڳ مري ٿي . يا ان سان گڏ مري ٿي . مون سوچيو ته مون کي ٽئگور جي شاعريءَ سان ايتري محبت ڇو آهي؟ مان ته ڪنهن غير ماديءَ هستيءَ جو قائل نه آهيان، منهنجي من مندر ۾ ڪائي مورتي نه آهي، پوءِ مان اهي ڏياتيون ڪنهن لاءِ جلائيندو آهيان! ڪنهن ڪنهن وقت منهنجي آتما ڪنهن ديوداسيءَ وانگر نچندي آهي، ڪنهن لاءِ! ڪنهن لاءِ؟ مان فقط هن جڳ، هن ديوءَ جو قائل آهيان، پوءِ به مون کي ٽئگور جا گيت ايترو ڇو وڻندا آهن؟ مون کي ميران جا ڪيرتن ڇو وڻندا آهن؟ آخر راڌا جو شيام سان پيار فقط هڪ ڏند ڪٿا ئي ته آهي! هن جيون جي بن ۾ شيام ڪٿي ڪونهي . مان ناستڪ آهيان، مٿيءَ تي مستڪ ٽيڪيو اٿم، پر پوءِ به منهنجي من کي ٽئگور، ميران ۽ پتائي ڇو ٿا وڻن؟ ائين ته نه آهي ته مون پاڻ کي نه سمجهيو آهي!

صبح جو اسٽيمر ڪلنا پهتو. مان سليم هوٽل پهتس ۽ سامان ڪمري ۾ رکي، ناشتي لاءِ ڊائننگ روم ۾ آيس. اتي اڳيئي هڪ آمريڪي مرد ۽ به ڇوڪريون ويٺيون هيون. تعارف بعد معلوم ٿيو ته آمريڪي جو نالو رابرٽ هو . گوري ڇٽي رنگ جي رقيه پنجابڻ هئي ۽ رينو بنگالڻ هئي، سانورڙي صورت واري. ٻئي مٿئين اداري ۾ اسٽينوگرافر هيون . رابرٽ ٻڌايو ته رينو هڪ چڱي رقاصه به هئي. هو چيتي جي شڪار لاءِ سندر-بن وڃي رهيا هئا. رابرٽ تهور علي جو ڪتاب، "سندر بن جا آدمخور"، پڙهي-رهيو هو . هن ڪتاب ميز تي رکي، مون کي چيو، "هن ڪتاب مان ته ائين ٿو معلوم ٿئي ته هتي ڪيئي چيتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آدم خور آهن.“ ”ها، فقط چيتا“، مون جواب ڏيندي، رقيہ ڏانهن آڏيءَ اک سان ڏٺو. رابرٽ ڳالهہ لنوائي، مون کان پڇيو.

”تون سندر-بن نٿو وڃين ڇا؟“

”آيو ٿي انهيءَ لاءِ آهيان.“

”اسان ڪي لانچ آهي، اسان سان ڇو نٿو هلين؟“

”چڱو، مهرباني.“

ڪجهہ وقت کان پوءِ اسان گهاٽ تان لانچ ۾ چڙهياسين. رابرٽ رقيہ کي آغوش ۾ ويهاري، هن جون چڱون آڱر ۾ ويڙهي رهيو هو ۽ مون سان ڳالهائي رهيو هو. ڳالهين ڪندي، هن پڇيو، ”مشرق ۾ آمريڪا خلاف ايترو تعصب ڇو آهي؟“

”اِن ڪري جو آمريڪا پاڻ کي جمهوريت جي علمبردار چوي ٿي، پر ان جي باوجود، اشتراڪيت جي خوف سبب، مشرق جي هر جمهوريت-دشمن عنصر جي دوست بڻجي ٿي. خود مان اشتراڪيت جي بنيادي فلسفي ۽ سياسي ۽ اقتصادي نظام جو قائل نہ آهيان، پر ساڳئي وقت آمريڪا سان بہ محبت نہ اٿم.“

”هون!“ رابرٽ ٽهڪ ۾ پئجي ويو.

”تو پاڪستاني اشتراڪي ڏٺا هوندا“، رابرٽ چيو. ”تون ٿي ٻڌاءِ تہ انهن جي اشتراڪيت سان رغبت ڪيئن ٿي؟“

”گهڻو ڪري مذهب کان نفرت سبب!“ مون جواب ڏنو. ”هتي هر جاءِ تي مذهب آها آڳ اوتيندڙ اَزدها آهي، جا انسان جي هر آزاديءَ کي ڳڙڪائي ويٺي آهي. مذهب جي آڙ ۾ هر مڪر ۽ فريب، جبر ۽ تشدد کي پناهہ ملي ٿي. مذهب لاءِ نفرت ٿي هتان جي ڪنهن ڪنهن باشندي کي اشتراڪيت لاءِ چڪي ٿي، ڇو تہ انهن کي روحاني نجات جو ٻيو ڪوئي ذريعو نظر نٿو اچي. اوڏانجي حڪومت دنيا جي هر توهم پرستيءَ، هر مذهبي بيهودگيءَ

تي چشم‌پوشي ڪري ٿي ۽ ڪڏهن ان کي همٿائي ٿي، ڇو ته اوهان سمجهو ٿا ته هر مذهبي ديوانگي اشتراڪيت خلاف محاذ آهي. اِن ڪري ئي اسان جا زياده ذهين ادب، فنڪار ۽ مفڪر اوهان جي خلاف متعصب آهن. مون هتي اهڙو ڪو به اشتراڪي نه ڏٺو آهي، جنهن جي اشتراڪيت ڏانهن رغبت مذهب کان نفرت سبب نه ٿي هجي."

"تون دهريو آهين؟" رابرٽ پيو سوال ڪيو.

"نه رابرٽ، مان دهريو نه آهيان، پر مان دهريي کي به پنهنجي فڪر جي مڪمل آزادي ڏيڻ ٿو چاهيان."

"پر آمريڪا ۾ ته اهڙي آزادي هرڪنهن کي آهي."

"ها رابرٽ، مون کي ان جو يقين آهي؛ تعجب فقط اهو آهي ته هتي جيڪي اوهان جهڙي جمهوري آزادي چاهين ٿا، اوهان انهن جا نه، پر ڪڏهن انهن جي ويرين جا واهرو آهيو."

"پر اسلام ته هڪ مڪمل نظام حيات آهي. جيتري انسان کي آزادي اسلام ڏني آهي، اوتري ٻئي ڪنهن به مذهب نه ڏني آهي،" رقيه، جا هن وقت تائين خاموشيءَ سان ٻڌي رهي هئي، اوچتو جوش ۾ اچي تقرير ڪرڻ لڳي. "اسلام اها ازلي حقيقت آهي، جنهن جي هر دور ۾ ضرورت آهي. ان جا زرين اصول ڪنهن به وقت ۽ ڪٿي به انسان جي رهبري ڪري سگهن ٿا. البته برابر آهي ته دقيانوسي مولوي اسلام جي صحيح مقصد کان نا آشنا آهن. هو ئي آهن، جي اسان جي مذهب ۾ جمود لاءِ ذميوار آهن: انهن جي ڪري ئي اسان جا ذهين نوجوان مذهب کان باغي ٿين ٿا. مان ته چوان ٿي ته اسلام ئي اصلي اشتراڪيت آهي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خدا ۽ انسان جي برابريءَ ۾ اعتبار آهي اسلام. چڱو جو تو ٻڌايو ته تون ڌهريو نه آهين، نه ته مان توسان گڏ هلي ٻڌايان ها! تون اسلام جو غور سان مطالعو ڪندين، ته تنهنجا سڀ شبه دور ٿي ويندا.“ هوءَ اِهو سڀ يڪساهيءَ چئي ويٺي.

”اسلام، اسلام، اسلام! چونڪ تي اسلام، چوراهي تي اسلام، چڪلي ۾ اسلام، -- هيءَ جوڙ ڪيئن ٿي سمجهي ته مون اسلام جو مطالعو نه ڪيو آهي!“ مون هن کي ڪوئي جواب نه ڏنو ۽ فقط هن جي چهري کي چتائي ڏٺو. مون کي زندگيءَ ۾ ڪنهن به خوبصورت عورت کان ايتري حقارت نه آئي آهي.

رينو ڊيڪ تي وڃي ويٺي هئي ۽ هن جون چڳون هوا ۾ اڏامي رهيون هيون. مان به ڊيڪ تي وڃي ويٺس، ته هن مون کي چيو، ”مان ڪڏهن به سنڌ نه ويئي آهيان ۽ اڳ ڪو به سنڌي نه ڏٺو اٿم. اوهان جي ديس ۾ نديون آهن؟“

”رينو اتي فقط هڪ ئي ندي آهي — سنڌو! ان کي اسان ديويءَ وانگر پوڄيندا آهيون. ان ۾ اسان جون هندو عورتون آڪا آچلي ’جهولي لال، جهولي لال‘ چونديون آهن. اسان جي ان سان ايتري عقيدت آهي، جو اسان جو هڪ هندو دوست، جو ڀارت ۾ مري ويو هو، تنهن پنهنجي رک سنڌوءَ ۾ لوڙهڻ لاءِ موڪلي هئي. منهنجو گهر سکر ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تي آهي، جڏهن ويساک ۾ پاڻي پنهنجي ڦوهه ۾ ايندو آهي ته مان گهر جي ڇت تي ويهي، چنڊ کي چولين جي ڏولين ۾ لڏندو ڏسندو آهيان، مون کي محسوس ٿيندو آهي ته منهنجي ڪوتا سنڌوءَ جي امر سرتي آهي، ان ۾ به ساڳيون چوليون ۽ جوهه آهي، ساڳيو پهچ کان پري چنڊ لاءِ پيار آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

” ڪوي، تعجب آهي تہ تون آجنبي بلڪل نٿو لڳين؟“ رينوءَ چيو.

’ آجنبي!‘ مون من ۾ سوچيو، ’آجنبي! مان آجنبي! مان چنديداس آهيان، چيتن آهيان، روي بابو آهيان. مان آجنبي! جيڪي منهنجي ڪوتا پڙهي ڏسين، تہ ان ۾ توکي وديا پتيءَ جي آتما جي سڳنڌ اچي. تون منهنجي نانوَ تي نہ وڃ، مان هتان جي آدجڳاد آهيان. منهنجي لاتَ ٻجهي ٻجهي، ٻرندي آهي، منهنجي وينا تي جڙندي آهي، مان هتي وري وري ايندو آهيان. مان هتي آجنبي ڪيئن ٿي ٿو سگهان!‘

”رينو، تون رقص ڪٿي سکي آهين؟“

” الموڙا ۾.“

” هون!“

” ڪوي! مان جڏهن نچندي آهيان، تہ مون ڪان سرير جي ساري سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي آهي. مان سمجهندي آهيان تہ مان مدهوشيءَ جي ڇولي آهيان. تون جڏهن ڪوتا لکندو آهين تہ تون بہ ائين محسوس ڪندو آهين؟“

” نہ رينو، مان ائين محسوس ڪندو آهيان تہ منهنجي رڳ رڳ ۾ آگ آهي، منهنجو سارو سرير چڪيا تي چڙهي رهيو آهي. ڪوتا ڇيپون آهي، جر آهي، جنهن ۾ منهنجو تن من پچري رهيو آهي!“

ايتري ۾ چلنا بندر نظر آيو، ۽ رينو رابرٽ کي سڏي، پيڙين ۾ رسيءَ ۾ ٻڌل ڏريل ڏيکاريا. دريل دريائي ٻليءَ وانگر جانور آهي، جنهن کي مهاڻا مڇي پڪڙڻ لاءِ پاليندا آهن. مون دريل ڏانهن ڏسي، رابرٽ ڏانهن ڏٺو.

ٿوريءَ دير بعد سندر-بن شروع ٿيو. رابرٽ ڪجهہ بيئر جا دٻا کولي، اسان کي گلاس ڀري ڏنا. جڏهن رينوءَ بيئر جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چار-پنج گلاس پيتا، ته هن جون اکڙيون ڪيپ ۾ پرجي ويون، ۽ هن جون آگربون ڪنهن ڪتڪليءَ جي نرت جي تلاش ۾ چرڻ لڳيون. ”مان چاهيان ٿي ته سنڌوءَ جي سير جو ناچ ڪريان،“ هن ائين چئي، ٻانهون ڦهلايون ۽ هڪ ٽنگ گوڏي وٽان موڙي مٿي کڻي. ’رينو!‘ مون من ۾ چيو، ’رينو، مون تو کي اڳ ڪٿي ڏٺو آهي. ڪٿي؟ ڪٿي؟ اها ٻانهن جي ٿونٽ اها گوڏي جي ڍڪڻي! مون ڪٿي ڏٺي آهي؟ موهن جي دڙي ۾، ها موهن جي دڙي ۾! نرتڪي، تڏهن ته تون مون کي اجنبي نٿي سمجهين!‘

ڪجھ وقت ڪان پوءِ، چاندپائي فاريسٽ اسٽيشن تي پهتاسين. لانچ کي تختو رکي ڪنڌيءَ سان ملايو ويو. تختي تان ڏاڪڻ تي چڙهي، ڪاٺ جي پل تان لنگهي، رينجر جي ڪاٺائين ٿونگ وٽ پهتاسين. رينجر چڱي آجيان ڪئي ۽ حال احوال ڏيڻ وٺڻ بعد، رابرٽ هن کي مرغيءَ جي شوربي، رنهن ۽ ترائوت مڇيءَ جا ڪجھ دٻا ۽ ڪجھ ڊبل روٽيون ڏنيون، پيهريءَ جي ڪاڌي تيار ڪرائڻ لاءِ چيو. رينجر گهڻو ضد ڪيو ته بنگالي ڪاڌو تيار ڪرائي، پر اسان هن تي زياده بار ٿيڻ مناسب نه ڄاتو. اٽڪل هڪ بجي ماني کاڌيسين. رينجر گل پٽي جي جَرَ جو ساڳ رڌايو هو، جنهن مان مون ۽ رينوءَ ڪجھ کاڌو.

ماني کائي، رابرٽ شڪار لاءِ سانباهو ڪيو. هو رائيفلون صاف ڪري آيا، ته رينو هڪ ننڍڙي ڇوڪري کي وٺي آئي، جو ڪجھ بنگاليءَ ۾ ڳائي رهيو هو.

”ڪوي!“ رينو چيو. ”هي ڪنڌيءَ تي وينو هو ۽ پنهنجيءَ ڌن ۾ ڳائي رهيو هو. هن کي سوين گيت ياد آهن.“

مون ڇوڪرڙي کي شڪ سان ڏٺو، هن جي عمر اٽڪل اٺ-ڏهه سال هئي. هن پنهنجو نالو سلطان ٻڌايو ۽ پوءِ بي انتها محويت سان ڪوئي بنگالي گيت ڳائڻ لڳو.

”ڪوي ! هي نهايت پيارو گيت آهي، نوٽبڪ کڻ تہ توکي آن جي معنيٰ لکايان.“ سون نوٽبڪ ۾ هيٺيون گيت ۽ ان جي معنيٰ لکي —

”ديش بديشي گريا، بيڙائي،
نا پاءِ لم موئر موتو،
سن سري ڪيٺو ناءِ ري اپن جان“

(مان ديش وديش رليو آهيان، پر ڪنهن کي بہ پنهنجي پسند موجب پائي نہ سگهيو آهيان. هن سنسار ۾ ڪوئي بہ پنهنجو نہ آهي.)

”اوري آمي ڪي ڪوري، لوڪو ٿا
جابن : ڪوٿا جائيا تو ماءِ پابو“

(اڙي، مان ڇا ڪيان، ڪيڏانهن وڃان، توکي ڪهڙي هنڌ پايان !)

هن جو آواز اوچتو ٻيهجي ويو. ميز تي ڪجهہ ڪيلا رکيا هئا. سلطان وڏي هڪ ڪيلو هٿ ۾ کڻي سنگهڻ لڳو. رينو جي اکين ۾ ديا پرجي آئي ۽ هن سلطان کي ٻيو بہ ڪيلو کڻي ڏنو، ۽ هن کي چيو، ”ٻيئي ڪيلا کاءُ.“ سلطان جي منهن تي مرڪ اڀرڻ لڳي ۽ پوءِ هن ڪاري پيالي تي آڱر لڳڻ سان آواز پکڙجي ويندو آهي. رينوءَ جي وڏيڪ پڇا تي هن ٻڌايو تہ هن جو پيءُ ۽ ماءُ مري ويا هئا ۽ هو بيک مڱي گذر ڪندو هو، ۽ رات جو ڪنهن نہ ڪنهن جي گهر سمهي پوندو هو. هن جو مٿيون آڌ، ننگو هو ۽ هيٺئين آڌ تي فقط نيڏڙي لنگي ٻڌل هئس. هن پنهنجي مٺ کولي، ڪجهہ آنڪون ۽ پيانيون رينوءَ کي ڏيکاري، چيو، ”جڏهن بہ رپيا ڪنا ٿيندا، تہ هڪ سٺي قميص وٺندس.“

”تون اسان سان سندر-بن هل، تہ مان توکي قميص وٺي ڏيان،“ رينوءَ چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”لانچ تي وني هلنديڻ؟“
”ها“
”ڪيلا به ڪارائينديڻ؟“
”ها“

هو ٽينگ ڏيئي، وري ڳائڻ لڳو:
”ڪوتا جائيا تو ماء پابو“

رابرٽ هن جي پُٺن تي هٿ ڦيري، چيو ،”رقيم، هن کي سردي نہ لڳي ، هن کي منهنجو بلئنڪيٽ ويڙهہ .“

رقيم سلطان جي ڪاريءَ ڪٺ چمڙيءَ ۽ آٿين وارڻ ڏانهن هٿ وڌايو. رابرٽ رينجر کان بہ بندوقچي ورتا، ۽ اسان سيئي ڪاڏي پيتي جو ۽ ٻيو ضروري سامان ڪٽي لانچ ۾ چڙهياسين. لانچ پسوري نديءَ تي لڏندي هلي ؛ سامهون ڪنڌيءَ تي باوالي (ڪانير) گئيوا نالي درختن مان ڪاٺ ڪپي رهيا هئا، جو ڪاغذ ٺاهڻ لاء ڪرناڦلي جي پيپرملين ۾ ڪم آئيندا آهن. انهن باوالين مان ڪي بريسال، ڪي فريدپور ، ۽ ڪي کلنا جا هئا. ٽہ-پهريءَ وقت لانچ هڪ ڪال (ڪاريءَ) ۾ پهتي ۽ ان ۾ ڪجهہ پنڌ هلي، ڪنڌيءَ تي روڪي ويئي. اسين سڀ هيٺ لٿاسين. رقيم، رابرٽ ۽ بہ بندوقچي بن ۾ اندر شڪار لاء ويا. رقيم بورچيءَ کي ڪافي تيار ڪرڻ لاء چيو ۽ مون ڪجهہ گل-پتا چاقوءَ سان ڪٽي، ڪنڌيءَ تي وڇايا، ۽ انهن تي ويهي رهيس. ڪنڌيءَ سان لڳ هڪ هنس تري آيو هو. سامهون هڪ ننڍي نوڪا بيٺي هئي ، جنهن مان هڪ دريل ٽپو ڏنو ، ۽ مڇي پڪڙي، نوڪا ۾ موٽي ويو. هنس هن ڏانهن هڪ اَڄاتري نظر سان ڏسي ، پاڻيءَ تي مزي سان ترندو ويو. مان هنس کي ڏسي رهيو هوس، تہ رينو منهنجي پرسان اچي ويٺي، ۽ چيائين، ”ڪوي ! تو ڪڏهن هنس تي ڪوتا لکي آهي !“

Scanned with CamScanner

"ها، رينو. فقط هڪڙو دوهو لکيو اٿم. اسان جي ٻوليءَ ۾ هنس کي هنڃ چوندا آهن." پوءِ مون هن کي هيٺين دوهي جو انگريزيءَ ۽ هنديءَ ۾ ترجمو ٻڌايو:

"نيڻن سان جو نئن چلي، ڪڪ پن تي ويا رنڃ،
نڪتيون تنهنجون ڳالهڙيون، جيئن پاڻيءَ تي هنڃ."

مان هن کي دوهي جو تت سمجهائي، ٽيءَ ۾ پئجي ويس. شاعر جي هر شعر جو پس منظر هن جي زندگيءَ جون کهڙيون کهڙيون گهڙيون آهن، هن جي روح جي کهڙي کهڙي اذيت، کهڙي کهڙي ڪشاڪش آهي، ان جو صحيح اندازو هن جو ڪوئي به سوانح نگار نه لڳائي سگهندو. رينوءَ ٿڌو ساهه ڀري چيو، "ڪوي، پيار به عجيب چيز آهي!"

"واقعي، رينو! پيار عجيب چيز آهي. تن جو پيار يا من جو پيار؛ ڀونئر جو ڪنول سان پيار يا چنڊ جو چڪور سان پيار، سڀ عجيب آهن. هن سنسار جي هر شيءِ مايا آهي، هر سونهن مايا آهي، هر ورونهن مايا آهي، ۽ ان مايا جو سڀ کان سندر روپ پيار آهي — جيتوڻيڪ پيار به مايا آهي، اهو به امر ۽ اڪال نه آهي."

"ڪوي! تون به ائين ٿو چوين ته پيار امر نه آهي!"

منهنجي اکين رينوءَ جي اکين ۾ تپو ڏنو ۽ انهن ۾ تيزيءَ سان جنم جنم جون ڏاڪڻيون لهنديون ويون. ڏاڪڻين تي ڏاڪڻيون پاتال تائين ڦرنديون ويون، جتي فقط گهور اندارو هو، ڪجهه به امر نه هو.

"رينو!" مون هن جي کاڏيءَ کي هٿ سان مٿي ڪري چيو، "هن سنسار ۾ ڪائي چيز امر نه آهي. موت کان سواءِ ٻيو سڀڪجهه غير حقيقي آهي. سندرتا به فاني آهي، پريت به فاني آهي؛ سندرتا ۽ پريت ملي، ڪڏهن ڪڏهن موت تي جاءِ ڪن ٿيون، پر انت جيت موت جي آهي. فقط موت امر آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”نہ ڪوي، ائين نہ آهي. مان جڏهن نچندي آهيان، تہ منهنجي انگ انگ مان ڪائي آدجڳاد جاڳي پوندي آهي، مان ائين ڀائيندي آهيان تہ مون ۾ ڪجھ امر آهي، مون ۾ ڪائي جوت آهي، جا ڄڃهي ڄڃهي ٻرَي ٿي. مان جڳ جڳ جي جوالا جي ڪا چڻنگ آهيان. مون ڪي ڪوئي وسائي نٿو سگهي. نہ، ڪوي، موت امر نہ آهي.“

ايتري ۾ بورچي ڪافيءَ جون پيالون ۽ ڪارا بسڪوٽ کڻي آيو. اسان هڪ پيالي ۽ ڪجھ بسڪوٽ سلطان کي ڏنا، جو حيرت سان اسان جي انگريزي گفتگو ٻڌي رهيو هو. ايتري ۾ ٻن ۾ ٻہ بندوقن جا ٺڪاءَ ٿيا. ٿوريءَ دير بعد اسان رابرٽ کي ايندو ڏٺو ۽ هن جي پٺيان بندوقچي هڪ چيتل (چٽڪمرو هرڻ) لٺ تي لٽڪائيندا، کڻي آيا. چيتل ڌرتيءَ تي رکيائون تہ رينو ۽ سلطان ان ڏانهن ڊوڙندا ويا، ۽ ان جي چٽڪمريءَ چمڙيءَ تي هٿ ڦيرائڻ لڳا. ”ڪوي، هي چيتل ڪهڙو نہ سندر آهي!“ رينوءَ ڪجھ پريل آواز سان چيو. ”منهنجي نشان سان مئو آهي،“ رڇيہ فخر سان چيو. رابرٽ مرڪ ڇپاڙي، مون ڏانهن ڏٺو.

بندوقچين ڪافي پيتي ۽ ڪجھ وقت کان پوءِ هنن وڏي چاقوءَ سان چيتل جي کل لاٿي ۽ پوءِ سڄو ٻارڻائون ۽ ان مٿان گوشت جي سڄيءِ ڪيائون. رابرٽ وسڪيءَ جي بوتل کولي ۽ چار گلاس ڀريا. اُن وقت سج لهي ويو هو. ۽ شفق جا پاڇاوان پاڻيءَ تي پئجي رهيا هئا، سامهون نؤڪاتي ملاح قبلہ رو ٿي نماز پڙهي رهيو هو. منهنجي مذهب ۾ تہ ڪائي دلچسپي ناهي، پر اُن وقت ٻن جي پر اسرار خاموشيءَ ۾ هڪ اجنبي انسان جو، هڪ زياده اجنبي هستيءَ اڳيان سجدو ڏسي، منهنجو روح نهايت بيچين ٿي ويو. مون بيچينيءَ کي

لنوائڻ لاءِ وسڪيءَ جو پورو گلاس ڳيت ڏيئي پيئي ڇڏيو، ۽ رابرٽ سان ڳالهائڻ لڳس. مڇ تي سيخ ڦيري رهي هئي ۽ چيتل جي گوشت مان رس باهه تي ٽپڪي سيسرات تي پريا. مون سوچيو ته معلوم نه آهي ته هن جي جوڙيءَ وارو پيو چيتل ڪٿي آهي! معلوم نه آهي ته ان کي هن جي غير موجودگيءَ جو احساس ٿيندو هوندو يا نه! جانورن جي پيار ۾ ته انسان جي پيار کان به زياده نفاست ۽ قربت جو احساس ٿيندو آهي! هو منهن منهن سان ملائي هڪبئي تي ڳات رکندا آهن.. هڪبئي کي چٽيندا آهن! جيتري اڪنڊ ۽ اڪير ڪبوتر جي ڪبوتريءَ سان پيار ۾ هوندي آهي، اوتري شايد ئي ڪنهن مرد جي محبت ۾ هجي! مون حوص فقط انسان ۾ ڏٺو آهي. جانورن ۾ حوص ۽ محبت ٻيئي رلمل هوندا آهن. ڇا اها تن جي تنوار هڪ جانور کي ٻئي جي عدم موجودگيءَ جو احساس نه ڏياريندي هوندي! انسان ڪهڙو نه ظالم ۽ جاهل آهي، پنهنجي پيٽ جي دوزخ پرڻ لاءِ ڪنهن ڪنهن جو ساهه نٿو وٺي! اوچتو منهنجو ڌيان انهيءَ عرب فلسفيءَ، ابوالعلي معريءَ ڏي ويو، جو ڪوئي گوشت نه کائيندو هو. بربريت جي اونداهيءَ تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪوئي ستارو چمڪندو آهي، جنهن جي وجود جا سبب انساني ذهن ڏيئي نٿو سگهي.

”ڪوي، مان هن چيتل جو گوشت نه کائيندس،“ رينوءَ مڇ کان منهن موڙي چيو.

”ڪوي! هي وسڪيءَ جو آڌيو ۽ پنير جو ڏٻو ڪڻ ته اسان هن سڙندڙ گوشت جي بوءِ کان پري هلي ويهون.“

مون وسڪي ۽ پنير کنيو. اسان ٻيئي رابرٽ ۽ رقيہ جي نفرت آميز حيرت کان ٻه سؤ گام دور وڃي ويناسين. مون پنير جو ڏٻو کولي رينوءَ ڏانهن وڌايو، پر هن ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيو، ۽

Scanned with CamScanner

گلاس ۾ بچيل وسڪي هڪ ڍُڪ سان پي ويئي.

”ڪوي“، رينوءَ ڪجهه نشيآلود آواز ۾ چيو، ”ڪوي! مون کي ائين نظر ٿي آيو ته مهمتان تون سيخ ۾ پچي رهيو آهين.“ پوءِ هوءَ گاهه تي آهلي پيئي. مون ڪجهه پنير ڪاڏو ۽ ٻه گلاس وسڪيءَ جا پيا ٻه پيتا ۽ پوءِ هن کان ڪجهه فاصلي تي ليٽي پيس. آن وقت بن تي اوندهه ڇانئجي ويئي هئي. اسان جي پرسان هڪ بندوقچي ٻاهه ٻاري ويو هو، جنهن جون ڄڀيون ڪتيءَ جي الاءِ ڏانهن تي آڏائيون. بن ۾ ڪيئي چيتل ڪوڪون ڪري رهيا هئا، ۽ هر ڪوڪ منهنجي هيانوَ ۾ ڪوڪي وانگر ٿي ڪتي، جتي ڪنهن ازلي صليب تي ڪوئي نماڻو ٻات لڙيل هو.

رات جو سڀ وڇي لانڍ ۾ ستاسين. مون کي اڌ رات جو ڪجهه چرپر محسوس ٿي. مون ڏٺو ته رڇ رابرٽ جي آغوش ۾ پيئي هئي، ۽ رينو ڪئين جي دري کولي، ڊيڪ تي چڙهي رهي هئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ مان به ڊيڪ تي وڃي ويٺس. چوڌاري گهور اندارو هو ۽ بن جي گهري سانت. اسين ڪيتري دير اتي خاموش ويٺا هئاسين. اوچتو رينوءَ جو ننڍا ڪڙو آواز آيو، ”ڪوي، ڪهڙي نه پيانڪ رات آهي. مون کي ته ننڊ ڪانه ٿي اچي. ڪوي، پرهه ۾ ڪيتري دير آهي؟“

ڊيڪ تي تيز ۽ سرد هوا ٿي لڳي. آسمان تي جهڙ هو ۽ ڪوئي ستارو نظر نٿي آيو. منهنجي نظر اُفق در اُفق اوندهه ۾ گم ٿي ويئي، ۽ مون فقط هن جي وارن تي هٿ ڦيريو ۽ ڪوئي جواب نه ڏنو.

مون کي ائين محسوس ٿيو ته اها پيانڪ رات سدائين رهندي، پرهه ڪڏهن به نه ايندي، ڪڏهن به نه!

—تنهنجو پنهنجو

ڪئينس روڊ - سکر
١- جون ١٩٦١ع

ادا،

تو لکيو آهي تہ مان پنهنجي آتم-ڪهاڻي هاڻي نہ لکان ۽ ڪجهہ وقت ترسان. مان فقط اِهو ٿو سوچيان تہ پيرسنيءَ ۾ فڪر جي پختگي ۽ گهرائي تہ ملي ٿي، پر جذبات جي تازگي نٿي ملي؛ ان ڪري جيڪڏهن منهنجيءَ آتم-ڪهاڻيءَ ڪي ڪائي بہ اهميت آهي تہ آءٌ هاڻي لکان.

ان کان اڳ جو مان پوري ڪاڻ ڪونيان، تو ڪي ڪجهہ ستاڇريون ڪنڪريون ۽ هيري-ڪٽيون موڪليان ٿو، ڏسي ٻڌاءِ تہ انهن ۾ ڪجهہ آملهہ بہ ٿي سگهي ٿو يا نہ!

منهنجي هڪ ماسي هئي، جنهن جي ٻانهن تونڻ وتان ڪپيل هئي. هوءَ ننڍي هوندي کنهن ڪتر جي مشين وٽ تي ڪيڏي، تہ هن جي سڄي ٻانهن مشين ۾ اچي تونڻ وتان ڪپجي ويئي. هن کي گهايل هرڻيءَ جهڙيون ڳهريون، حسرت آميز اکيون هيون، ۽ هن جي جسم ۾ ڪوريءَ ڪينگريءَ جهڙي خوشبوءِ هوندي هئي. مون اهڙي خوبصورت عورت زندگيءَ ۾ نہ ڏٺي آهي. جڏهن هوءَ ڪبيءَ ٻانهن سان ڦلڪو ويليندي هئي، تہ منهنجون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ايندڙيون هيون.

هڪ دفعي منهنجي ڪنهن مائٽ کي ڇتي ڪتي چڪ پاتو ۽ چڪ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ، هو ڇيتون ڪرڻ لڳو ۽

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

ٻانهيءَ ۾ ڪتريون ڏسڻ لڳو. منهنجو پيءُ هن ڪان پڇڻ لاءِ مون کي ساڻ وٺي هليو. هن جي زال اوچنگارون ڏيئي روئي رهي هئي ۽ سيني کي هڻ جي دردناڪ خانت ڏسي ڏک ٿي ٿيو، ڇو ته هئُو ٻاڙي ۾ سيني ڪان زياده سگهو ۽ سهڻو جوان هو، ۽ سيني کي پڪ هئي ته هو نه بچندو. منهنجي پيءُ هن جي زال کي آٿت ڏيندي چيو، "ڌيءَ، صبر ڪر! خدا جي مرضيءَ ڪان سواءِ پن به نٿو چري. خدا چاهيندو ته هي خوش ٿي پوندو."

ٻئي ڏينهن هو مري ويو. جڏهن منهنجو پيءُ هن جي جنازي نماز تان موٽيو، تڏهن مون هن کان پڇيو، "بابا، اها خدا جي مرضي هئي ته هن کي ڇتو ڪتو چڪ پائي؟"

"ها پٽ، خدا جي مرضيءَ ڪان سواءِ پن به نه چُرندو آهي."

"بابا، اها به خدا جي مرضي هئي ته ماسيءَ جي ٻانهن ڪتر جي مشين ۾ ڪچجي ويئي؟"

بابا مون کي غور سان ڏسندي چيو، "ها پٽ! اِها به خدا جي مرضي هئي."

"بابا، خدا جي مرضي ائين ڇو هئي؟ جي ماسيءَ جي ٻانهن نه ڪچجي ها ته خدا جو ڪهڙو نقصان ٿئي ها!"

بابا جهڪي مون کي مٿي تي چمي ڏني، ۽ ڪوئي جواب نه ڏنو.

اسان جي ٻاڙي ڪان ڪجهه پنڌ تي هڪ باغ ۾ ڪوهه هو. ڪڏهن ڪڏهن منهنجو پيءُ ان باغ ۾ ويندو هو. هڪ دفعي، بابا نيسر هيٺان وهنجي رهيو هو ۽ مان هڪ پکيئڙي کي ڏسي رهيو هوس، جو زيتون جي وڻ تي ٽِڪلو ٽِڪلو ڪري رهيو هو. پريان باغائيءَ جهارِ هڪلي ڪانيائيءَ سان وڻ ڏانهن

ڳوڙها ٿي هنيا. اوچتو هڪ ڳوڙهو ان ٻڪيٽڙي کي لڳو ۽ هو ون تان ڦهڪو ڪري ڌرتيءَ تي ڪري پيو. مون ان کي هٿ ۾ کڻي ڏٺو ته هو چريو پريو ٿي. مون بابا جي پرسان وڃي هن کان پڇيو.

”بابا، هي ٻولي ڇو ٿو؟“

”پٽ، هي مري ويو آهي.“

”بابا، هي مري ڪيڏانهن ويو آهي؟“

”پٽ، اها ڪنهن کي به ڄاڻ نه آهي ته ڪوئي مري ڪيڏانهن ويندو آهي.“

روز لڙيءَ اڌ رات مهل هڪڙو فقير اسان جي در تي اچي سڻن هڻندو هو ۽ سرندو هلائي ڪائي ڪافي ڳائيندو هو. مان هن جو ايترو ته عادي ٿي ويو هوس، جو مون کي هن جو آواز ٻڌي يڪدم جاڳ ٿيندي هئي ۽ کهڙي به ولهه وسندي هئي، مان هن کي رات جا بچيل ڄانور ۽ به پيسا ڏيئي، ڪيتري وقت تائين هن جو سرندو ۽ ڪافي ٻڌندو هوس.

هڪ رات هو نه آيو. مون کي ڪتن جي ڀونڪ تي جاڳ ٿي، ته ان وقت جهونجهڪڙو هو. مان هنڌ مان اٿي ٻاهر آيس ته ڪوئي نظر نه آيو. ان وقت لُري تي لڳي ۽ مون کي ڏاڍو سيٽاندو ٿي ٿيو، پر ان هوندي به مان باک ڦٽيءَ تائين اتي بيٺو رهيس، جيستائين مون کي ماءُ سڏ ڪيا. تڏ لڳڻ سبب مون کي چار-پنج ڏينهن زڪام ۽ بخار رهيو پر بخار ۾ به مان لڙيءَ اڌ رات مهل اٿي فقير جي سڻن ۽ ساز جي آواز لاءِ ڪنائيندو هوس، پر فقير ڪونه آيو. نيٺ مون پيءُ کان پڇيو،

” بابا هاڻي فقير ڇو نٿو اچي؟“

” پٽ، سيلانيءَ جو ڪهڙو اعتبار آهي! ڪيڏانهن هليو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويو هوندو ."

" بابا، مون کي به اهڙو سرندو وٺي ڏي."

" ها پٽ، مان سياڻي توکي سرندو وٺي ڏيندس ."

" بابا، توکي اها ڪافي ايندي آهي، جا فقير ڳائيندو هو؟"

" نہ پٽ."

" بابا، اها ڪافي ڪنهن ٺاهي آهي؟"

" پٽ ڪنهن شاعر ٺاهي هوندي؟"

" بابا، شاعر ڪافي ڪيئن ٺاهيندو آهي؟"

" پٽ، پنهنجيءَ ذات سان ٺاهيندو آهي ."

" بابا، مون کي بہ ذات وٺي ڏي."

" پٽ، ذات وڪامندي نہ آهي. جنهن انسان کي خدا چاهيندو آهي ، ان کي ڏيندو آهي ."

" بابا، مون کي خدا کان ذات وٺي ڏي."

" ها پٽ، مان خدا کي چوندس ."

ٻئي ڏينهن تي بابا هڪ ننڍو سرندو بازار مان وٺي آيو ۽ مون کي ڏيئي چيائين -

" هان پٽ، هي سرندو!"

" بابا، خدا کان ذات ورتيئہ؟"

" پٽ، خدا وٽ ذات ڪجهي وٺي آهي ."

" نہ بابا، مون کي ڪيئن بہ ذات وٺي ڏي، مان ڪافي ٺاهيندس ."

" چڱو پٽ، مان وري دعا ٿو گهران تہ خدا توکي ذات ڏئي ۽ تون ڪيئن ڪافيون ٺاهي سگهين."

قولنات جوڳيءَ جي بابا سان ڏاڍي آڪير هوندي هئي . هن کي هندو ديوسالا جون هزارين ڪٿائون اينديون هيون .

Scanned with CamScanner

ويد، اُپنشد، رامائڻ، مهاڀارت وغيره هن کي ڄڀَ‌ءِ طرح ياد هوندا هئا ۽ هوءَ انهن مان ڪهاڻيون چونڊي، مون کي سنسڪرت آميز سنڌيءَ ۾ ٻڌائيندو هو. جيڪڏهن هن کي ڪائي موزون ڪهاڻي ياد نہ ايندي هئي، تہ هو ڪائي بہ ڪهاڻي ان وقت گهڙي ٻڌائيندو هو. هڪ رات هن مون کي چيو، ”ڪالهہ مون توکي ڪوي ڪاليداس ۽ وڪرم اُروسيءَ جي پوري ڪهاڻي ٻڌائي آهي. اڄ مون کي ڪائي ڪهاڻي ياد نٿي اچي.“ مون ضد ڪيو تہ هو مون کي ڪويءَ جي ئي ڪائي ڪهاڻي ٻڌائي. پوءِ هن مون کي هڪ من-گهڙت ڪهاڻي ٻڌائي هئي. (جو تہ اِها ڪهاڻي مون کي هندو ديو-مالا ۾ اڃا ڪٿي بہ نہ ملي آهي.) ۽ اِها ڪهاڻي پنهنجي عجيب غريب نوعيت سبب مون کي اڃا تائين ياد آهي.

”— چنڊ کي پهريون مانش ديهہ هئي. هو ڪوي هو ۽ پرش ۽ پرڪرتيءَ جي باري ۾ ڪيئي ڪوتائون چيون هيائين. هڪ دفعي هو گنگانديءَ جي گهاٽ تي چاندوڪيءَ ۾ ويهي نهايت مڌر آواز ۾ پنهنجي ڪوتا ڳائي رهيو هو تہ اتان شِو ۽ پاربتي اچي لنگهيا. پاربتيءَ شِو کي چيو، ’ڪهڙو نہ مڌر آلاپ آهي. منهنجو وس پڄي تہ هن ڪويءَ کي امر ڪري ڇڏيان.‘ شِوَ جواب ڏنو، ’هي ڪوي فقط مڌر آلاپ نہ آهي، هن ۾ لوڀ ۽ اهنڪار آهي. ڪڏهن ڪڏهن هن جي آتما پوري آب تاب سان چمڪندي آهي تہ هي ڪوتا چئي سگهندو آهي، نہ تہ ڪڏهن هن جي آتما ٿورو چمڪندي آهي، ڪڏهن زياده، ۽ هن جو اڌو اڌ جيون پوري آنڌڪار ۾ گم هوندو آهي.‘ پاربتيءَ کي ان ڳالهہ تي ويساهہ نہ آيو، تہ شِو وڃي چنڊ کي چيو، ’اي ڪوي! مان هتان جو راجا آهيان. تون چوين تہ مان توکي راج-گديءَ تي ويهاريان ۽ توکي راج-مڪٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻھراڻيان ۽ دنيا جا سڀ ڀَدارٿ ڏيان، پر توکي ھڪ ڳالھہ مڃڻي پوندي!'

'ڪھڙي ڳالھہ؟'، چنڊ پڇيو.

' تون ان جي بدلي ۾ مون کي پنھنجي ڪويتا ڏيندين.'

'مون کي منظور آھي'، چنڊ چيو.

پاربتي اھو پڙدي اھڙو تہ ڪروڌ ۾ اچي ويئي، جو ھن کي سَراپ ڏنائين تہ ' اي ڪوڙا ڪوي! تون سرشتيءَ جي اَنت تائين آڪاش ۾ ڀٽڪندو وتندين ۽ سدائين پنھنجي اصلي روپ ۾ ھوندين ۽ ڪنھن کي بہ ڏِسجي نہ سگھندين.' ان ڪانڀ پوءِ ھو ڪوي، چنڊ جي روپ ۾ اڄ تائين آڪاش ۾ ڀٽڪندو رھيو آھي.''

اسان جي خواب گاھہ جي پٽ تي ھڪ عورت جي تصوير ٽنگيل ھوندي ھئي، جنھن جي صورت اڃا تائين مون کي ياد آھي. ھن جو وَن سانورو، اکيون اونھيون ۽ منھن سياجھڙو ھو ۽ ھن کي پيشانيءَ تي تلڪ ۽ ڪنن ۾ جھومڪ ھئا. ھڪ ڀيري مون پيءُ کان پڇيو-

"بابا، ھيءَ ڪير آھي؟"

"بابا، ھيءَ نيلم ٻائي آھي." ھو جواب ڏيئي، ڪنھن ٽپيءَ ۾ پئجي ويو.

"بابا، نيلم ٻائي ڪٿي رھندي آھي؟"

"بمبئيءَ ۾."

"ڪنھن جي زال آھي؟"

"ڪنھن جي بہ نہ."

"ڇا ڪندي آھي؟"

"نچندي آھي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”بابا، تو هن کي ڪڏهن نچندو ڏٺو آهي؟“

”ها، پٽ.“

”ڪيئن نچندي آهي، بابا؟“

”مور وانگر.“

”بابا، هن کي مور وانگر پر آهن؟“

”نہ پٽ، جي هن کي پر هجن ها، تہ هتي ضرور اڏامي اچي ها.“

”بابا، تون بمبئي ويو هئين؟“

”ها“

”اتي ڪيترو وقت رهيو هئين؟“

”ڏيڍ سال.“

”اتي چا ڪندو هئين، بابا!“

”نيلم جو ناچ ڏسندو هوس.“

”بابا، مون کي بہ نيلم جو ناچ ڏيکار!“

”پٽ، تون اڃا ننڍڙو آهين، جڏهن وڏو ٿئين تہ ڪيئي نيلم، پکراج، هيرا تنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ايندا. فقط انهن کي پريان چمڪندو ڏسجانءِ.“

اسان جي پاڙي ۾ هڪ واڻيو رهندو هو، جو ڇٻي ۾ ڪلفيون ۽ ميوو وڪڻندو هو. هو پيرسن هو پر هن کي هڪ خوبصورت قداور جوان زال هئي، جنهن جو نالو رڪمڻي هو. هڪ ڏينهن منهنجو پيءُ آرام ڪرسيءَ ۾ ليٽيو پيو هو ۽ سگريٽ پي رهيو هو تہ ڪجهہ پاڙي جا مسلمان هن وٽ دانهن ڪٺي آيا. انهن مان هڪ ڏاڙهيءَ وارو جو صوم و صلوات جو پابند هو، تنهن هن کي چيو، ”چاچا، هيءَ رڪمڻي روز سويري واڻيي سان سيروءَ واري کوهہ تي ملي ٿي ۽ رات جو بہ لڪي

Scanned with CamScanner

لڪي هن جي گهر وڃي ٿي . اسان هن کي ٻه-ٽي پيرا پڪڙيو آهي، پر پوءِ ٻه نٽي مڙي . هنن کي پاڙي مان ڪڍيو وڃي."

منهنجي پيءُ هن کي گهُوري ڏٺو ۽ پوءِ چيو-

"رڪمڻي تنهنجي ماءُ آهي؟"

— چُپ!

"تنهنجي پيڻ آهي؟"

— چُپ!

"تنهنجي ڌيءَ آهي؟"

— چُپ!

"تون پنهنجو ڪم ڪر، تنهنجو رڪمڻيءَ سان ڇا!"

هو هليا ويا ته بابا مون کي چيو ته "رڪمڻيءَ کي سڏي آءُ."

هوءَ مون سان گڏجي آئي ۽ منهنجي پيءُ کي ڏسي، گهونگهٽ ڪجهه هيٺ ڇڪيائين . بابا هن کي چيو، "ڌيءَ، تنهنجو مڙس اڃا بيمار آهي ڇا؟"

"چاچا، ڏاڍو بيمار آهي، ڪنهن دوا دارونءَ جو اثر نه ٿو ٿئي، ڳري ڳري ڪنڊا ٿي ويو آهي."

"ڌيءَ، اوهان کي پيسي پائيءَ جي ضرورت ته نه آهي؟"

"چاچا، توکان ڪهڙو ڳجهه آهي، اڄڪلهه ته وڏ جي ستيءَ ڦڪيءَ لاءِ ٻه پيسو نه آهي."

بابا کيسي مان پنجاهه رپيا ڪڍي هن کي ڏنا، ۽ هن کي چيو-

"ڌيءَ، هي پيساوٽ. جڏهن تنهنجو مڙس خوش ٿي ڪمائي، تڏهن مون کي موٽائي ڏجانءِ."

هڪ دفعي شڪارپور جي جمّائي هال ۾ ڪوئي تقرير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري رهيو هو. هن جي تقرير ايتري ته موثر هئي، جو منهنجو هيانءُ ڀرجي آيو. اجا تقرير ڪري رهيو هو، ته ٻه پوليس وارا آيا، جي هن کي هٿڪڙي هڻي، ٺاڻي ڏانهن وٺي ويا.

مون پيءُ کان پڇيو، "بابا، هي ڪير هو؟"

"پٽ، هي ڪانگريسي هو."

"هن کي ڇو ٻڌو آٿائون."

"پٽ، هي حڪومت جي برخلاف پيو ڳالهائي."

" بابا، هي ڳالهائي ته ڏاڍو چڱو پيو، مون کي ته اکين ۾ ڳوڙها ٿي آيا. هن کي ڇو ٻڌائون؟"

" پٽ، جيڪڏهن ڪوئي به حڪومت جي خلاف ڳالهائيندو آهي، ته حڪومت کي اها ڳالهه نه وڻندي آهي."

" حڪومت کي اها ڳالهه ڇو نه وڻندي آهي، بابا!"

" بس، نه وڻندي آهي."

" بابا، منهنجو وس پڄي ته هن پوليس واري کي ڪنچو ڪاٺي ڇڏيان."

بابا زندگيءَ جا پويان ٻه سال مسلسل بيماريءَ ۾ گذاريا ۽ ڪنهن ذريعي معاش نه هئڻ سبب ڪافي تنگ دست هو. هڪ ڏينهن هو مون سان گڏجي ڊاڪٽر وٽ هليو، جو هن جو شروع کان علاج ڪندو هو. هن ڪمپائونڊر کان اڳيون پرچو وٺي، ڊاڪٽر کي هفتي جي دوا لاءِ چيو. ڊاڪٽر، پنهنجي نڪ تي رکيل عينڪ مٿان گهوري، هن کي چيو، " شيخ صاحب، اوهان ڏانهن ڪيتري وقت کان سٺ رپيا رهيل آهن؛ پهرين اهي ڏيو، پوءِ ٻي دوا وٺو."

" مون کي هن وقت پيسو ڪونه آهي پر ٿوري وقت ۾ اوهان جو سمورو بل ادا ڪندس. اوهان دوا حالي ڏيو،" بابا

soomhsindhiaded

Scanned with CamScanner

ڇهيئي آواز ۾ جواب ڏنو.

” بل قيامت ۾ ادا ڪندا ڇا؟“ ڊاڪٽر ڪهرائپ سان چيو. بابا جو منهن ٿامڙي هڻي ويو. هن ڪوئي جواب نہ ڏنو ۽ دوا جي خالي شيشي هٿ ۾ کڻي اسپتال مان نڪري آيو. مون رستي تي هن کان پڇيو، ” بابا، ڊاڪٽر هوندي ہ ائين ڪونہ ڳالهائيندو هو.“

” پٽ، پيسي کان سوا هرڪوئي ائين ڳالهائيندو آهي.“

” بابا، تو ڊاڪٽر کي اها شيشي مٿي تي ڇونہ هنئين.“

هن رحم سان مون ڏانهن ڏٺو ۽ منهنجي مٿي تي هٿ گهمائي چيائين، ” پٽ، انسان ڪنهن جو مٿو ڦاڙي، ڪنهن جو ڦاڙيندو!“

” بابا، جي وري هن توسان ڪنهن ائين ڳالهايو تہ مان هن کي ..... مان هن کي .....“ منهنجون مُٺيون پيڪوڙجي ويون ۽ نڙيءَ ۾ سُڏڪا اَٽڪي پيا.

ادا، اهڙا هزارين واقعا آهن جي ظاهري طرح تہ اَهم نہ آهن، پر انهن غير شعوري طرح منهنجيءَ زندگيءَ ۽ شاعريءَ تي گهرو اثر ڪيو آهي. چاهيان ٿو تہ اهي واقعا سمويان ۽ انهن مان انهيءَ انسان جي تصوير اُجاگر ڪيان، جنهن جي شاعري، نہ فقط سياست، سماج، مذهب ۽ ادب، پر پنهنجي دور جي هر قدر سان بغاوت ڪئي آهي. بهتر ٿيندو تہ پهرين انهيءَ ڪوشش جي باري ۾ تنهنجو رايو ڏسان.

—تنهنجو پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سکر - - ۱۹۰۰ع

ادا،

تنهنجو خط پهتو. خط جي بلڪل توقع نه هئي. اڳ سمجهندو هوس ته اڻڄاتو، اڻڳاتو مري ويندس؛ پر هاڻ ته دوستن ايتري حوصلہ‌افزائي ڪئي آهي، جو دماغ جو توازن سنڀالڻ مشڪل ٿي پيو آهي. تو منهنجي زندگيءَ ۽ شخصيت جي باري ۾ وڌاءَ کان ڪم ورتو آهي، ممڪن آهي ته تنهنجو خيال، منهنجي ادب ۽ آرٽ جي باري ۾، صحيح هجي. ڪيئن به هجي، پر مان تنهنجي ايتريءَ قدرشناسيءَ ۽ محبت لاءِ احسانمند آهيان.

منهنجي زندگي ۽ شخصيت ايتريءَ محبت جي لائق نه آهي. ڪنهن به انسان کي ان جي اَدبي تخليق مان پرکڻ ۽ پرجهڻ نهايت غلط آهي. منهنجي نظر ۾، آرٽ ۽ ادب "حسن جي تلاش" آهي — ڪڏهن اديب جي ماحول ۾، ڪڏهن سندس ذاتي جذبات ۽ احساسات ۾. اهو لازمي نه آهي ته هر شاعر جي زندگي به ايتري حسين هجي، جيترو سندس شعر. ڪيترا شاعر پنهنجي زندگيءَ جي قباحت کان ڀڄي، شعروشاعريءَ جي حسين دنيا ۾ پناهه وٺندا آهن. باقي ائين برابر آهي ته شاعر جي اک ۽ دل ٻين انسانن جي اکين ۽ دلين کان مختلف آهي. هُو پنهنجي ماحول ۽ روح ۾ جي ڳالهيون محسوس ڪري سگهي ٿو، سي ٻين جي احساس کان مٿيريون آهن، ۽ جنهن طرح هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن ڳالهين کي لفظن جو جامو پهرائي سگهي ٿو، اِن طرح پيو ڪوبہ انسان نٿو ڪري سگهي .

اِن ڪري ائين بهتر آهي تہ تون منهنجيءَ تخليق کي ڏس. جي منهنجو شعر پڙهندي توکي سچ پچ ائين محسوس ٿيو آهي تہ بيخوديءَ جي عالم ۾ مون اَزلي حسن جون ڪجھ جهلڪيون جهٽي ورتيون آهن ، جي سچ پچ توکي ائين لڳو آهي تہ منهنجو آرٽ سچائيءَ ۽ سونهن جي مسلسل جستجو آهي ، تہ مون لاءِ اهو ڪافي آهي . ۽ منهنجي زندگيءَ جي ڄاڻ تو لاءِ ضروري نہ آهي . منهنجي زندگي هڪ ڪوڙي ڪهاڻي آهي ، آها ٻڌي ڇا ڪندين؟ منهنجي گهڙي گهڙي فريب آهي ، پل پل دوکو آهي . مان ساري عمر رڃ پنيان ڀٽڪيو آهيان ، ڪڏهن بہ اَڃ نہ لٿي اٿم . شايد باقي زندگي بہ ڀِٽن ۾ ڀٽڪندي گذرندي. توکي ان سَراب کي سمجهڻ جو سوداءُ ڇو ٿيو آهي.

شعر ، جي واقعي شعر آهي، تہ اهو حسن جي بيپناهہ بارش آهي . تون ان مان پياس ٻجهائي سگهين ٿو. مان ڳائڻ مهل خالق آهيان، جيئڻ مهل مخلوق آهيان. بهتر آهي تہ تون منهنجيءَ تخليق کي ڏس— مون ۾ ڇا رکيو آهي!

—تنهنجو پنهنجو

●

سکر -- ١٩٥٥

ادا ،

تو پنهنجي خط ۾ عجيب تقاضا ڪئي آهي تہ مان توکي چانڊوڪيءَ ۾ ويهي خط لکان . توکي شايد خبر نہ آهي تہ مون کي چانڊوڪيءَ کان چڙ آهي . چانڊوڪي منهنجي نيڻن کان ننڊڙي کسي وٺندي آهي ، ۽ مان راتين جون راتيون چنڊ پنيان ڇارا رلندو وتندو آهيان. توکي شايد خبر نہ آهي تہ چنڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ننڍ اصل جا ويري آهن. چانڊوڪي اڪثرين ڪي اوجاڳا ڏيندي آهي، دلين جا ڏڪڙا ڏڪائيندي آهي. مان ڪيئي راتيون نور پريءَ نيراڻ ۾ نهاريندو رهيو آهيان — ڪيئي پيرا سنسار جي سيني ۾ گهمُوري ڏنو اٿم. چانڊوڪيءَ ۾ مون کي هيءَ ڪائنات ڪنهن ڪوريئڙي جو مهاڄار لڳندي آهي، جنهن ۾ انسان ڪنهن جيتڙي وانگر ڦاسندو، ڦٿڪندو نظر ايندو آهي. چنڊ آسمان ۾ ائين هلندو نظر ايندو آهي، گويا ڪيس ڪوئي ڪُنڊي وجهي، ڪنهن اَزلي منزل ڏانهن ڇڪي رهيو آهي — مان به پنهنجيءَ منزل جي تلاش ۾ هن جي پٺيان ڪيئي منزلون طيءِ ڪري ويندو آهيان. ساري رات انهيءَ سفر ۾ طيءِ ٿيندي آهي، ۽ منهنجن ڇپرن جي ڇانوَ ۾ پرهه ڪٽر موڙيندي نظر ايندي آهي.

ادڙا، چنڊ مون کي ڪائنات جي اَزلي اَک وانگر لڳندو آهي، جا مون ڏانهن گهوريندي رهندي آهي، ۽ مان پنهنجي خوف ۾ تارن پرين راتڙين جو سهارو وٺندو آهيان. اڄ به اُنتيهين اونداهي آهي ۽ مان توکي بتيءَ جي ڏيميءَ جوت ۾ هيءُ خط لکي رهيو آهيان. شايد تنهنجي زندگيءَ ۾ مان پهريون شاعر آهيان، جنهن کي چانڊوڪيءَ ڪان چڙ آهي. پر، ان هوندي به منهنجي شاعريءَ ۾ هر جڳهه چانڊوڪيءَ جو ذڪر آهي! ڇو؟ شايد مون کي چانڊوڪي بيحد پياري آهي! شايد چانڊوڪيءَ ۽ ننڊ ۾ رقابت جو جذبو آهي — تنهنڪري! ادڙا، مان هڪ خستہ تن ۽ خستہ دل انسان آهيان: مون کي ننڊڙي وڏيڪ پياري آهي — مون کي ننڊڙي وڏيڪ پياري آهي: مون کي چانڊوڪي نہ گهرجي — مون کي روشني نہ گهرجي!

— تنهنجو پنهنجو

●

مڪر-- ١٩٥٠ع

ادا،

هاڻي معاشي مصروفيتن ’مان مس مس فراغت ملي آهي، سارو ڏينهن زندگيءَ جوڳاهه ڳاهي آيو آهيان. نس نس ٽٽي رهي آهي. معلوم نه آهي ته سارو ڏينهن ڪير ڳرڪائي ويو! وقت، هن ماحول ۾ ڪنهن اَزلي ديوَ وانگر ٿو لڳي. هيئنر شام، چانهه وانگر نيرا نيرا پَرَ پکيڙيا آهن. چانهه، اسان جي تَرَ جو مشهور پکي آهي، ۽ ان متعلق ڏند-ڪٿا آهي ته هو هميشه ڪنهن پارس جي تلاش ۾ هوندي آهي. مان جڏهن به شام کي چانهه سان تشبيهه ڏيندو آهيان، ته نه فقط ان جي اڪيلائيءَ جو احساس ۽ نيراڻ مائل رنگ ذهن ۾ هوندو اٿم، پر مان محسوس ڪندو آهيان ته منهنجي هر شام به ڪنهن پارس جي تلاش ۾ هوندي آهي— ڪنهن نامعلوم، نارَسا هستيءَ جي جستجو ۾، جا منهنجي ساهه کي سارو سون ڪري سگهندي!

اها جستجو ئي منهنجو مذهب آهي. وهمن وسوسن ۾ ويڙهيل مذهب، منهنجي لاءِ من-گهڙت، جڙتو ڪهاڻيون آهن. فرقه بندين ۽ ظاهرداريون مون لاءِ خود فريبيءَ ۽ خدا فريبيءَ کان گهٽ نه آهن. خشڪ اخلاقيات جي ڳالهه منهنجن چپن تي هڪ شرارت ڀري مرڪ آڻيندي آهي. بهشت دوزخ، گناهه ثواب، حرام حلال جي بحث تي ئي مون کي کِل ايندي آهي— کل، جا مرڪ ۾ اُسرندي، ٽهڪ ۾ ڦهلندي، ۽ ساريءَ ڪائنات کي وڻ-ويڙهيءَ وانگر وچڙندي ويندي آهي؛ ۽ پوءِ ڪائنات هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين گونجندي رهندي آهي: منهنجا ٽهڪ زمان ۽ مڪان جي سرحدن تي وڃي پهچندا آهن، ۽ منهنجا اَزلي سوال آسمان کان ڪنوڻين وانگر ڪلندي پڇندا آهن، ”اي راز اَزل! مون تنهنجي پراسرار هستي، جُرندي پرندي

محسوس ڪئي آهي. مون توکي مکڙين جي خوشبوءِ ۾ سُنگهيو آهي؛ چنگ جي آواز ۾ ٻڌو آهي؛ شفق جي ڀنل رنگن ۾ ڏٺو آهي؛ معصوم حسينائن جي ملائم ڳلن ۾ ڇهيو آهي؛ شراب جي ڪوزيءَ ڳيت ۾ چکيو آهي. اي راز ازل! تنهنجو احساس منهنجي وجود جي معنيٰ آهي، ۽ تنهنجو وجود مون لاءِ معنيٰ جو احساس آهي. هي منهنجا همذات، هي انسان، توکي ڇو نٿا محسوس ڪن! هنن کي ڪير ٿو برغلائي؟ هيءُ ڪوڙين ڪهاڻين جو تاجي-پيٽو ڪنهن ٺاهيو آهي، جن ۾ هنن جو ذهن منجهيو پيو آهي؟ هي اٿواقف مون کي پنهنجي واقف سان واقفيت ڪرائي رهيا آهن! اي راز ازل! تون ڪيترو نه حسين آهين، پر هن انسانن، جو جامو توکي پهرايو آهي، تنهن ۾ ڪيترو نه قبيح ٿو لڳين! اي راز ازل! تنهنجي ڪنواري، بي نقاب صورت ئي حسن ۽ حق جي معياري پسند آهي.“ ۽ پوءِ ٺهڪ جهڪا ۽ ٿڪا ٿيندا ويندا آهن، منهنجي منهن تان مرڪ گم ٿيندي ويندي آهي ۽ منهنجو سر جهڪي ويندو آهي؛ تاهم تاهم ڳوڙها منهنجين اکين مان وهندا آهن، ۽ مان هڪ گهڙيءَ ۾ ساريءَ انسان ذات واسطي صدين جي عبادت ڪري ڇڏيندو آهيان. منهنجا منڙا پاءُ، اهو آهي منهنجو مذهب جنهن جي ڄاڻ لاءِ توکي ايتري چورا ڪورا هئي، ۽ جنهن لاءِ بار بار تو پنهنجي گذريل خطن ۾ لکيو هو. انهيءَ ئي منهنجي شاعريءَ کي جرڪايو آهي، انهيءَ جي ئي ڪري مان پاڻ کي ماڻهوئڙن جي ميڙ ۾ اڪيلو پائيندو آهيان، ۽ اڪيلائيءَ ۾ پاڻ کي ساريءَ مخلوق سان گڏ پرستش ڪندو ڏسندو آهيان. ان منهنجي مذهب جا نبي يا ولي، اوتار يا رشي ڪونه آهن؛ ان جا مصحف ڪتاب، پوٿيون پستڪ ڪونه آهن: اهو فقط ڀڻ جهاتين، ڀڻ جهلڪن تي بٽيل آهي—شايد تون سمجهي سگهين ته هر جهاتيءَ

۽ جهلڪ ۾ ڪائنات جو ڪهڙو راز آهي!

ـــ تنهنجو پنهنجو

•

ـمکر-- ۱۹۰۰ع

ادا،

تنهنجو خط پهتو. تو لکيو آهي ته تون منهنجي ۽ منهنجي شعر جي شخصي زندگي جاڻڻ ٿو چاهين. تو پڇيو آهي ته مان گوناگون مصروفتين هوندي شعر ڪهڙي وقت ٿو لکان، ۽ هر شعر لکڻ وقت منهنجن جذبن ۽ احساسن جي ڪهڙي حالت آهي؟ عشقيه ڪلام لکڻ وقت منهنجي تصور ۾ ڪي خاص شخصيتون هونديون آهن ڇا؟ مان شعر موقعي تي في‌البديهه چوندو آهيان، يا پوء گذشته حالات جي تصور کان متاثر ٿي چوندو آهيان؟ ڪهڙن ڪهڙن شاعرن جي ڪلام منهنجي شاعريءَ تي اثر وڌو آهي؟ منهنجي شاعريءَ ۾، هر صنف سخن سان بيوفائي ڇو آهي؟ ۽ آخري سوال ـــ جو سڀ کان ڏکيو آهي ـــ ته مان شعر چوندو ڇو آهيان؟

مان پانيان ته پوئين سوال جو جواب اول ڏيان ته بهتر ٿيندو. مان شعر ڇو چوندو آهيان ۽ مان زنده ڇو آهيان: انهن پنهي سوالن ۾ ڪوئي خاص فرق نه آهي. پيئي لازم ملزوم آهن. مان زنده آهيان تنهنڪري شعر چوندو آهيان، ۽ مان شعر چوندو آهيان تنهنڪري زنده آهيان. هر انسان کي پنهنجي معاش مهيا ڪرڻ واسطي محنت لازمي آهي: شعر و ادب جي تخليق تي به محنت ڪئي ٿي وڃي، پر شعر و ادب کي هن ماحول ۾ ذريعهٔ معاش بنائڻ ذري گهٽ ناممڪن آهي. ان ڪري مون قانون کي ذريعهٔ معاش بڻايو آهي. قانون جو مطالعو پنهنجي جاء تي دلچسپيءَ کان خالي نه آهي، پر منهنجو فطري لڳاءُ

شاعريءَ سان آهي. مان محسوس ڪندو آهيان ته قدرت مون کي انساني جامي ۾ آندو ئي ان واسطي آهي ته مان پنهنجا پراوا ڏکڙا ڳايان، ڳوڙهن کي ڳالهڙين ۾ ڦيرايان، ٻوليءَ جي ڦلواڙيءَ مان رنگ‌برنگي گل چونڊي، گلدستا ٺاهيان، ۽ گلدان سجايان! گيت ئي منهنجي جيت آهن: انهن کان سواءِ منهنجي زندگي هار آهي— انهن کان سواءِ منهنجي زندگي بي معنيٰ آهي— انهن کان سواءِ مان انهيءَ سوال کان ڪڏهين به پيڇو نه ڇڏائي سگهندس ته مان زنده ڇو آهيان؟

باقي سوالن جو جواب آسان آهي. مون ڪڏهين به پنو پينسل کڻي، شعر لکڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. شايد هاڻي ان واسطي فرصت به نه آهي. مان شعر ڪڏهن ڪڏهن چوندو آهيان. بعضي بعضي ته ٻه-ٻه، ٽي-ٽي سال هڪ سٽ به نه چوندو آهيان، ۽ پوءِ جڏهن طبيعت مائل ٿيندي آهي، ته منهنجي روح ۾ ڪوئي درياءُ اٿلي ايندو آهي ۽ گهمندي ڦرندي منهنجي ذهن ۾ سوين سٽون جڙي ويندي آهن. لفظ ستارن وانگر منهنجيءَ دل جي اکين اڳيان ايندا آهن، ۽ مان اهي ستارا چونڊي، ڪهڪشائون ٺاهيندو ويندو آهيان. ان وقت مان بلڪل وائڙو لڳندو آهيان؛ ڪيئي واقف رستي تي ملندا آهن، پر مان انهن کي بلڪل سڃاڻڻ کان سواءِ سندن ڀرسان لنگهي ويندو آهيان. گويا جسماني اکيون کليل هونديون آهن، پر ڏسنديون ڪجهه به نه آهن؛ باقي منهنجون روحاني اکيون ٻوٽن وانگر ٻوليءَ جي گلزاريءَ ۾ ڦرنديون وتنديون آهن، ۽ مان مکڙيون ۽ ماڪ ميڙيندو وتندو آهيان. منهنجا ادا، ان طرح رستي ويندي مون ڪيئي بيت، گيت، غزل ۽ نظم جوڙيا آهن، جي مهينن جا مهينا منهنجي حافظي جي خزاني ۾ موتين وانگر جرڪندا رهندا آهن، ۽ فرصت وقت انهن کي لکي

Scanned with CamScanner

ڇڏيندو آهيان. جنهن وقت شعر ڏانهن طبيعت مائل هوندي آهي، تہ مان محسوس ڪندو آهيان تہ منهنجي روح ۾ چانڊوڪي وسي رهي آهي؛ مان خاڪ ۽ خون مان ٺهيل انسان نہ آهيان؛ مون ۾ فطري ڪمزوريون ۽ ڪچايون نہ آهن؛ مون کي ذريعہ معاش لاءِ ڪائي محنت ڪرڻي نہ آهي: مان فقط محسوس ڪندو آهيان تہ مان لفظن جو صراف آهيان؛ مان انهن کي صاف ڪري، ڇلي، گهڙي، ادبي زيور ٺاهي رهيو آهيان. ان وقت منهنجي جندڙي - جنهن کي هوندي تہ سازگار ماحول بلڪل نستو ۽ اُپاڻڪو بنائي ڇڏيندو آهي - آتاهم خوشيءَ سان موجون ماريندي آهي، ۽ مان پاڻ کي نهايت خوش‌نصيب انسان سمجهندو آهيان. اهو جنون، اهو شاعريءَ ڏانهن لنءُ لنءُ جو لاڙو مهينو ٻہ هلندو آهي، ۽ پوءِ چانڊوڪيءَ ۾ چڙهيل وير وانگر هٽندو ويندو آهي، ڇوليون ڇڙ ۾ بدلبيون وينديون آهن ۽ جڏهن روح بلڪل ماٺو ٿي ويندو آهي، تہ مان دنيائي ڪاروبار ۾ مشغول ٿي ويندو آهيان - ايتريقدر جو شايد ڪوئي سمجهي سگهندو هجي تہ هيءُ قانوني مهاڇار ۾ ڦاٿل انسان ڪو شاعر بہ آهي! سو اڏڙا، منهنجي روح جو پڪيڙو تمام ٿورو وقت انهن اَزلي آکيرن ۾ گهاريندو آهي - سندس باقي سارو وقت پڃري ۾ ٻلندي گذرندو آهي. شايد هيٺيان ٻہ بيت منهنجي انهيءَ قلبي واردات جو اظهار آهن:

"پڃري ۾ پاڇا پيا، چمڪي ٿي چوڏس،
پکيڙا پرُوس، ڦٿڪڻ لڳا ڦند ۾."
"پڃري ۾ پيهي، آلي بوءِ بسنت جي،
ٻڪي پرڏيهي، پرڙا پتوڙڻ لڳا."

عشقيہ ڪلام لکڻ وقت، منهنجي ذهن ۾ ڪي خاص شخصيتون هونديون آهن ڇا؟ اهو سوال منهنجي شخصي

زندگيءَ سان تعلق ٿو رکي: پر مان، بنان تفصيل ۾ وڃڻ جي، تنهنجي حيرت مٽائي ٿو سگهان. ادا، اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي ته "محبت گناهه نه آهي". محبت، جسماني خواهه روحاني، شرعي خواهه غير شرعي، منهنجي نظر ۾ عبادت جو درجو رکي ٿي. هر انسان جي زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا انسان اچن ٿا، جن سان هو محبت ڪري ٿو. منهنجي زندگيءَ ۾ به ڪي اهڙا انسان آيا آهن، ۽ عشقيه ڪلام چوڻ وقت منهنجي روح تي به ڪنهن نه ڪنهن پرينءَ جا پاڇا ضرور پوندا آهن. سنڌ جي جاگيرداري زميندارِي دور جو ماحول، مشرق جو وهمن ۾ ويڙهيل جنسي اخلاق جو تصور، مجبور ٿو ڪري ته زندگيءَ ۾ انهيءَ واردات تي پردو پيل رهي، جا منهنجي عشقيه شاعريءَ جي محرڪ آهي. منهنجي "محبت" سان وفا آهي: "وفا" سان محبت نه آهي. ان جو تفصيل شايد تنهنجي حساس طبيعت کي ڪجهه ڀاري لڳي، ان ڪري ان متعلق ڪجهه زياده نٿو لکان.

مان موقعي تي شعر بلڪل ورلي چوندو آهيان. منهنجو ان نظريي سان اتفاق آهي ته "شعر اطمينان ڀريل خاموشيءَ ۾ ياد آيل جذبات جو اظهار آهي." پر مان راتين جو رولاڪ آهيان، چانڊوڪين ۾ ڀٽڪندي ڀٽڪندي، ڪڏهن ڪڏهن منهنجو روح چڪورن سان چلولايون ڪندو آهي، ۽ ڪجهه شعر رات جي منظر متعلق جڙي ويندا آهن.

ڪهڙن ڪهڙن شاعرن جي ڪلام منهنجي شاعريءَ تي اثر وڌو آهي، ان جو جواب ڪافي لمبو آهي ۽ ٻئي خط ۾ ڏيندو سانءِ. باقي اهو سوال ته "تون ڪنهن به صنفِ سخن سان وفا ڇونه ڪئي آهي–" ٻيءَ طرح ساڳئي قسم جو سوال آهي ته "منهنجي فطرت جيئن آهي تيئن ڇو آهي!" ان جو جواب ته

ڪوئي نفسيات جو ماهر ئي ڏيئي ٿو سگهي. باقي اهو صحيح آهي ته مان ڪيئي نظم سانده لکندو آهيان، ته اهي مان دل کٽي ٿي پوندي آهي. ۽ ڪيترا سال انهن جو ٻيو ڇڏي ڏيندو آهيان، ۽ پوءِ غزل لکندو آهيان. ڪجهه وقت کان پوءِ غزل به نه آئڙندا آهن، ۽ گيت لکندو آهيان، ۽ نيٺ گيتن مان به ڪڪ ٿي پوندو آهيان، ۽ ڪيتريءَ مدت تائين شاعريءَ کان ئي روح پلجي ويندو آهي. اڄڪلهه بيت لکي رهيو آهيان. ”بيت“ ۾ اسان جي ذات جي يگانگت آهي. ان ۾ اها تخليقي انفراديت آهي جا گيت، غزل ۽ نظم ۾ نه آهي. بيت، پنهنجن مختلف نمونن ۾، سنڌي شاعر جي جذبات، خيالات ۽ احساسات جو بهترين آئينه دار آهي ۽ سندس موجوده شڪل به سرزمين سنڌ جي ئي تخليق آهي.

هاڻي رات ڙي پيني آهي. آسمان ۾ قطب تارو گهوري رهيو آهي: گويا ڪيس تعجب آهي ته هي سودائي ابن آدم ڇا ڪري رهيو آهي. ساري ڪائنات ڪنهن راڳ سان گونجي رهي آهي، جنهن کي ستارن جو ساهه سانت ۾ سڻي رهيو آهي. مان به انهيءَ راڳ جي لهرين ۾ لڙهي رهيو آهيان. اوجاڳو اکڙين کي چميون ڏيئي موڪلائي رهيو آهي. ننڊڙي پنهنجي گودڙيءَ ۾ جذبن ۽ احساسن کي ويڙهيندي ٿي وڃي. چڱو خدا حافظ!

— تنهنجو پنهنجو

●

سکر -- ۱۹۵۵ع

ادا،

اڄ ”سنڌو“ رسالو نظر آيو. ان ۾ ڪيئلداس ”فاني“ جو نظم ”او منهنجا وطن“ پڙهيم. ڇا ٻڌايانءِ ته نظم پڙهي ڪهڙي حالت ٿي! گويا مون کي ڪنهن ڪنيڙاٽين کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٽي وچ سمنڊ ۾ ڦٽو ڪيو، ۽ مان چولين جي چوهه ۾ اڏامندو ويس. ڪيئي ڪشتيون نظر آيون؛ ڪن جا سڙهه ڦاٽي ويا هئا، ڪن جا تختا اڏامي ويا هئا، ڪي چتين چولين ڳرڪائي ڇڏيون هيون، ڪي طوفانن سان ٽڪر کائي رهيون هيون، ڪن جا همسفر هڪٻئي کي چنبڙي قدرت جي آنڌا ڌنڌ حملن کي هراسجي ڏسي رهيا هئا، ۽ ڪي دلشڪسته مسافر، ڪوئي چاڙهو نه ڏسي، خود سمنڊ ۾ ٽپي رهيا هئا ۽ درندن جي ڏاڙهن ۾ ڏڪي رهيا هئا. اکين ۾ ڳوڙهن جهل نه ڏني. الا! اهي منهنجا پنهنجا هم وطن سنڌي هئا، جن جو مان ساحل تان بيهي نظارو ڏسندو رهيو آهيان. انهن مان هڪ هو سنڌڙيءَ جو لاڪيڻو شاعر، ڪيئلداس "فاني"، جو 'فاني' فقط پنهنجي نهائيءَ ڪري سڏائيندو آهي، جيتوڻيڪ هو شعر جي دنيا ۾ 'باقي' آهي، هو سنڌي ادب ۾ امر ٿي چڪو آهي ۽ اسان جا آئنده نسل سندس ڪلام بيحد رقت ۽ گداز سان پڙهندا رهندا. ادڙا، ڪيئلداس "فاني" منهنجو استاد هو: نه فقط هن مون ۾ ڏهين ٻارهين ورهين جي عمر ۾ شاعريءَ لاءِ شوق پيدا ڪيو، پر هن ئي مون کي سنڌي شاعريءَ جو روح ڏيکاريو. "فاني" لفظن جو سنگتراش آهي: انهن کي گهڙي، ڇلي، مهٽي سهٽي، هڪ خوبصورت نظم ۾ مجسم ڪندو رهيو آهي. "فانيءَ" جون ڪي ڪي سٽون جادوءَ جو اثر رکن ٿيون. سندس لفظ خوبصورت چار آهن، جن ۾ هو آڏامندڙ جذبن کي نهايت اٽڪل سان ڦاسائي ٿو. "او منهنجا وطن" ۾ لکي ٿو:

"چاهي ٿو هرڻ، واريءَ ڏي ورڻ،
سمجهي ٿو سنو، بڪ اڄ ۾ مرڻ."

ڪيتريون نه پرگداز آهن هي سٽون! انهن ۾ اسان جي سنڌي هندن جو وطن لاءِ نهوڙيل نينهن لڪي رهيو آهي. اهي

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ستون فقط هڪ استادئي لکي سگهندو، جنهن ساري عمر شعر جي ديويءَ جي پيٽ چاڙهي هجي. مٿئين نظم ۾ لکي ٿو:

”سرديءَ جي سٽن، گرميءَ ۽ گهٽن،
ڪجهه ڪين ڪيو، پوڙن ۽ پٽن“—

”فاني“ ساري عمر شڪارپور ۾ رهيو هو. اتي، پهرين ماستر هو، پوءِ ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيو، ۽ حالات جي ناسازگاريءَ سبب هندستان هليو ويو. مٿين سٽن ۾ هن شڪارپور جي روح ڪي سمايو آهي — مون ڪي اجا تائين اهي ’سرديءَ جي سٽن، گرميءَ ۽ گهٽن، پوڙن ۽ پٽن‘، جا زمانا ياد اچي رهيا آهن، جي مون هن سان شڪارپور ۾ گذاريا آهن. ادڙا، تون مٿين سٽن مان محسوس نٿو ڪرين ته ”فانيءَ“ لفظ گهڙيا ۽ جڙيا آهن! هن جي فن جي عظمت کان انڪار ڪرڻ وڏي بيقدري ۽ ناشناسي ٿيندي. مٿئين مسدس جو پويون بند ته ساهه ۾ پڙهيون ٿو هڻي:

”پيجي جن آ پيجايو، مون ڪي وطن،
چڏي جن آ چڏايو، مون ڪي وطن،
لڏي جن آ لڏايو، مون ڪي وطن،
جن روهه رلايو، مون ڪي وطن،
”فاني“ سي ڏسان دردن ۾ ڏکي،
سالن ۾ ٿيا ساعت نه سکي!“—

اي ڪاش! ڪوئي منهنجو نياپو هن تائين پهچائي! استاد، ”مان هتي تنهنجي دل جي ڌڙڪ پڌي رهيو آهيان. مان هتان تنهنجا ڳوڙها ڏسي رهيو آهيان: نه فقط هرڻ واريءَ لاءِ تو تڙپي، پر واري به هرڻ لاءِ ٿي تڙپي — اها باهمي تڙپ هڪ ڏارينڊڙ سوال آهي، جو تاريخ جي ڪنن ۾ وڄندو رهندو، ۽ تاريخ لاجواب ٿي، تاقيامت شرم ۾ ڪنڌ جهڪائي رهندي!

—تنهنجو پنهنجو

سکر-- ۱۹۰۰ع

ادا،

نهايت افسوس جي ڳالهه آهي، جو تون وعدي مطابق انهيءَ رات نه آئين. اسان، مٿلن سان به نباهي آياسين، تو جيئرن سان به نه نباهيو! اچين نه ها — پوءِ اسان کي اسان جي حال تي ڇڏي، هليو وڃين ها! وري تو لکين نه اسان جي اها رات ڪيئن گذري؟ ادا، اڃا تائين اها ڪ- جي ڪاري رات نٿي وسري. مان ۽ ح - سڙڪ تان چپ چاپ وڃي رهيا هئاسين. اسان ٻنهي جا روح نديءَ جي ٻن لهرين وانگر هئا، جن ۾ چنڊ جو پاڇو جهلڪي رهيو هو. ٻنهي جي زندگي ڪنهن نامعلوم ساحل ڏانهن روان دوان هئي؛ پيٽي هڪبئي جي قريب هئاسين، ليڪن هڪبئي کان بيخبر؛ ٻنهي چانڊوڪيءَ کي چاهيو هو — مون چپن سان، هن اکين سان: ۽ اڄ پيٽي گڏجي وياسين تي، نه ڏسون نه چانڊوڪي اونداهيءَ جي گود ۾ ڪيئن ستي پيئي آهي — زندگي موت جي آغوش ۾ ڪيئن خاموش ۽ پراسرار آهي!

چئني طرفن کان مڪانن جون قطارون هيون، ۽ انهن جي وچ ۾ شاهي رستو کپر نانگ وانگر ليٽيو پيو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان‌جن قدمن جي آواز تي اُچانگ ڏيئي، منهنجي ڏاهه کي ڏنگي رهيو هو. اِهو ساڳيو رستو آهي جنهن تان مان هن جي گهر ڏانهن ويندو هوس، جڏهن هوءَ زنده هئي: اڄ انهيءَ

رستي تان مان سندس مزار تي وڃي رهيو هوس. اهو ساڳيو رستو آهي، جو زندگيءَ جي ٿهڪڙن تائين ٽلندو هلندو هو: اڄ اهو موت جي اوڇنگارن تائين ٽاپڙندوٽڙندو ٿي ويو. مون چاهيو ته ح - کان پڇان ته سندس آخرين ڏينهڙا ڪيئن ٿي گذريا، پر سوال اُڀري، سانت ۾ ٻڏي ويو. مون چاهيو ته ح - کي ٻڌايان ته منهنجي ڪتاب ”پنهل ڪان پوءِ“ ۾ اها برساتي نئن جي تيزي ڪيئن آئي — ان ۾ سمنڊ جي گهرائي نه سهين، پر ان جي بيپناهه روانيءَ جو سبب ڇا هو؟ مون چاهيو ته ڪيس ٻڌايان ته هوءَ منهنجي ڪهاڻيءَ ”ڪلثيءَ“ جو روح هئي: هن ئي ’پنهل ڪان پوءِ‘ جا جوابي خط لکيا هئا، ۽ هوءَ ئي منهنجي افسانې ”هي شاعر“ ۾ زندگيءَ جي تلخي ۽ شڪسته دلي کڻي آئي هئي. دراصل هوءَ افسانن جو اَکٽ ذخيرو هئي. جڏهن هوءَ ڳالهائيندي هئي، ته ڳالهڙيون مکڙين جي ميڙ وانگر پکڙجي وينديون هيون؛ سندس چپن ۽ ڳلن مان موتيا ۽ مگرا وسندا هئا؛ سندس زندگيءَ جا حسين، هلڪڙا تجربا ٽهڪن ۾ ويڙهيا ويندا هئا، ۽ هوءَ انساني ڪردار تي نهايت پياري طنز ڪندي نظر ايندي هئي، ۽ مان سندس سچا پچا، جيئرا جاڳندا انسان، ڪهاڻين ۾ قيد ڪري، انهن جي روحن کي ادبي زندگي عطا ڪندو هوس. مون چاهيو ته ح - کي گهڻو ڪجهه ٻڌايان. زندگيءَ جون نهايت پياريون پلڪون، جي مسرت جي پرڙن تي اُڏامنديون هيون ۽ جن محبت جي بهشت ۾ آکيرو اڏيو هو، جي هميشه منهنجي روح ۾ ڇهڪنديون رهيون هيون، جن جي لاٽ منهنجيءَ ذات جو سرچشمو آهي — اهي پلڪون جيڪر لفظن جي جار ۾ ڦاسائي، ح - کي ڏيان، — ح، جنهن جو وجود هڪ قفس آهي، جنهن ۾ مختلف اديبن جا تجربا پَرَ ڦڙڪائيندا نظر ايندا آهن. ليڪن جذبات جي بيحد تيز رَوي منهنجي روح کي

لوڙهيندي ٿي ويئي، ۽ مان ڪوشش جي باوجود به ساحل تائين نٿي پهتس. لفظ منهنجي زبان تائين نه آيا ۽ مان خاموش هلندو رهيس.

آسمان تي هلڪو جهڙ هو، ۽ ساري نيري وسعت هڪ پراسرار پردي وانگر ٿي لڳي. جن مان سفيد ڪڪريون محبوبڙين جي منهنڙن وانگر ليئا پائي رهيون هيون. مڪانن جي ڪنهن ڪنهن ڪمري ۾ بتي ٻري رهي هئي، جنهن جو اُجالو درين جي شيشن مان نظر ٿي آيو. هر ڪمري ۾ ڪيئي ڪهاڻيون ستل هيون، انسان جا غم غصا، پيار پڇتاءَ، مٺ ميلاپ، ويڻ وڇوڙا ننڊ جي جهوليءَ ۾ آرامي هئا. اَزل کان اَبد تائين هڪ اٿاهه اونهون سمنڊ چوليون ماري رهيو هو، جنهن ۾ ڪروڙين ڪشتيون لڏي لمي رهيون هيون. منهنجو روح به پنهنجي ننڍڙيءَ ٻيڙيءَ تان، حيرت ۽ افسوس مان، ڇتين چولين کي ڏسي رهيو هو، — الا، منهنجو مٺڙو حسين همسفر ڪيڏانهن ويو! الا، هن عميق جي اونهيءَ اونده ۾ مان هن کي ڪٿي ڳوليان! معلوم نه آهي ته هو ستارن جي سونهن ڏسي سگهندو هوندو يا نه! هيءَ خنڪي پري هير سندس ڳلن کي ڇهندي هوندي يا نه! اي موت، تون زندگيءَ کي ڪيترو نه بي معنيٰ تو بڻائي ڇڏين! تنهنجا برف جهڙا هٿ کهڙا نه پوائنا آهن! تو کي انسانن سڪون جو سرچشمو ڪيئن ڪوٺيو آهي! تنهنجو تصور ئي لڱ لڱ ڪانڊاري ٿو ڇڏي. زندگي ڪيتري نه حسين آهي، ڪيتري نه پياري آهي- اُمنگن جو جهولو آهي، آرزوئن جي ڦلواڙي آهي! هي چنڊ، هي ستارا؛ هي بادل، هي برساتيون، هي گل، هي غنچا؛ هي مٺڙا ماڻهو، هي وسندڙ وستيون — هي سڀ زندگيءَ جون نعمتون آهن! اي موت، تون هڪ تکي تير انداز وانگر ڪمان ڪشيو بيٺو آهين: جنهن سيني ۾ مسرت جو واسو آهي ان ۾ پنهنجو تير ڇپائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو چڙين . اي ڪاش! تنهنجي ڪمان ڪشجي ڪشجي، پڇي
پوي، ان جي زهه تني پوي!

منزل قريب اچي ويئي. پريان قبرستان جو دروازو هو.

ح - جا قدم ڍرا ٿي ويا. دل اُچلون ڏنيون. اکين لڙڪن کي
پڪاريو ته 'اچو اها خاڪ پاڪ اچي ويئي آهي، جنهن ۾
جذب ٿيڻ آبدي نجات آهي!' آهستي آهستي وڌندا رهياسين.
ناريل جي درختن جا پراسرار پاڇا قبرن سان لائون لهي رهيا
هئا. چنڊ ڪڏهن ڪڪرن مان جهاتي پائي، ڪلي
رهيو هو ته 'اي نادانو! چانڊوڪي ته منهنجي چيز هئي؛ اها
ته آسمانن تي آڏامي آئي؛ توهان ان کي زمين جي ڇاتيءَ ۾
چيڀل ٿا سمجهو! چگو، ڳوليو، ڏسو، متان ملي وڃيوَ.' درختن
مان هوا جو سرڙاٽ روحن جي بيچينيءَ وانگر ٿي لڳو. اسان
قدم قدم ۾، چپ چاپ وڌندا رهياسين.

ح - اوچتو روڪجي ويو، ڪائنات جون نبضون بيهجي
وييون. هو ڪجهه نازبوءِ رابيل جا گل ڏسي رهيو هو، جي
قبر جي آسپاس لڏي لمي رهيا هئا. منهنجيءَ دل کي ڌوڏو
آيو، گويا ڪوئي جوالا ڦاٽو هو ۽ ڪائنات جو ذرڙو ڪنبي
رهيو هو. هيءَ هئي سندس قبر! هوءَ جا خوبين جي کاڻ هئي،
سا هتي ٻه گز مٽيءَ ۾ سمايل هئي. هن جو بيپناهه حسن،
رابيل ۽ نازبوءِ جي گلن ۾ لڏي رهيو هو. مون چپ چاپ
رازدارانه سرگوشيءَ سان چيو، 'مان آيو آهيان، تنهنجو شاعر،
منهنجا حسين ترين شعر! اٿي، جاڳ، تنهنجي روح جي منڙي
موسيقي منهنجي شاعريءَ جي جان هئي. اٿي، منهنجي ساهه
جي ستار تڙڦي رهي آهي: ان جي تارن کي ڇيڙ، ان ۾
هزارها سُر تنهنجين آڱرين لاءِ مضطرب آهن!'، مون ڇتائي ڏٺو،
ڪوئي ڪونه هو. ڪوئي جواب نه آيو. ناريل جي ڇڙين

مان لنگهي، چانڊوڪيءَ جا ٻاچا قبر تي لڏي لمي رهيا هئا — آسمان جي چانڊوڪي زمين جي چانڊوڪيءَ کي ڳولي رهي هئي!

—تنهنجو پنهنجو

•

سکر - - ١٩٥٥ع

ادا،

...تاريخ تي، خيرپور ميرس ۾، ”ڪل پاڪستان اردو سنڌي مشاعرو“ ٿيو. صدارت جو شرف مون کي بخشيو ويو. توکي معلوم آهي ته مان هجوم کان گهٻرائيندو آهيان. جيترائي انسان زياده هوندا آهن، اوترولي مون کي اڪيلائيءَ جو احساس ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ مون کي معلوم هو ته اهڙي مجمعي ۾ مختلف ذهنيت، مذاق ۽ علمي استعداد جا ماڻهو شامل ٿيندا آهن؛ جيتوڻيڪ مون سمجهيو ٿي ته منهنجي زندگيءَ ۽ ادب جي نظريي سان اتفاق رکندڙ اديب ايڪڙ ٻيڪڙ هوندا؛ ۽ جيتوڻيڪ مان مخصوص مجلسون چاهيندو آهيان، جتي همعصر اديبن ۽ شاعرن سان زياده سچائيءَ ۽ گهرائيءَ سان ذات جي ڏي-وٺ ٿي سگهندي آهي، — ان هوندي به مون دعوت قبول ڪئي؛ ڇاڪاڻ جو اِهو گڏيل سڏيل مشاعرو هو، جنهن ۾ اسان کي موقعو هو ته سنڌي شاعريءَ جي يگانگت ظاهر ڪري سگهون، ۽ غير سنڌي سامعين کي ڏيکاري سگهون ته سنڌي ادب ۽ ثقافت ڪنهن به صوبي جي ادب ۽ ثقافت کان پٺتي نه آهي؛ سنڌي شاعريءَ ۾ به دلڪش ۽ گهري انفراديت آهي.

شام جو اٺين بجي مان، ’راز‘ ۽ ’آفاق‘ ڪار ۾ نڪتاسين— ’راز‘، ”سارنگ“ جو مصنف آهي، ۽ ’آفاق‘ صديقي اردوءَ جو باذوق شاعر ۽ منهنجي اردو ڪلام جي مجموعي ”بوي گل نالهٔ دل“

جو مرتب. سکر براج ٽپي، ڪار شاهي رستي تان آهستي آهستي شاعرائيءَ رفتار سان هلڻ لڳي. رات تارن ڀري هئي. رستي جي ٻنهي طرفن ڪان ميلن ۾ کجوريون هيون، جي پريشان روحن وانگر آسمان جي اطمينان‌بخش ٿڌيءَ نيراڻ ڏانهن تڪي رهيون هيون. مٿان دور دور آبابيل اڏامندا نظر آيا. گويا ستارن جو ٽمڪڻ، آسمان جي شاعري هئي؛ آبابيلن جو اڏرڻ، ڪليل فضائن جي شاعري هئي؛ کجين جي پر اسرار خاموشي، زمين جي شاعري هئي. هر حسين چيز ترنم واري آهي: ترنم ۾ حسن آهي، ۽ حسن ۾ ترنم آهي.

اٽڪل پوڻين نائين بجي خيرپور پهتاسين. مختلف صوبن مان شاعر اڳيئي پهچي چڪا هئا ۽ رات جي ماني کائي رهيا هئا: ڪن سان شخصي واقفيت هئي ۽ ڪن سان فقط ادبي. حمايت علي ”شاعر“، ”صهبا“ لکنوي ۽ ابراهيم جليس (جو مقاله‌نگار جي حيثيت ۾ آيو هو ۽ صبح جو مقالو پڙهيو هئائين) وغيره ڪراچيءَ مان آيا هئا.”ظهير“ڪاشميري ۽ ”قتيل“ شفائي لاهور مان آيا هئا. انهن ٻنهي صاحبن سان منهنجي اڳ جي‌واقفيت ڪانہ هئي. منهنجو نوجوان دوست بشير موريائي اڳيئي اتي هو. جيڪب‌آباد مان عبدالڪريم ”گدائي آيو هو. پيو ڪوئي بہ سنڌي شاعر ٻاهران نہ آيو هو. اهو ڏسي مون کي ڪجهہ نا اميدي ٿي.

اٽڪل ڏهين بجي ڪارروائي شروع ٿي. مون صدارتي تقرير ڪئي — ”ناز“ مرحوم جي سرزمين جي ساراهہ ۾ ٻہ-چار لفظ چيا، ڪجهہ اُردو ادب ۽ سنڌي ادب جي مسئلن جي باري ۾ ڳالهايو، ۽ پوءِ مشاعرو شروع ٿيو.

مترنم آواز، مئڪروفون تان فضائن ۾ ڦهلجڻ لڳو. ماڻهو محظوظ ٿيڻ لڳا. ’وه واه‘، ’ڪيا ڪهنا‘ ۽ ’پهر پڙهئے‘، ’بهت خوب‘ جا آواز شاعرن لاءِ وسڪيءَ جون بوتلون کوليندا

ويا. اردو مشاعرو اها جاءِ آهي، جتي تحسين ۽ تضحيڪ ۾ فرق ڳولڻ مشڪل آهي، جتي روح جي لات مان جڙيل ستون ڪوڏين جي ملهه وڪامنديون آهن، جتي سادهمزاج شاعر هر جڙتو ساراهه تي ٽڪجي ويندا آهن! اهي بهادرعلي شاهه ”ظفر“ ۽ نواب واجد عليءَ جا زمانا ويا، جڏهن محفلن ۾ سنجيدگي وسندي هئي، شمع ٿرندي رهندي هئي ۽ ان جي جوت سان انساني ذات مٿي، ماحول کي ڀڪائي ڇڏيندي هئي — پر انهيءَ ”غالب“ ۽ ”ذوق“ جي زماني ۾ به تخليق جي توهين ٿي ٿيندي هئي — هيئنر بيهودگيءَ سان ٿيندي آهي، تڏهين سنجيدگيءَ سان ٿيندي هئي: هيئنر عوام ڪري ٿو، تڏهين خواص ڪندا هئا: شاعر ويچارو امر جو بندو، شاهه يا نواب جو تنخواهدار، فخر سان قصيدي جا بند پڙهندو هو ۽ شهنشاهه ظل الله ڪنڌ ڌوڻي، پنهنجي بحر قافيه ۾ پابند ساراهه تي خوش ٿي، ويچاري شاعر کي نوازيندو هو، ۽ شاعر ان ادبي ضميرفروشيءَ تي خوشيءَ ۾ نه ماپندو هو. ادا، مان جڏهن ”غالب“ جهڙي عظيم شاعر جا قصيدا ڏسندو آهيان، ته اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا آهن.

ڪڏهين ڪڏهين هوا بند ٿيڻ سبب مونجهه پئي ٿي. مون فضا جي هانوءَ-ٻوسات مان نڪرڻ لاءِ نيري آڪاش ڏانهن نهاريو. تارن جي کٽ تي گويا ڪوئي ابدي شاعر ليٽيل هو، جو نور مان نغما جوڙي رهيو هو. منهنجو جسم اتي مشاعري ۾ هو، ليڪن منهنجو روح ترنم جي لهرين وانگر تڙي پکڙي ويو هو. مون سوچيو ته مشرق جو عوام فنڪار جي صحيح عزت ڪڏهن ڪندو؟ هاءِ، هي انسان ڪڏهن ڄاڻندا ته سندن روحاني نجات جا وسيلا فقط ادب ۽ آرٽ آهن؟ اهو وقت ڪڏهن ايندو، جڏهن بيت آيتن کان اڳرا ليکبا؟ پنجن ڇهن سنڌي شاعرن سنڌي ڪلام پڙهيو، جنهن تي غير سنڌي عوام خندهزني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئي. انهن مان ڪن جو ڪلام واقعي ڪل جهڙو هو، پر سامعين ان جي معنويت تي نٿي ڪليا: هو فقط سنڌي زبان جي لهجي ۽ ڪن لفظن جي اُچار تي ٿي ڪليا. شايد هو سمجهي رهيا هئا ته سنڌي نااهل آهن. مون کي اها ڳؤنس اَگري لڳي. مان خوش ٿيان ها، جي هو سنڌي ڪلام جي بي معنائيءَ تي کلن ها، ڇو ته عبدالڪريم ”گدائيءَ“ جي بيتن کان سواءِ، پيو جو به سنڌي ڪلام پڙهيو ويو، تنهن مان اردوءَ جي پاروٿي شاعريءَ جي بانس ٿي آئي: اهي ئي ساڳيون اردو ۽ فارسي غزل جون جهونيون پراڻيون ترڪيبون، تشبيهون ۽ استعارا، جي خود اردو ۽ فارسي ادب ٿوڪنا ڪري ڦٽا ڪيا آهن؛ اهي ئي اوڳاڇيل پارسي لفظ، جي موجوده سنڌي غزل جي جان آهن ۽ جن تي هر سنڌي مشاعري ۾ ’وه واه‘ ٿيندي آهي! الا، هي شاهه لطيف جي سرزمين! ان جي ادبي تخليق جا سرچشما سڪن، اهو ناممڪن آهي! معلوم نه آهي ته اسان جا شاعر ڇو پنهنجو ورثو وساري ويٺا آهن!

رات جي ٻين بجي مشاعرو ختم ٿيو. گهر پهتس ته ننڊ نه آئي. شايد ڪوتا ننڊ جي پهاج آهي -- پوءِ ته لکندو رهيس.... جيستائين موذن بانگ ڏني- مخلوقات جاڳي، مان سمهي پيس!

-تنهنجو پنهنجو

●

سکر-- ١٩٥٥ع

ادا،

هائي سُر ”يمن ڪلياڻ“ جي پنجين داستان جي آخري وائي اردو گيت ۾ ترجمو ڪئي اٿم. رات جا ٽي لڳا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتيون ڪر موڙڻ لڳيون آهن ۽ ڪائنات جا نيڻ ننڊاکرا آهن . وائيءَ جي هيئين سٽ روح ۾ رقت جون لهرون اڀاري رهي آهي :

سرتيون جي مون وسهو، ننڊ نه هيريو نيڻ !“

”اڄ اها سٽ منهنجي آس نراس جي آرسي آهي، منهنجي ساريءَ روحاني ڪشمڪش جي آئينه‌دار آهي. گويا اها سٽ هڪ هندورو آهي، جنهن ۾ منهنجو هينئون جهولي رهيو آهي. کهڙي نه ڳوڙهن ڀري ڳوڙهائي آهي ان ۾، کهڙو نه معنيٰ ڀريو ميناج ! ’ننڊ نه هيريو نيڻ ...!‘، منهنجو تصور اڏائو : صديون سميٽجي ويون ۽ مون انهيءَ ازلي‌مست کي پٽ تي، ستارن جي ڇانو هيٺان ڏٺو. مون ڏٺو ته لطيف پنهنجي لات ۾ سراپا محو هو. هن جي اکين اڳيان لفظ ڪتين وانگر جهرمر لڳائي بيٺا هئا، ۽ هو انهن مان ستارا چونڊو، پوئيندو ٿي ويو. چوڌاري جهر جهنگ راتڙيءَ جي گود ۾ آرامي هو، پسون پکي ستا پيا هئا، ليڪن پٽ‌ڌڻيءَ جي اکڙين ۾ ازلي اوجاڳو هو، گويا آتشين شراب سندس روح ۾ رچي رهيو هو، گويا رمزون ۽ راز ان جي مڏيري هڳاءَ وانگر ڦهلجي رهيا هئا. هن تنبورو کڻي تار ڇيڙي . لوهه جي لڳڻ مان سيسڙاٽ اڀري ويا. تند وڄڻ لڳي. رڳون رباب ٿينديون ويون . هن جي ساهه ۾ ابدي نغما سميٽبا، سمائبا ويا. راڳ مان ويراڳ وسڻ لڳو:

وسارج م وڃڻ، جو پِرِين ۾ ٿي ڏينهڙا !
لوئيون سهن لوڪ جا، وهائيءَ ٿيون وڃڻ:
جو پِرِين ۾ ٿي ڏينهڙا !
اصل آسارن جا، سٽي ويڙا سين:
جو پِرِين ۾ ٿي ڏينهڙا !
جيڏيون جي مان وسهو، ننڊ نه هيريو نيڻ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو پِرين ۾ تِي ڏينهڙا!

راتڙيون جاڳن جي، سي آءٌ ڪندڙي سيڻ:

جو پِرين ۾ تِي ڏينهڙا!

آڏيءَ رات اٿي ڪري، جهل تون ننڊا نيڻ:

جو پِرين ۾ تِي ڏينهڙا!

هر سٽ ۾ روحاني اضطراب آهي، هڪ مسلسل ڪيفيت آهي، جنهن جو جيئن پوءِ تيئن تاثر گهرو ٿيندو تو وڃي. انهن ۾ زندگيءَ جي تخليقي دور جي بي ثباتيءَ ۽ زندگيءَ جي تخليق جي ثبات جو اهڙو حسين تضاد پيدا ڪيو ويو آهي، جو هر سٽ ڪي چمي، اکين تي رکي، روح جي رحل ۾ ويڙهي رکجي! مٿينءَ وائيءَ جي گهرائي اهوئي محسوس تو ڪري سگهي، جنهن جي اکڙين جي اوجاڳن سان ياراڻي هجي: جنهن ساريون ساريون راتيون ستارن جي سنگ ۾ گذاريون هجن، جنهن جا شعر سندس نيڻن جي ننڊ مان جڙن، جو جاڳي، جلي، لوڇي ۽ لهي.

ادا، هن دفعي مون لطيف سائينءَ ڪي ڪافي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي، ۽ پهريون دفعو صحيح معنيٰ ۾ هن جي فن جي عظمت محسوس ڪئي آهي. ترجمي ڪرڻ وقت مان هر بيت ڪي ڪيئي پيرا پڙهندو آهيان — ڪائي ازلي‌مستي و بر وانگر وڏندي ايندي آهي، جا منهنجي روح کي ڇولين جي ڇوهه ۾ چوٽيءَ چاڙهي ڇڏيندي آهي، جتان مان سمنڊ جي سيني ۾ گهوري ڏسندو آهيان ۽ منهنجو روح پاتار ۾ پيهي، سپون سونجهڻ لاءِ مضطرب هوندو آهي: رسالي جو اردو نظم ۾ ترجمو منهنجي بهترين عبادت آهي. شال مان اهو ڪم توڙ تائين سر انجام ڏيئي سگهان!

— تنهنجو پنهنجو

نوٽبڪ جا ورق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون هن ڏانهن ڇتائي ڏٺو: گورو چٽو رنگ، ڪٽڪي ڇڏي ڏاڙهي، ڪهريون چيرويون اکيون، لوٺا وار، ويڪري ڇاتي، سنهي سڊول هاٿي، ڄڻ هوبهو اِبن مريم تي لڳو.
جهيڻي آواز ۾ چيائين،
”ڪيس جا ڪاغذ آندا اٿم.“
”ڏي ته ڏسان.“
هو قتل جي مقدمي ۾ ملزم هو. هن تي الزام هو ته هن پنهنجيءَ زال کي فقط سياهڪاريءَ جي شبهي سبب ماريو هو. هن چيو ٿي، ۽ اهو هن جو ڪيس ۾ بچاءُ هو، ته هن جي زال ”ڪاري“ هئي ۽ هن کي سياهڪاريءَ وقت ڪاري ڪري ماريو هئائين. مون ڪاغذ اٿلائي واردات جو مشيرنامو ڪڍيو، جنهن ۾ ڪجهه هيٺينءَ ريت لکيل هو:
”ـــ واردات، جهنگ ۾، لڳ ڳوٺ ...... جي هئي. واردات جي چوڌاري پير، ڪپڙ، لتوا ۽ ڪنڊيون هيون. ٻاهران بيهي جهنگ ۾ نظر ڪئيسين ته ڪجهه نظر نه آيو. واردات تي رت جو ڊٻو هو، جنهن جي پرسان ”سڄاجهيءَ“ (ملزم جي زال جو نالو) جو لاش پيو هو. لاش سورهن ورهين جي نينگريءَ جو هو، جنهن جو سر ڌڙ کان ڌار پيو هو. نينگريءَ کي ٻه چوٽيون هيون، جن جي وچ تي سينڊ نڪتل هئي. هن جي ڪنن ۾ چانديءَ جون مُرڪيون، ۽ ڳچيءَ ۾ سوني ڌهري هئي، جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهاڙيءَ جي ڏک لڳڻ سبب ڇڄي پيئي هئي. ڏڙجي مٿين
اڏ تي پروچڪو گهگهو پيل هو، جنهن تي ڪاوا پريل هئا.
ڪنهن سبب ڪري گهگهو ڳچيءَ وٽان ڪافي ڦاٽل هو ۽ لاش
جي ڇاتيءَ تي مينديءَ سان ٺاهيل گل نظر اچي رهيا هئا. ڏڙ
جي هيٺين اڏ تي ڳربيءَ جي سٿڻ پيل هئي-- چيو وڃي ٿو
ته اها ڦوٽڻ جي خون ڪان پوءِ جوابدار هن کي ڀرائي هئي.
ٻانهن ۾ عاج جي ٻانهين، مُرن وٽ چانديءَ جون ڳجريون، سڄي
هٿ جي ڏسٽيءَ ۽ وچين ۾ چانديءَ جا ويڙهه ۽ ڇيچ ۾ چانديءَ
جي منڊي، ۽ پيرن جي آڱرين ۾ نُورا پيل هئا. لاش جي
پرسان رت لڳل ڪهاڙي پيئي هئي، جنهن جي ڦر ۽ ڳن تي رت
لڳل هو. ڌرتيءَ تي ٻن ماڻهن جا دڳ پيرا هئا، جي سڃاڻپ
۾ نٿي آيا ..."

مشيرنامو ختم ٿي ويو، پر مونهنجون اکيون ان تي ڪنهن
اڻلکيل تحرير کي پڙهي رهيون هيون.

... اِهو رت، ڪنهن انسان جو رت هو! اهو رت جو هاڻي
مٽيءَ ۾ ملي ويو آهي، جنهن جو ثبوت فقط ڳاڙهي ڌرتي،
ڪهاڙي ۽ مشيرنامي جون ٻه سٽون آهن، سو ڪنهن وقت هڪ
گرم ۽ گداز جسم ۾، تمنا بڻجي، لڪ لاڳاپا لاهي، سيڻ ويڻ،
چڱي مني ڪان منهن موڙي، آڌيءَ رات اٿيو هو— جنهن وقت
ڪَتين ڪَر تي موڙيا، جنهن وقت پٽالي سُر "راڻو" لڪندو هو— ۽
لڪندي ڇپندي، سڪندي سيڏاليندي، ڏکڻ جي واءَ ۾ ڪنڌين
۽ لَوَنَ جي سرڙاٽ کي ازلي سڏ سمجهيو هئائين. اهاڻي ته
رت جي ڌارا آهي، جا چانڊوڪيءَ ۾ ٻوڙندي، ڳائيندي آهي-
"سرتيون جي مون وسهو، ننڊ نه هيريو نيڻ: جوين ٻه-ٽي
ڏينهڙا!" اها ڪيڏانهن ويئي؟ ڇا، اها فقط واردات تي ڪجهه
ڳاڙها نشان ۽ مشيرنامي جون چار سٽون ئي هئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"مشيرنامو پڙهيئه؟" ابن مريم جهڙي اِنسان پڇيو.
"هون." مون چرڪي چيو، ۽ بيخياليءَ سان ڪاغذ اٿلائڻ لڳس. منهنجي ذهن ۾ ڪنهن زور سان پڪاريو: "هن عورت کي آهو سنگسار ڪري، جنهن نظر يا زبان سان ۽ خيال ۾ به سياهڪاري نه ڪئي آهي!" مون رڙ ڪري جواب ڏنو: 'جنهن نه ڪئي آهي، انهيءَ کي به ڪهڙو حق آهي؟ هيءَ رت شب-خيز آهي، پاڪيزه، هر گناه و ثواب کان بالاتر! هيءَ رت عبادت آهي؛ آن تي هٿ کڻڻ جو ڪنهن کي به حق نه آهي— نه اِنسان کي، نه فرشتي کي!'
"وڪيل صاحب!" ابن مريم جهڙو انسان مون سان ڳالهائي رهيو هو ۽ آءٌ سوچي رهيو هوس ته وڪالت منهنجي وس جي ڳالهه نه آهي.

اڄ منهنجي هڪ دوست هڪ پرلطف واقعو ٻڌايو.
هن چيو ته "تو عبداللطيف 'ساربان' جو نالو ته ٻڌو هوندو؛ مان ننڍي هوندي هن جا نظم سنڌي رسالن ۾ پڙهندو هوس. هن جي اسلامي تخيل مون کي بيحد متاثر ڪيو هو ۽ هن جي هر سٽ پڙهي منهنجين رڳن ۾ خون جي گردش تيز ٿي ويندي هئي ۽ جوش ايمانيءَ سبب منهنجو گلو پرجي ايندو هو. مون هن کي ڏٺو ڪونه هو، پر اهو ٻڌو هوم ته هو روهڙيءَ جي ڪنهن پاڙي ۾ رهندو آهي. هڪ ڏينهن هن سان ملاقات جي شرف حاصل ڪرڻ لاءِ روهڙيءَ ويس. رستي تي مون هن جي شڪل شباهت جو تصور ڪري سوچيو ته هن جا خالد بن وليد ۽ طارق بن زياد جهڙا چوڙا ڪلها هوندا؛ هن کي فارابيءَ جهڙي وٺندڙ ڏاڙهي هوندي، ۽ علامه اقبال جهڙيون مڇون، قد ۽ بدن هوندو؛ هن جي اکين ۾ مجاهدين اسلام جو نور هوندو؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ هن جي چپن جي هر جنبش نعرهٔ تڪبير جي ياد ڏياريندي: هو لنبي ڪڙتي ۽ سلوار ۾ واقعي اسلامي حريت ۽ غيرت جو شاهڪار نظر ايندو. روهڙيءَ پهچي، مون هن جي گهر جي پڇا ڪئي، ۽ ڏس تي اتي پهتس، ته آءٌ هن جي گهر کي ڏسي بيحد متاثر ٿيس. گهر لڳو ته پراڻو ٿي، پر ان جا محراب ۽ طاق مغليہ فن تعمير جا يادگار ٿي لڳا؛ ۽ گهر جي ٻاهران ڪيتريون ئي ڪجيون فاتحان عرب جون نشانيون ڏيئي رهيون هيون. مون دل ئي دل ۾ خوش ٿي، چيو ته 'واقعي، شاعراسلام جو غريبخانو هجي ته اهڙو هجي!' مون در جو ڪڙو ڪڙڪايو، ته ٿوريءَ دير بعد هڪ بيحد حسين ۽ وَجيهہ ڪرڙوڏ پرٻان نظر آيو. مون کي تعجب آيو، جو ته هو منهنجي تصور جو پورو مجسمو ٿي لڳو— چوڙا ڪلها، دلڪش ڏاڙهي، پريل بدن، ڊگهو قد، رعبدار مچون، منهن تي قلندرانہ شان، ۽ اکين ۾ والهانہ تجلو! هن ويجهو اچي نهايت خوش خلقيءَ سان پڇيو ته 'ڪٿان آيا آهيو؟'

"مون ڪجهہ مرعوب ٿي هٻڪندي چيو، 'نڊي هوندي کان وٺي اوهان جي ڪلام کان بيحد متاثر رهيو آهيان. منهنجي نظر ۾ اوهين "فردوسئ اسلام" آهيو! اوهان جو ڪلام حق ۽ صداقت جو آواز آهي، جنهن مرده مسلمانن ۾ نئين جان پيدا ڪئي آهي! واہ، ڇا جوش ۽ خروش آهي اوهان جي ڪلام ۾! ڇا...'

"داوه، اوهين عبداللطيف "ساربان" سان ملڻ آيا آهيو؟ ها، انهيءَ جو گهر منهنجي پاسي ۾ آهي. مان ته سونو خان حجم آهيان."

"مان سوني خان حجم کي حيرت سان تڪيندو رهيس، جيستائين هو گهر اندر هليو ويو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

— مون پنهنجي دوست کي مرڪي چيو، ”تو انهيءَ ڪهاڻيءَ جو پلاٽ انگريز اديب، ’سمر سيٽ مام‘ تان چورايو آهي.“

”چريو آهين ڇا؟ مان انگريزي ڪتي ڄاڻان! افسانه نويس تي پلاٽ جو نزول ٿيندو آهي: ممڪن آهي ته اهو ساڳيو پلاٽ سمر سيٽ مام تي به ٿوريءَ ڦيرگهير سان نازل ٿيو هجي. آخر اها ڪا نئين ڳالهه ته نه آهي، صدين کان مختلف مذهبن جي مقدس افسانن ۾ ان جو ثبوت ملي ٿو.“

●

مون هن کي آغوش ۾ آڻي، هن جي اکين کي چميو ۽ چيومانس: ”هيءَ جهوني زماني جي ڳالهه آهي. بنارس جي ڪنهن مندر ۾ ديوداسي نچي رهي هئي. مانگهه جي رات اڌ کان زياده گذري چڪي هئي. ٻاهر ورلهه ٿي پيئي. مندر جون ڳڙکيون بند هيون، ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ ڳلڪڙا کليل هئا، جن مان هرمل ۽ اگربتين جو دونهون ٻاهر وڃي رهيو هو. ڏياٽين ۾ جوت جلي رهي هئي، ۽ ڇت مان موم-بتين جا جهار لڙڪي رهيا هئا. سامهون ڪنهن ديوتا جي وڏي مورتي رکي هئي، جنهن جي چرنن ۾ گينديءَ ۽ ڪيسوڦل جي شوخ رنگن وارن گلن جون مالهائون پيئون هيون. ديوتا کي پٺي ڏيئي، هڪ ڪن-ڦاڙ پوڄاري ويٺو هو. هن ’سوم رس‘ پيتي هئي ۽ مد جي ڪيف ۾ هن جو منهن ڦڱڻ ڏاڙهونءَ وانگر ٽڙي پيو هو. هن جي ڪنن ۾ لڙڪندڙ گينديءَ جي سڳ جا والا هن جي مدماتي منهن تي سيباڻتا ٿي لڳا. هن جي سامهون ڪاري پٿر جي ٿلهي تي ديوداسي، ڳاڙهي بنارسي گهگهريءَ ۽ پڙيءَ ۾ نچي رهي هئي. پوڄاريءَ جي اکين ۾ ڪائي وڄ چمڪي رهي هئي ۽ هن جو سڄو سرير ڪنهن پيانڪ آنديءَ ۾ ويڙهجي ويو هو. نرت ۾ ديوداسيءَ جي چيلهه الين ٿي مڙي ويئي، جڻ ڏونڙ ٿي

۾ ڏاک جي ول جهڪي ويئي. ان وقت هن جي گهگهري انهيءَ ڪپڙي وانگر ٿي لڳي، جنهن سان پيهرَ، جهارَ جي پوءِ ڪان ڏاک جا ڪچا ڇڳا ٻڌي ڇڏيندا آهن. پوڄاريءَ سوم-رس جي چوٿين وٽي گيت ڏيئي پيتي، ته هن جون اکيون ڪروڌ ۾ آيل ڪاريهر جي اکين وانگر ٿي لڳيون. هو مست ٿي ديوداسيءَ ڏانهن ٿي وڌيو، ته ڪنهن هن جي ٻنهي ڪلهن کي پٺيان زور سان جهليو. پوڄاريءَ وائڙو ٿي پٺتي نهاريو ته ڏٺائين ته مهاڀلي ديوتا هن کي ڪلهن ڪان جهلي بيٺو هو. ديوتا جون اکيون ڪانڊن ٽانڊن وانگر ٻري رهيون هيون، ڄڻ ته هن سوم-رس جا ٻه-ٽي مٽ پيتا هئا. پوءِ ۾ پوڄاري ديوتا جي چرنن تي ڏنڊوت ڪري، منهن ڌرتيءَ سان لاتو. ديوتا غصي ۾ پوڄاريءَ کي لت هڻي چيو: 'ڏسين نٿو، هيءَ ديوداسي پرڪرتيءَ جو سڀ ڪان جونو سروپ آهي: هن سان پريم ڪرڻ تولاءِ پاپ آهي!' پوڄاري ٽپو ڏيئي اٿيو ۽ پرسان پيل ڏقي سان ديوتا تي وارَ مٿان وارَ ڪيائين__ تان جو ديوتا ڌرتيءَ تي ڪري، ڦٿڪي ڦٿڪي خاموش ٿي ويو. ديوتا جو رت ڦوهاري وانگر وهي رهيو هو. سامهون ديوداسي، جنهن جي چوٽي، ڪراين ۽ مُرن ۾ ڪيتڪيءَ ۽ مگري جون لڙهيون پيئون هيون، اجا نچي رهي هئي ۽ تيزيءَ سان ڦيريون پائي رهي هئي.

ڇنن ڇنن، ڇن ڇم، ڇنن ڇنن، ڇن ڇم، ڇم ڇم ...

ڇم ڇم، ڇم ڇم، ڇم؛ ڇنن ڇنن، ڇن ڇم ....

"پوڄاريءَ سوم-رس سان ٻه وٽيون پريون، انهن ۾ ڪجهه ديوتا جو رت ملايائين، ۽ پوءِ هڪ وٽي پاڻ پي ويو ۽ ٻي وٽي ديوداسيءَ کي پياريائين ... پوءِ ٻيئي مدهوش ٿي ڪاري سنگمرمر جي ٿلهي تي ليٽي پيا. هڪٻئي پٺيان ڏياٽيون ۽ موم بتيون وسامي ويون ۽ رات جي اوندهه ديوتا جي رت کي

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏکي چڙهيو. اهو پوڄاري ڀارت ديس جو ’ ڀهريون ناستڪ ‘ هو.“
هن مون کي حيرت سان ڏسي پڇيو، ”تو اها عجيب غريب ڳالهه ڪٿي پڙهي آهي؟“
”ڪٿي به نه.“
”ڪنهن کان ٻڌي اٿيئي ؟“
”ڪنهن کان به نه.“
”تڏهن اها تنهنجي من-گهڙت ڳالهه آهي؟“
”نه.“
”تون به عجيب آهين! آخر تو کي انهيءَ ڳالهه جي خبر ڪيئن پيئي؟“
”اکين سان ڏٺي اٿم : آهو پوڄاري مان آهيان ۽ آءٌ ديوداسي تون آهين! مان جنم جنم ۾ هر ديوتا کي ڏڦي تي ڏڦو هڻي ماريندو آيو آهيان— تولاء، فقط تولاء!...“

هو آهو ديوانو شاعر هو، جو هر پيشرؤ جو پيرو ڊاهي منزل ڏانهن اڳتي وڌندو هو. مون هن کي هڪ دفعي ”غالب“ جو هيٺيون شعر ٻڌايو :

”لازم نهيں ڪه خضر ڪي هم پيروی ڪريں،
مانا ڪه اِڪ بزرگ همیں همسفر ملے.“

(لازمي نه آهي ته اسين خضر جي پيروي ڪريون، جيتوڻيڪ اِهو مڃون ٿا ته هڪ بزرگ اسان سان همسفر هجي.)
هن فوراً شدت سان چيو، ”غلط! ’غالب‘ غلط آهي. هر عظيم شاعر پنهنجو خضر پاڻ آهي. هن کي نه رهبر جي طلب آهي، نه همسفر جي.“
سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب متعلق گفتگو ڪندي، هن ٺهڪ ڏيئي چيو، ”سنڌ جو ڪلاسيڪي شعر! آخر اهو آهي ڇا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهہ جهوني جڳ جون ڏند ڪٿائون ــ منصور جو سوريءَ تي چڙهڻ، ذڪريا جو ڪرت سان چيرجڻ، يونس جو مڇيءَ جي پيٽ ۾ رهڻ! ڪجهہ روحاني ڏاڪڻيون ــ شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت: ناسوت، جبروت، ملڪوت، لاهوت! لفظ ـ فقط، بي‌معنيٰ لفظ! چرس، چنڊول، گانجي جون سلفيون، پنگ جا ڪونڊا؛ آزلي پنڪيون، آبدي گهيرٽ! تنهنجي شاهہ، سچل، دلپت، سامي، بيدل ۽ بيڪس وٽ پيو ڇا آهي؟ انهن ڪي صدين جي غبار ۾ ويڙهيل چڏي ڏي. انهن سان ڪوبہ ڪنهن سنگ ميل تائين نہ پهتو هو. شعر ۽ ادب جي منزل دور آهي، تمام دور!“

هن جذبات جي جوش تي مرڪي قابو پاتو، ۽ رازدارانہ انداز ۾ چيائين، ”سچل ڪي شاهہ لطيف چيو هو تہ ’جيڪا ڪُني مون چاڙهي آهي، ان جو ڍڪڻ تون لاهيندين‘؛ ڪاش! مان اها ڪُني ڍڪڻ سوڌي پچي سگهان!“

هن ۾ هڪ منفرد اديب جي آنانيت ۽ خود اعتمادي هئي. هن جو روح اها ڇولي هئي، جا ڪڇ ڪوڏيءَ ۽ موتيءَ ڪي ساڳيءَ طرح ٺڏي، چنڊ ڪي چمڻ لاءِ ايرندي آهي. ظاهري طرح هو واقعي ديوانو ٿي لڳو. پر هر عظيم شاعر اهو ديوانو آهي، جو جنون جي بي انتها جوش ۾ پٿر اڇلائي، عرش‌عظيم جا در دريون ۽ روشندان پچي وجهندو آهي.

مون هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”ڪنهن حد تائين مان توسان متفق آهيان. پر سنڌي ڪلاسيڪي شاعري فقط تصوف جو مربو تہ نہ آهي؛ ۽ تصوف جو بنيادي نظريو بہ تہ آفاقي آهي. اِنسان جي اِنسان سان محبت؛ اِنسان جي ڪنهن آزلي حقيقت جي جستجو: جي اهي اِنسان مان ويا تہ باقي هن ۾ ڇا رهيو؟ اهي شاعريءَ جا آبدي موضوع آهن. ائين صحيح آهي تہ تصوف جو نظريو نہ فقط سنڌ ۾ پر ڪيتريءَ حد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تائين هرهنڌ، مضحڪ خيز آهي، پر اِن جي معنيٰ اها نه آهي
ته شاهه جو ’مومل-راڻو‘ ۽ ’سسئي-پنهون‘ ان ڪري ٻي معنيٰ
آهن، ڇاڪاڻ جو شاهه جي شاعريءَ جو محرڪ تصوف جو
ڪو نظريو هو. جيڪڏهن تون عينيت جو غلاف هٽائي ڏسندين،
ته توکي شاهه جا ڪيترائي بيت مجاز جا مجسما نظر ايندا،
جن ۾ خالص حسن آفريني ۽ فطرت نگاري پيئي ٻڪي. شاهه ۾
فطرت سان ڪيتري نه محبت آهي! مون فرانس جي عظيم
شاعر ’باڊليئر‘ جي ڪلام جو مجموعو، ’گناهه جا گل‘ پڙهيو
آهي ۽ اُن مان هيءُ شعر اجا تائين منهنجي ذهن ۾ محفوظ آهي:
’ تون سڀ کان زياده ڪنهن سان محبت ڪندو آهين؟‘
پر اسرار انسان مون کان پڇيو. ’ پنهنجي پيءُ، پنهنجي ماءُ،
پنهنجي ڀيڻ يا پنهنجي ڀاءُ سان؟ ‘
’مون کي نه پيءُ آهي، نه ماءُ، نه ڀيڻ نه ڀاءُ.‘
’ــ پنهنجن دوستن سان!‘
’ تون اُهو لفظ ڪم آڻي رهيو آهين، جنهن جي معنيٰ کان
اجا تائين ناواقف آهيان.‘
’ ــ پنهنجي وطن سان؟‘
’ مون کي خبر نه آهي ته اِهو دنيا جي ڪهڙي حصي
۾ آهي.‘
’ــ سونهن سان؟‘
’ سونهن کي جيڪر دل سان چاهيان ها، جو ته اُها ديوي
آهي ۽ اَمر آهي.‘
’ــ سون سان؟‘
’مون کي سون کان ايتري نفرت آهي، جيتري توکي
خدا کان.‘
’ اي اَجنبي انسان! تڏهن تنهنجي ڪهڙيءَ شيءِ سان

محبت آهي؟'

'منهنجي بادلن سان محبت آهي! بادل، جي ويندا رهندا آهن — ازلي، حيرت انگيز بادل!'

هيءُ 'بادليئر' جو شعر منهنجي روح جي سيپاري جو هڪ ورق آهي. پر انهيءَ جي مقابلي ۾ شاهه جو 'سر سارنگ' رکي ڏس، ۽ اها سٽ پڙهه:

'آگميو آهي، لکهه پس، لطيف چئي!'

ڇا توکي اِن سٽ ۾ اُها ڪيفيت محسوس نٿي ٿئي، جا "بادليئر" جي نظم ۾ آهي؟ هڙ شعر ۽ اديب جي تخليقات ۾ هن جي ماحول جون روايتون ۽ توهمات پوشيده آهن — توڙي هو قديم شعرا مان هجي يا جديد مان. هن جو روح اهو تلاءُ آهي، جنهن جي ڇَترَ هينان سِرَ ۽ چڪٽي مٽي آهي: تون ان چر کي چانڊوڪيءَ وانگر چمڪي ڏس، ان جي سرن ۽ چڪٽي مٽيءَ کي ڇا ڪندين؟ تون ان ۾ هنج وانگر ٽبي ڏي ته توکي موتي ملن، فقط ڪنهن ڪانوَ جي ڪانگيري ۾ ويهي ڇو ٿو چيخ پڪار ڪرين؟ بهتر آهي ته ڪلاسيڪي شعر جي انهيءَ حصي کي نظرانداز ڪري ڇڏ، جنهن ۾ آفاقيت نه آهي، جنهن ۾ شاعر جي دور جا توهمات ۽ بيڪيف تصورات آهن. ممڪن آهي ته هڪ صديءَ کان پوءِ تنهنجي منهنجي ڪلام لاءِ به ڪنڇيءَ جي ضرورت پوي."

هو ٿورو ڪنگهي چوڻ لڳو، "مان نه سمجهان ٿو ته تصوف ۽ مذهبي پس منظر کان سواءِ سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري هڪ ڪَنڊي جي ڪيل مثال آهي."

مان سوچي رهيو هوس ته ڪٿي هيءُ ديوانو شاعر سچ ته نٿو چوي!

اج هڪ سنڌي ادب جي پانڊيئڙي سان ملاقات ٿي، جنهن

سان هينئن گفتگو ٿي: ”اوهين ترقي پسند آهيو ڇا؟“

”جيڪڏهن ترقي پسند ٿيڻ لاءِ مارڪس جي جدلياتي ماديت ۽ انسان جي لازمي مادي ارتقا ۾ اعتبار، ۽ ادب کي فقط طبقاتي ڪشمڪش جو آئينو ۽ ذريعو تسليم ڪرڻ ضروري آهي، ته مان ترقي پسند نه آهيان.“

”پوءِ ته اوهين رجعت پسند ڇئبا.“

”منهنجيءَ نظر ۾ رجعت پسند اهو آهي، جو ڪنهن صدين جي جهونيءَ تهذيب ۽ تمدن، معاشي ۽ اقتصادي نظام ۽ مذهبي قدرن جو قائل هجي: جو زندگيءَ جي هر نئين مسئلي جي حل جي تلاش ڪنهن آڏوهيءَ ڪاڏل ڪتاب يا قول ۾ ڪري: ۽ جو زندگيءَ ۽ ادب جي هر نئين رجحان جي ان ڪري ترديد ڪري ڇاڪاڻ جو اهو رجحان هن جي موروثي خيالن جي خلاف آهي. نه، مان رجعت‌پسند نه آهيان.“

”اهو ڪيئن: نه رجعت پسند، نه ترقي پسند! تڏهن اوهين ڇا آهيو؟“

”مان فقط ’مان‘ آهيان.“

”يعني؟“

”يعني مان منصور آهيان؛ مون کي هر بي‌سمجھ ڦاهيءَ تي چاڙهيندو.“

”اهو ڪو ’اناالحق‘ جو نئون نعرو آهي ڇا؟“

”— اناالانسان جو!“

”اوهان جي خيال ۾ نئون ادب ڇا آهي؟“

”زندگيءَ ۽ ادب جي هر صحتمند رجحان جو خير مقدم.“

”سنڌي ادب ۾ تنقيد جي ارتقا متعلق اوهان جو ڇا رايو آهي؟“

”سنڌي تنقيد انهيءَ جانور جو نالو آهي، جنهن کي

جهرڪيءَ جو مٿو، ڪاريهر جي چپ، چمڙي جون اکيون ۽ اٺ جي اوجهري آهي."

"ڇا مطلب؟"

"ادبي تنقيد لاءِ نہ فقط جديد ۽ قديم ادب جو وسيع مطالعو، زبان ۽ ادب جي مزاج جي پرک ۽ فن تحرير تي قدرت ضروري آهي، پر تنقيد نگار جي گوناگون، گهري ۽ متوازن شخصيت ئي تنقيد کي صحيح تنقيد بنائي ٿي: مون کي اهي خوبيون سنڌ جي ڪنهن بہ ناقد ۾ نظر نٿيون اچن."

"نئين ادب ۾ فحش نگاري آهي ڇا؟"

"اهو ان تي منحصر آهي تہ اوهين نئون ادب ۽ فحش نگاري ڇا کي ٿا سمجهو. اوهان کي معلوم هوندو تہ جيمس جوائس (James Joyce) جي ڪتاب 'يوليسز' (Ulyseys) تي فحش نگاريءَ جي الزام هيٺ مقدمہ بازي ملي هئي، ۽ آخر آمريڪا جي عدالت فتوا ڏني، ان کي فن جو عظيم شهپارو تسليم ڪيو. ساڳيءَ طرح ڊي. ايڇ. لارينس (D. H. Lawrence) جي ڪتاب "ليڊي چٽرلي جو عاشق" (Lady Chatterleys' Lover) تي بہ اهڙي قسم جي قانوني فتوا ملي چڪي آهي، جنهن تان پڻ تازو اها بندش هٽائي ويئي آهي. خير، هتي جنسيات جو مهذب تصور ناممڪن آهي. هتي جيڪڏهن اهو لکيو وڃي تہ فلاڻو صوفي شاعر ڪنهن هندو ڇوڪري سان عشق ڪندو هو تہ سنڌي ناقد، مجاز کي حقيقت جي پل سمجهي، درياءَ ٽپي ويندو؛ باقي جيڪڏهن ڪنهن حقيقت نگار اديب ڪنهن بہ جنسي حقيقت جو اشاري ۾ ئي ذڪر ڪيو، تہ اُن تي پيئو گاريون ڏيندو. هن جون گاريون بہ اهو ڪارو آهن، جنهن جي چڪن ۾ ٿاڦوڙا هئي، ڦينگون آڏاري، هو فقط پنهنجي روح کي پليد ڪندو رهي ٿو. مون کي جڏهن بہ ڇيو ويو آهي تہ اهڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنقيد جو جواب ڏيان ته مون فقط اهو چيو آهي ته ’ فقير رمندو رهندو ڪتا ڀونڪندا رهندا: ڪتن کي ڪهڙي خبر ته فقير جي گودڙيءَ ۾ ڇا هو؟‘، مان ڀانيان ٿو ته اهي عريان مجسما ۽ تصويرون جن کي ساري مهذب دنيا فن پارا تسليم ڪري ٿي، اسان جي تنقيد نگارن کي فحش لڳندا، جن کي فنون لطيف جي وصف ۽ انهن جي تاريخي، اخلاقي، جنسياتي، نفسياتي ۽ معاشرتي مناسبتن جي ڪافي معلومات نه آهي. انهن کي ڪنهن ادب پاري جي مهذب ۽ فحش هجڻ جي ڪهڙي خبر؟ پنهنجو قلم ته تلوار ڪان به تکو آهي، پر اهو ڪنهن جيتامڙي جي رت ۾ ٻوڙي ڇا ڪبو؟

”هن ڪائنات جي طلسم ۾ جسم جي رعنائي ڪيتري نه هوشربا آهي، سو لطيف سائينءَ هيٺين سٽن ۾ نهايت پياري انداز سان سمويو آهي. (جي اهي سٽون منهنجون هجن ها، ته ڪم فهم نقاد انهن تي به فحش نگاريءَ جو الزام آڻين ها.)

’ڪنواريون ۽ ڪنول، هل ته هسون ڪاڪ جا!‘

(مٿينءَ سٽ ۾ ’ڪنول‘ جو تصور ائين آهي، جيئن ڪنهن مڱينديءَ جو هيانءُ ٽڙي پوندو هجي.)

’هلو هلو ڪاڪ ٽڙين، جتي نينهن اڇل،
نڪا جهل نه پل، جي ويا سي ويڌيا.‘
’ مومل کي مجاز جا، اکين ۾ انبور!‘

(اها سٽ پڙهي، ڪو نيم دماغ ناقد ائين نه چوي ته اکين ۾ آنبور ڪيئن ٿيندا؟ مومل جون اکيون ٿيون يا لوهار جو دڪان!)

”لطيف سائينءَ اِنسان جي تن جي توُنس ’ سر سهڻي‘، ۾ هڪ نهايت باڪمال فنڪار وانگر چٽي آهي:

’ ڪامان، ڀچان، ڀِڄران، لڄان ۽ لوڇان،

تن ۾ تونس پرينءَ جي، پيان نہ ڍاپان،

۽ اها تن جي تونس انسان کي ڪيترو نہ مجبور ٿي ڪري، اُن جو اظهار هيئن ٿو ڪري:

”ساهڙ مون جئن سرتيون، جي ڏسو سيئي،
تہ سمهو ڪين سک ٿي، پاسو ورَ ڏيئي؛
منهان اُڳيئي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي.“

”شاهہ جي شاعريءَ ۾ اهڙا سوين مثال ملندا، جن ۾ جسم جي حسين ترين شاعري آهي. آخر عورت کي بہ تہ جسم آهي؛ اها بہ ’ڪتّن ٿي ڪيهاڻ‘ ۽ ’پلنگ پراٿا، ڏسي راتي لاءِ روئي ٿي سگهي. انهيءَ جنسي محبت کان، چون ٿا تہ فرشتا بہ رهي نہ سگهيا هئا، جي اجا تائين ’چاهہ بابل، ۾ ٽنگيا پيا آهن. زندگي پلي روز ’چاهہ بابل، ٿاهي، اسين اها محبت ادب ۾ چٽيندا رهنداسين، چو تہ اسان کي فرشتي جو روح آهي.

”تعجب آهي تہ مذهب ۽ سياست جيڪڏهن ادب ۽ فن جا موضوع ٿي سگهن ٿا، تہ جنسي نفسيات ڇو نہ ٿي سگهي ٿي! شرط اهو آهي تہ نگاهہ صالح ۽ نگارش ادبي هجي — ۽ جي ائين نہ آهي، تہ پوءِ مذهب خواہ سياست، خواہ جنسي نفسيات، سيئي الڳ الڳ سببن ڪري اعتراض جي قابل ٿي سگهن ٿا.“

”ڇا نئين ادب ۾ دهريت آهي؟“

”ها، آهي: پر ان ۾ ڪيئي تخليقات اهڙيون بہ آهن، جن ۾ ڪنهن آزلي حسن ۽ حقيقت جي جستجو ملي ٿي. دراصل ڪيترائي اديب، روايات جا زنجير ٽوڙي، زندگيءَ جي زندان کي ڍاهي رهيا آهن. انهن اجا زندگيءَ ۽ ادب جا مثبت اقدار طي نہ ڪيا آهن. ڪنهن ڪنهن دور ۾ ادب ۾ طوفان ايندو آهي، جو جهونن سفينن جا بادبان آڏالي ڇڏيندو آهي؛ انهن جو تختو تختي سان نہ ملندو آهي ۽ پراڻن ناخدائن کي

soorinsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندن خدا به بچائي نه سگهندو آهي... ۽ پوءِ نوان مانجهي ساحل ڏانهن وڌندا نظر ايندا آهن. بار بار انهيءَ طوفان جي گواهي اسان کي دنيا جي تواريخي ادب ملي ٿي. اسان جو ادب به اڄ اهڙي دور مان گذري رهيو آهي.“

”اوهين ڪهڙن شاعرن کان متاثر ٿيا آهيو؟“

”اهو ڏکيو سوال آهي. مون مشرق ۽ مغرب جا صدها شاعر پڙهيا آهن ۽ انهن مان ڪيترن منهنجي ذهن ۾ پنهنجو پنهنجو تاثر ڇڏيو آهي. ڪن جون ته فقط ٻه-چار سٽون مدت تائين منهنجي ذهن ۾ اڻين ٻُرنديون رهيون آهن، جيئن ڪنهن موسيقيءَ جو لازوال آلاپ. مثلاً، معلوم نه آهي ته هيءُ فارسي شعر ڪنهن جو آهي، پر اڄ مدت کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ اڀري آيو آهي:

«باده که شیشهٔ دل منصور را گداخت،
در ساغرِ شبینهٔ من جوش مي زند.»

(جنهن شراب منصور جي دل جي شيشي کي ڳاري وڌو، اهو منهنجي راتوڪي پيالي ۾ اٻرڪا ڏيئي رهيو آهي.)

”بهر صورت، مان شاهه لطيف، ڪوي ٽئگور، ميران ٻائيءَ، حافظ، خيام، خليل جبران، گوئٽي، پشڪن، ماياڪوسڪي ۽ باڊليئر کان ڪافي متاثر ٿيو آهيان. لطيف، ٽئگور، ميران ۽ حافظ وحدت‌الوجود جي فلسفي جا قائل آهن، باقي ٻين جا متضاد نظريا آهن، جي سڀ الين آهن جيئن روشنيءَ جا مختلف رنگ. باقي جذباتي طرح مون کي «خيام» ۽ «ميران» سان سيني کان زياده رغبت آهي.

”اها ڳالهه مون هن وقت تائين ڪنهن کي به نه ٻڌائي آهي. توکي مون سان شخصي اُنس آهي، ان ڪري توکي ٻڌايان ٿو.

”الست، جي عهد کان پوءِ جڏهن إنسان عالم بالا مان ڌرتيءَ طرف تي آيا، تڏهن مان تنها پنڌ پيو هوس. جڏهن پنڌ ڪري ڪري ٿڪجي پيس، تڏهن هيڏانهن هوڏانهن نهاريم ته پريان ڪجهه درخت نظر آيا. مون ويجهو وڃي ڏٺو ته انگور جي ول هيٺان هڪ رند لاُابالي پنهنجي صراحيءَ مان جام تي جام پري پي رهيو هو. مون هن سان اچا ڏيٺ ويٺ لي نه ڪئي هئي ته هن صراحيءَ مان جام پري مون ڏانهن وڌايو. مون حيرت ۾ هن کان پڇيو، ’تون ڪير آهين؟‘ هن جواب ڏنو: ’منهنجو نالو عمر آهي، عمر ”خيام“. مون ڪوئي به عهد نه ڪيو آهي ۽ سيني کي لنوائي، پجي آيو آهيان.،

”ايتري ۾ مون کي پريان ڪيڙوءَ رتي لباس ۾ هڪ جو ڳيائي نظر آئي، جنهن کي هڪ ڪلهي تي يڪتارو هو ۽ پٺي تي چونٽري. هوءَ ڳائيندي تي آئي:

’موري جنم مرن کي ساٿي،
توهي نا بسرون دن راتي.‘

(منهنجي جمڻ مرڻ جا ساٿي! تون مون کان ڏينهن رات نٿو وسرين.)

”جڏهن هوءَ ويجهو پهتي ته هن مون کي چيو، ’هيءَ چونٽري ته وٺائي هيٺ رک، مان ڏاڍي ٿڪجي پيئي آهيان. الاجي شيام ڪٿي ملندو!‘

”مون هن کان پڇيو، ’مائي، تون ڪير آهين؟،
’مان؟ مان ميران بائي آهيان.،
’ڪيڏانهن تي وڃين؟‘
’ڪيڏانهن؟ خبر ناهي، شيام الائجي ڪيڏانهن ويو!‘
’انهيءَ چونٽريءَ ۾ ڇا کنيو اٿئي؟،
’ڇا کنيو اٿم؟ اِن ۾ آهي ڳوڙها ڪنا ڪيا اٿم، جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شام جي ويجھڙي ۾ ڳاڙهيندي آئي آهيان،

”هون!، خيام ڪي ڳالهه نه وڻي، ۽ هن مون ڪي اشارو ڪيو ته سندس جام ڀيت ڏيئي ڀي ويان. مون ڇنڪي چکيو— اها تارونءَ ڪي ايتري ته تکي لڳي، جو مون جام رکي ڇڏيو.

’هيءَ انگور جي رس آهي، ڇو نٿو پيئين؟‘ خيام پڇيو.

”مون جواب ڏنو، ’خيام، تنهنجي رس ڏاڍي تکي آهي.‘

”ميران ٻانيءَ ٿڌو ساهه ڪڍي چيو، ’انهيءَ رس ۾ هن ڇونٽريءَ جو ڪجهه، پاڻي ملائي ڀيءُ، شايد ان جي تک گهٽجي وڃي.‘

”مون ’خيام‘ جي رس ۾ ’ميران‘ جا ڳوڙها ملايا؛ ۽ پوءِ ڪيئي جام پي ويس. ان وقت ’خيام‘ هيٺين رباعي ڳائي رهيو هو:

’آمد سحري ندا ز ميخانه ما،
ک اي رند خراباتيءِ ديوانه ما،
برخيز که پرڪنيم پيمانه ز مي،
زان پيش که پر ڪنند پيمانه ما.‘

(صبح جو ميخاني مان صدا آئي ته اي اسان جا رند خراباتي ۽ ديوانا! ان کان اڳ جو اسان جي زندگيءَ جو پيمانو پرجي وڃي، اُٿي ته پيمانو شراب سان پريون.)

”مان ٿوريءَ دير ۾ مدهوش ٿي ويس، ۽ جڏهن جاڳ ٿي، ته خيام ۽ ميران پيئي نظر نه آيا، فقط منهنجي پر سان خيام جي صراحي ۽ جام ۽ ميران جي ڇونٽري رکي هئي؛ آءٌ آهي ڪٿي پنڌ پيس. مون کي ڪافي گهري ننڊ وٺي ويئي هئي: جو ته پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته ’خيام‘ ۽ ’ميران‘ ته مون کان ڪجهه صديون اڳي ڌرتيءَ تي پهتا هئا.

اُنهيءَ صراحيءَ ۽ ڇونٽريءَ مون تي ڪافي اثر ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان دهريو صوفي آهيان، ناستڪ جوڳي آهيان!“

●

ڪنهن چيو ته فلاڻي صاحب تنهنجي ادبي تخليقات تي تنقيد ڪئي آهي. مون پهاڙ تان هيٺ ڏٺو. هڪ وڇون، پهاڙ جي پيرن وٽ هڪ پٿر کي ڏنگ هڻي رهيو هو. پهاڙ خاموش هو، اٽل هو.

●

مون رات خواب ۾ ڏٺو ته ’سامي‘ شڪارپور ۾ هاٿي در اندران ڪنهن جاءِ ۾ ويٺو هو، ۽ پني تڪر تي سلوڪ لکي مٽ ۾ وجهندو ٿي ويو.

مون هن ڏانهن تعجب سان ڏسي چيو، ”سامي، تون اجاتائين اهي سلوڪ مٽ ۾ پيو ڇپائين!“

ساميءَ مرڪي چيو، ”اڳي ته مان ئي فقط اهو سنڌڙيءَ جو شاعر هوس، جو پنهنجو ڪلام مٽ ۾ پوري ڇڏيندو هوس؛ پر هاڻي مون کي يقين آهي ته تون به ائين ئي ڪندين.“

مون مڪ هڻي ساميءَ جو مٽ ڀڃي وڌو ۽ هن جا سڀ پنن جا ٽڪر ڪڍي چيم، ”سامي، نه فقط مان پنهنجو ڪلام علي الاعلان پڙهندس، پر تنهنجو به! تون ۽ مان هن سر زمين جو ماضي ۽ مستقبل آهيون: اسان کي ڪوبه ميڻائي نٿو سگهي!“

آڌيءَ رات جو ننڊ مان جاڳ ٿي. مون اکيون پٽي مٿي ڏٺو. آڪاش جي مندر ۾ ڏيئا جلي رهيا هئا. ويساک جو منو چنڊ، ڪنهن پوڄاريءَ جي سيتل آتما جيئن تي لڳو. مون چيو، ”آتي، آرتيءَ جو وقت آهي، ويل وهامي نه وڃي!“ پوءِ آئي مان ڪوٺيءَ جي ڇت وٽ آيس. سامهون اونداهو ساڌ بيلو، جنون ۾، سچل سرمست جي وارن وانگر تي لڳو. چنڊ جا ڪجهه ڪرڻا پاڻيءَ تي ٽانڊاڻن وانگر چمڪي رهيا هئا.

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوچتو ساڏ ٻيلي مان مور رڙ ڪئي، جا ٻڙڇيءَ جي وار وانگر آسمان چيري ويئي. مون حيرت ۾ سوچيو ته هيءُ ساڏ ٻيلو ڪيترو نه تنها ۽ ويران آهي! معلوم نه آهي ته هيءُ مور آن ڪي ڇڏي چو نه ٿو وڃي! رات جي هن آٿاهه خاموشيءَ ۾ رڙيون ڇو ٿو ڪندو رهي؟

مون کي منهنجي هڪ هندو استاد، هڪڙي ڏند-ڪٿا ٻڌائي هئي، جا ياد اچي رهي هيم — "جڏهن ڪلجگ شروع ٿيو هو ته سنڌو-ديش تي ڪجهه پاپي ڪاهي آيا هئا. هو نردئي هئا ۽ اسان جا ديش‌واسي دياوان. هنن جي سوڀ ٿي ته هنن چوڌاري ڦرلٽ، اهنج آنياءُ مچائي ڏنو. اسان جا ديش‌واسي سڀ خاموشيءَ سان ڏسندا رهيا. سنڌو درياءُ تڏهن اروڙ جي ڀر سان وهندو هو. درياءَ جي ڪپ تي هڪ رشي تپسيا ڪندو هو ۽ سڄو وقت ڌيان گيان ۾ گذاريندو هو. ڀرسان هڪ ماڙي هئي، جنهن ۾ 'سنڌيا' نالي هڪ پتورتا استري رهندي هئي. جڏهن پاپي هن جي ست تي حملا ڪري آيا ته رشي ترشول کڻي ڊوڙيو ۽ ڪجهه پاپين جي ڇاتين کي چيلي وڌائين. هڪڙي پاپيءَ وجهه، وٺي رشيءَ کي ترار سان ٻه اڌ ڪري وڌو. آن کان پوءِ آن رشيءَ مور جو جنم ورتو ۽ اڃاتائين مور جي جُونِ ۾ آهي. جڏهن اڌ رات ٿيندي آهي ته هو رڙيون ڪندو آهي ته دستجگ وري ڪڏهن ايندو؟ پاپي ڪڏهن ناس ٿيندا!؟"

مون ان وقت انهيءَ ڏند-ڪٿا تي اعتبار نه ڪيو هو؛ پر هاڻي گويا سچي لڳي رهي هئي. فقط بار بار اهو خيال اچي رهيو هو ته هيءُ مور آڏامي ڇو نٿو وڃي؟ هيءُ جڳ پاپ جي نگري آهي؛ هن ۾ پاپ ڪُنندو ته نه، وڌندو نظر اچي رهيو آهي؛ پوءِ به هي مور رڙندو ٿو رهي!-- ڇو؟ ڇو؟ مان اڌ رات جو ڇو ٿو آٿان؟ مان گيت ڇو ٿو لکان؟ هن پاپ جي نگريءَ

۾ گيتن کي ڪهڙي معنيٰ آهي، ڪهڙي اهميت آهي!... اوهه،
مون کي ڏکڻ جي واءُ ۾ ننڊ ڙي ٿي اچي. منهنجا آواره خيال
ڪٿي وڃيو نڪرن! مور جي رڙين سان منهنجن گيتن جو
ڪهڙو واسطو؟

اي چنڊ! تون هن ڪائنات جو خاموش تماشبين آهين. اي
چنڊ، ڪڏهن ڪڏهن تون انسان جي روح ۾ ليٽو پائيندو آهين؛
ڪڏهن ڪڏهن تو کي اها جاءِ وڻي ويندي آهي ۽ پوءِ تون
اتي واسو ڪندو آهين. تنهنجو جسم ته آسمان ۾ هوندو آهي،
پر تنهنجو روح ڪنهن ماڻهوءَ جي من ۾ هوندو آهي. اي چنڊ،
تون منهنجو پيدي آهين. تون ۽ مان، ٻئي واٽهڙو آهيون ـــ ڪنهن
دور ديس جا، اڻٿڪ، ازلي راهي: تنهنجو منهنجو پنڌ پڄندو به
يا نه؟ اي چنڊ، تو هن نگريءَ ۾ مون جهڙو ٻيو به ڪو سودائي
شاعر ڏٺو هو؟ مون ٻڌو آهي ته بيڪس روهڙيءَ ۾ سنڌو ڪنارت
وٽ آڌيءَ رات جو ڪنيي سان اچي ويهندو هو، ۽ ڪنيو،
ڪن تي هٿ رکي هن جي ڪافي ڏاڍيان ڳائيندو هو:

"ساجن سائين سير ڪرڻ لئه آيو تي اِنسان،
ڪاٿي ڪافر، گبر، يهودي، ڪاٿي مسلمان،
ساجن سائين ...."

اها ڪافي ٻڌي، ساڏ پيلي جو مور زور سان رڙيون ڪندو
هو: "ائين نه آهي 'بيڪس' سائين، ائين نه آهي! سڀ اِنسان
ساجن جو سروپ نه آهن. هيءُ سارو جيون پاپ ۽ پڇ جي پڌ
آهي؛ ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ پڌ ۾ پڇ اڪيلو آهي، بلڪل
اڪيلو!"

وڏا چوندا هئا ته مور جو آواز ٻڌي، بيڪس سانت ۾ اچي
ويندو هو، ۽ ڌرتيءَ تان پٿر کڻي، پاڻيءَ ۾ چنڊ جي پاڇي کي
هڻندو هو. چنڊ لهرين ۾ پڇجي پورا ٿي پوندو هو، پر توري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت ڪان پوءِ چنڊ جو ڀاڱو هڪ جاءِ تي اچي ويندو هو. اي سهڻ! تون چنڊ جو ڀاڱيءَ ۾ ڀاڱو آهين، تو کي ڪا به ضرب پڄي پورا ڪري نٿي سگهي!

اڄ رات جي پوئين پهر ۾ جاڳ ٿي. برپان درياءَ تي پيڙيءَ جا سڙهه، ڏانديءَ تي ويٺل پوپٽ جي پرن وانگر لڳي رهيا هئا. آسمان ۾ ننڍڙيون اڇيون ڪڪريون ائين ٿهليل هيون، جيئن ڪنهن سهڻيءَ مهانيءَ جي تڏيءَ تي پلي جا چلر. مون اکيون مهٽيون، نيراڻ ۾ نهاريو. نظر نمرود جي تير وانگر آڏامندي ويئي.

هن رنگارنگ ڪائنات جو ڪوئي آنت نه آهي: اها نه شروع ٿي آهي، نه ختم ٿيندي. نه اُن جي مڪان ۾ ابتدا ۽ انتها آهي، نه زمان ۾: اِها اِتي ۽ ائين آهي، اِتي ۽ ائين رهندي: نه ان جي حسن ۾ ڪمي ايندي، نه حيرت افزائيءَ ۾.

ڪير ٿو چوي ته هيءُ جهان فاني آهي؟ هيءُ جهان باقي آهي، آزلي آهي، آبدي آهي!

اي شاعر! انهيءَ هم حيرت، هم حسن ۾ محو رهه ته تنهنجي شاعريءَ کي آبديت ملي وڃي.

پنيي ۾ ٻاٽ. ڪنهن تيلي جلائي ڏياتيءَ تائين آندي. سوجهري ۾ ڇپُل تڏي تي رليءَ مٿان ڪوئي بيمار ڪنجهي رهيو هو.

”ابا، آيو آهين،“ هن ڪنجهندي ڪرڪندي چيو. نوجوان ڪوئي جواب نه ڏنو ۽ ڏياتيءَ ۾ تيل ڏانهن ڏٺائين، جنهن ۾ فقط وٽ جي پڇڙي ٻڏي رهي هئي.

”ابا، ولوءَ ڇا چيو. ڪوئي چاڙهو ٿيندو؟“ بيمار ڪنگهندي پڇيو. نوجوان وري به جواب نه ڏنو. هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي ڏياتيءَ ۾ پوندا رهيا. ڏياتي ڳوڙهن سان پرجي ويئي ۽ ان ۾ ساري وٽ ٻڏي ويئي.

”ابا، هتي اوندهه آهي، اِها ڏيائي ته جاري مان لاهي هيٺ رک،“ بيمار تپ ۾ تڙپندي چيو.

نوجوان ڏيائي لاهي بيمار جي پرسان رکي، ته بيمار ان ڏانهن ڏسي چيو، ”ابا، هيءَ ته ڪافي پريل آهي. جهونجهڪڙي تائين جلندي رهندي.“

نوجوان وري به چپ.

”ابا، هيءَ وٽ ائين چوٽي پڙڪا ڏئي؟ ابا هن ڏيائيءَ ۾ وٽ ته ناهي، اوندهه ٿيندي ٿي وڃي..... تڏي..... تڏي اوندهه..... ابا.....“

●

شبنم آسمان تان ڊوڙندي آئي ۽ اچي نرگس کي چميائين، ۽ هن کان پڇيائين، ”تون مون کي ڏسي سگهين ٿي؟“

نرگس ورائيو، ”مان توکي ڏسي ته نٿي سگهان، پر ايترو يقين سان چئي سگهنديس ته تنهنجي محبت پاڪيزه آهي، پائيدار نه آهي.“

●

ماڪ گل کي چيو ته ”مان تنهنجي لاءِ آسمان تان ڊوڙندي آئي آهيان.“

گل ماڪ کي چيو ته ”مان تنهنجي لاءِ زمين چيري نڪتو آهيان.“

ٻوءِ ٻيئي همآغوش ٿي ويا. اِها آهي محبت جي اِبتدا.

●

آڏي اک چور جي اڌ پٽيل ڳڙ کي آهي، جنهن مان هر ليئي ۾ آنڌ مانڌ ۽ ڊپ ڊاءُ هوندو آهي.

●

چنڊ کي چڪور جي اکين ۾ ڏسندين، ته توکي چنڊ جي چهري جا داغ نظر نه ايندا.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن ڪنهن فنڪار ۽ ان جي پوئلڳ ۾ بارش ۽ سج واري محبت ٿئي ٿي.

●

شاعر فرشتو نہ آهي. پر فرشتو بہ تہ شاعر نہ آهي.

●

زندگيءَ جا پرڪشش واقعا انگور جي داڻن وانگر آهن، جي شاعر جي روح ۾ رچي، شراب ٿي نڪرن ٿا، ۽ هو آنهيءَ کي رنگارنگ ڪوزن ۾ دنيا اڳيان پيش ڪري ٿو.

●

اهو شاعر جو نفساني خواهشن ۾ فرار ڳولي، ان چڪور جي مثال آهي، جو چنڊ کان مايوس ٿي، ٽانڊي تي جهڙپ ڏئي.

●

جيڪڏهن عورت ۽ شراب مان هڪ کي چونڊڻو پوي، تہ مان جيڪر شراب کي چونڊيان. ۽ جيڪڏهن شراب ۽ ڪتاب مان هڪ چونڊڻو پوي، تہ مان جيڪر ڪتاب کي چونڊيان.

●

منهنجو تصور اهو ميخانو آهي، جنهن ۾ جابجا ٽٽل جام ۽ صراحيون پکڙيل آهن. جڏهن جڏهن مون کي شراب جو ذائقو پسند نہ آيو، مون جام جو سر ڀوڙي ڇڏيو ۽ صراحيءَ جي گردن ٽوڙي ڇڏي. مون تي اهو گناهہ معاف آهي، ڇو تہ منهنجي دم سان رندي ۽ مستي زنده آهي.

●

جي چڪور چنڊ کي ڇهُو تہ چنڊ چنڊ نہ رهندو، ۽ چڪور چڪور نہ رهندو.

●

پاڻيءَ ۾ چنڊ جو عڪس ڏسي، مڇيءَ سوچيو ته ”مان چڪور کان زياده خوش نصيب آهيان.“

●

ڪير زياده حسين آهي، شهڪار يا اُن جو فنڪار؟

●

مان اِهو سوچي اڃا تائين منجهي پوندو آهيان ته شعر حسن جو انڪشاف آهي يا ان جي تخليق!

●

جنهن جي روح ۾ راڳ نه آهي، اُن جي راڳ ۾ روح نه آهي.

●

چپ َ، ڪوئل کي نفرت سان ڏسي، چيو، ”تون پنهنجو رنگ ته ڏس، ڪوڪين ڇا ٿي ٿي؟“

●

فنڪار جي شڪست فن جي فتح آهي.

●

شاعر فلسفيءَ کي چيو ته ”جي تون فلسفي نه هجين ها، ته خدا کي مڃين ها.“
فلسفيءَ شاعر کي چيو ته جي تون شاعر نه هجين ها ته خدا کي نه مڃين ها.

●

جو اڻ ڳاتي کي ڏسي ۽ اڻ ڏٺي کي ڳائي، اهوئي بهترين شاعر آهي.

●

مون ڪنهن ٿتل قبر مان انساني کوپري کڻي، ان کي ڪرڙي صاف ڪيو، ۽ ان ۾ شراب پري، اُن کي چنڊ جي سامهون آندو. جڏهن چنڊ جو عڪس شراب ۾ جهلڪڻ لڳو، تڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون آسمان ڏانهن منهن ڪري پڇيو، ”هي تخليق جو تصور ڇا تو سمجهين؟“

●

مان ماضيءَ جي ماضيءَ ۽ مستقبل جي مستقبل جو شاعر آهيان.

●

ڪائنات ۾ اول ڪهر هو— جميل يا جمال؟

●

شاعر جو مذهب فقط شاعري آهي.

●

اي ڪاش! مان گمناميءَ ۾ جيئان ۽ گمناميءَ ۾ مران. بدنامي ۽، ان ڪان به وڌيڪ، نيڪنامي شاعر جي تخليقي انفراديت لاءِ مهلڪ آهي.

●

ڪيئي ڪتاب منهنجي مطالعي ۾ آيا، پر ائين جيئن ساوڻ جو مينهن درياءَ تي وسي، جيئن اونهاري جي آس بنيءَ تي پوي.

●

هر شاعرِ محبت شاعرِ انقلاب آهي، هر شاعرِ انقلاب شاعرِ محبت نه آهي.

●

اي رازِ آزل! تون هر وقت منهنجو پيڇو ڪندو ٿو رهين، پر جڏهن به مون منهن ورائي ڏٺو، تڏهن تو منهن تي نقاب وجهي ڇڏيو.

●

جيڪڏهن مون کي ڪوئي اهو سمجهائي ته پرهه جو پکيئڙا ڇو ٿا ڳائين، ته مان هن کي پيغمبر ڪري مڃان.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اشرف‌المخلوقات اِنسان نہ پر پکي آهن، جن جو زياده تر وقت اڏامڻ ۽ ڳائڻ ۾ گذري ٿو.

●

تون بکيو هئين، مون توکي ماني ڏني؛ تون اُڃيو هئين، مون توکي پاڻي ڏنو. جڏهن تو ڪائي ڏوڪيو تڏهن تو منهنجي وات مان گرهہ کسي ڦٽي ڪيو؛ جڏهن تو پاڻي پي پياس بجهائي، تڏهن تو منهنجي چپن تان پيالو کسي ڇيهون ڪري ڇڏيو.

●

جهونجهڪڙي جو ڪوهيڙو چانيل هو ۽ ماڪ وسي رهي هئي، گويا خدا ڪچيءَ ننڊ مان جاڳي اکين تي چنڊا ٿي هنيا.

●

هيءَ سرد خاموش شام! گويا ڪائنات جو آداس روح منهنجي پهلوءَ ۾ آهي.

●

مان هر رات سوچيندو آهيان تہ ڏينهن ڪيڏانهن ويو! ۽ ائين محسوس ڪندو آهيان تہ هر انسان جاڳ ۾ ننڊ کان بہ زياده غافل آهي.

●

مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ چنڊ اکين کي ايترو چو ٿو وڻي! آن ۾ اِهو ڇا آهي، جنهن کي اسان حسن چئون ٿا؟ مادي فلسفي ۾ اعتبار رکندڙ چون ٿا تہ حسن ڪوئي دائمي قدر نہ آهي، ان جي تصور ۾ زمان ۽ مڪان جي فاصلي سبب ڪيتروئي اختلاف آهي. پر مان پڇان ٿو ائين چو آهي تہ دؤر قديم کان وٺي اڄ تائين چنڊ کي حسين سمجهيو ويو آهي؟ اهڙو ڪوئي بہ دؤر ۽ اهڙي ڪائي بہ جاءِ نہ آهي، جتي انسان چنڊ کي حسين نہ سمجهيو هجي. آن ۾ اهو ڇا آهي، جنهن کي اسان حسن چئون ٿا؟ ۽ انسان ۾ اهو ڇا آهي

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو ان جي حسن کان يڪدم متاثر ٿي وڃي ٿو؟ انهن ٻن سوالن جو جواب مون لاءِ خود تناسيءَ جو درجو رکي ٿو، ڇو ته اِن کان پوءِ ئي مان سمجهي سگهندس ته مان شاعر ڇو آهيان.

●

هن دؤر ۾ انسان ڪي ايترو ته جاڳايو ويو آهي، جو هن ڪي بي‌خوابيءَ جي بيماري ٿي پيئي آهي.

●

رات جي پوئين پهر ۾ ڪائنات ڪنهن آزلي شاعر جي گيت سان گونجندي آهي.

●

جي مان توکي چوان ته مون خدا کي ڏٺو به آهي ۽ نه به ڏٺو آهي، ته تون مون کي چريو سمجهندين؛ پر مان به توکي سياڻو نه سمجهندس.

●

اونهاري جي تتهڻ اُس ۾ رلندي رلندي، ڪنهن بزرگ ڪوئي درخت ڏٺو، ۽ ان جي ڇانوَ هيٺان ويهي ٿڪ لاٿائين ۽ دعا گهري خدا جو شڪر بجا آندائين. جڏهن بزرگ دعا جا هٿ هيٺ ڪيا، تڏهن درخت ٽاريون آسمان ڏانهن ڊگهيريون ۽ چيو ته ”يا رب! جي تون هن بزرگ جو خدا آهين، ته منهنجو خدا هرگز نه آهين. مان صديون اُس ۾ سڙيو آهيان، ته مون تي اڃا تائين ڪنهن ڪڪريءَ ڇانو نه ڪئي آهي.“

●

گلاب تي گهڻا پؤنر مڙندا، ته گلاب جي خوشبوء ته گهٽجي نه ويندي.

●

محبت اهو گلدان آهي، جنهن ۾ مرجهايل گل لاءِ ڪائي جاءِ نه آهي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون هن جهڙيون سهڻيون اکيون ڪٿي به نہ ڏٺيون آهن؛ ڪوهِ ندا جي صدا جهڙيون اکيون، ”فنافي الوجود“ جهڙيون اکيون، سرمد جي ڪلمي جهڙيون اکيون!

●

منهنجي روميءَ کي علامہ اقبال جي روميءَ واري ساندي جي ڪل نہ آهي: هن ۾ برگسان جي ’خودي‘ ۽ نتشي جو ’انسانِ ڪامل‘ نہ آهي. منهنجو رومي ”وحدت الوجود“ آهي، ”همہ اوست“ آهي، شاهہ لطيف جو رهبر ڪامل آهي، ”اسلامي فلاطونيت“ آهي، سراپا محبت ۽ انسانيت آهي — فاشزم جو علمبردار نہ آهي.

●

غالب جو گناهہ هن جي شراب نوشي نہ پر قصيده نويسي هو.

●

سچل سرمست سنڌ جو پهريون باغي شاعر هو. ڪاش! هو پنهنجي تلوار تصوف جي مياڻ مان ڪڍي سگهي ها!

●

مون ڪاليداس جو ’وڪرم اروسي‘ پڙهي محسوس ڪيو تہ اِهو ڪتاب مون لکيو آهي.

●

منهنجو تخيل هڪ ڪليسا آهي ۽ مان ان جو راهب آهيان. منهنجو شعر بہ ئي بنان بہ آهي ۽ صليب تي بہ چڙهي چڪو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀلنامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٦	١٧	ڪاريءَ ڀاٽ راٽ ۾	ڪاريءَ ڀاٽ ۾
٣١	٢٣	ماڪ جو ڦرو	ماڪ جو ڦڙو
٤٩	١٠	تنهنجي خون ۾	تنهنجي جسم ۾ ....
		نان جو ورن	نان جو رت
٥٣	٧	من وسامي، پسم ٿي	من ڳائون مائون ٿي
٥٩	٢١	ڪمزوريءَ ۽ سچائيءَ جي	ڪمزوريءَ ۽ ڪچائيءَ جي
٦٢	٧	ازل جو سگ	ازل جو سنگ
٦٩	٥	ڄين ۾	ڄين ۾
٧٤	١٦	اثباب	اثبات
٨٠	١٥	پيڇڙو	پيڇو
٨١	٢١	ڀيني ڀيني	ڀني ڀني
٨١	٢٤	۾ نئن	۽ نئن
٨٤	٢١	تجزبي ۾	تجزيي مان
٩١	٣	ڏيٺي ٻريءَ مهل	ڏيٺي ٻري مهل
١٠١	١	”سري آڪال“	”ست سري آڪال“
١٠٢	٢٠	ادبي ذوق ۽	ادبي ذوق ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
١٠٥	١٣	جن ۾ نديءَ جي	جن جي روشنيءَ ۾ نديءَ جي
١٠٨	٦	مٽيءَ کي	ڪيلهي کي
١١١	١۴	مٽيءَ تي	مٽيءَ کي
١١٣	۴	ذهين ادب	ذهين اديب
١١۷	١١	جابن	جابو
١٢١	١١	حوص	هوس
١٢٨	۷	سرشتيءَ	سرشتيءَ
١٣۷	٥	جن مان	جنهن مان
١٦٢	٥	سلقيون	سلفيون
١٦۷	٥-٦	فنون لطيفہ جي وصف ۾	فنون لطيفہ ۾
١۷١	١	شام	شيام
١۷٦	۷	”ابا، ولوءَ ڇا چيو.	”ابا، وڏل ڇا چيو.

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شيخ اياز

1. جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاڪڙي (پڌرو ٿيل)
2. ڪلهي پاتم ڪينرو (پڌرو ڪيل)
3. پونر پري آڪاس (ڇاپي هيٺ)

soorhiyasindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu